# قلندر شعُور

**خواجه شمس الدين عظيمي**

سنڌيڪار: عبدالرحمان خاصخيلي عظيمي

ڪمپوزنگ: مير آفتاب احمد ٽالپر

پيشڪش:

## عظيميہ روحاني لائبريري بدين


## وائيس آف سنڌ اي بڪ پبلشر

Website: www.voiceofsindh.net E-mail: voiceofsindh12@yahoo.com

سمورا حق ۽ واسطا انسان ذات لاءِ محفوظ

كتاب جو نالو: قلندر شعور
مصنف: خواجہ شمس الدين عظيمي
سنڌيكار: عبدالرحمان خاصخيلي عظيمي
ٽائيٽل: بابر علي عظيمي (ٽنڊو محمد خان)
ڪمپوزنگ: آفتاب احمد ٽالپر
ڇاپو: پهريون (سنڌيءَ ۾) جنوري 2009ع
قيمت:

پيشكش: عظيميہ روحاني لائبريري بدين

ملڻ جو هنڌ:

مركزي مراقبہ هال، سرجاني ٽائون كراچي
سنڌ جا سمورا مراقبہ هال ۽ عظيميہ روحاني لائبريريون
سنڌ جا سمورا بُڪ اسٽال

# پيش لفظ

دور حاضر جي عظيم صوفي بزرگ ۽ روحاني اسڪالر حضرت خواجہ شمس الدين عظيمي پنهنجي تصنيف "قلندر شعور" ۾ خاص طور تي ٻن ڳالهين جي وضاحت پيش ڪئي آهي. الله تعاليٰ ڪائناتي پروگرام ٻن طرزن خير ۽ شر تي ترتيب ڏنو آهي. ڪائنات جي خالق حضرت آدمؑ کي جڏهن پنهنجي نيابت عطا فرمائي تڏهن فرشتن عرض ڪيو تہ هي ڌرتي تي فساد برپا ڪندو. اهو ٻڌائڻ لاءِ آدم جي اندر شر ۽ فساد سان گڏوگڏ فلاح ۽ خير جو ڇوليون هڻندڙ سمنڊ بہ آهي. الله تعاليٰ آدمؑ کي فرمايو، "پنهنجيون تخليقي صفتون بيان ڪر. جڏهن آدم عليہ السلام تخليقي صفتون ۽ تخليق ۾ ڪم ڪندڙ فارمولن "اسماءِ" بيان ڪيا. تڏهن فرشتن چيو، "پاڪ ۽ مقدس آهي اوهان جي ذات، اسين ڪجهہ بہ نٿا ڄاڻون مگر جيتري قدر علم اوهان اسان کي بخشيو آهي. بيشڪ اوهان جي ذات علم ۽ حڪمت واري آهي......"

غور ۽ تفڪر سان اها ڳالهہ سامهون اچي ٿي تہ الله تعاليٰ جي ذات ڪائناتي پروگرام ٻن طرزن شر ۽ خير تي بنايو آهي. انهيءَ ڪري جو فرشتن جيڪو ڪجهہ وراڻيو ان جي ترديد ناهي ڪئي ويئي......

هن ڪتاب ۾ ان شعور کي اجاگر ڪيو ويو آهي تہ قلندرانہ، پيغمبرانہ شعور ۽ رحماني طرز فڪر صراطِ مستقيم آهي. جنهن جي ذريعي انسان الله تعاليٰ سان قريب ٿيندو آهي. ٻي طرز فڪر شيطاني طرزِ فڪر آهي. جنهن سان ماڻهو الله تعاليٰ کان پري ٿيندو رهي ٿو. شيطاني طرزِ فڪر ۾ حسد، بغض، نافرماني، ڪاوڙ ۽ انتقامي جذبو شامل آهن.

قلندرانہ شعور جي ذريعي ماڻهو تي اها حقيقت آشڪار ٿئي ٿي تہ نظر اچڻ وارو انسان جو مٽيءَ وارو وجود حقيقي ناهي. پر مٽي جي وجود کي حرڪت ڏيڻ واري قوت، ٻڌڻ، ڏسڻ، سونگهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي صلاحيت بيدار ڪرڻ واري قوت امر رَبِيّ "انسان جو اصل" آهي. جيڪو غير فاني آهي ۽ هميشہ قائم رهڻو آهي.

قرآن مجيد ۾ هڪ جڳهہ تي ارشاد آهي.

**وَلسئلونک مَنِ الرُّوح ० والرُّوح مِنّ اَمّر ربّي.** (بني اسرائيل)

"اي محمد (صلي الله عليہ وسلم) هي توهان کان روح جي باري ۾ پڇن ٿا. چئو تہ روح منهنجي ربّ جو امر آهي — "

هڪ ٻئي هنڌ تي ارشاد ٿئي ٿو: "**اِنّما اَمّرُہٗ اِذا ارادَشيئًا اَنّ يَّقولَ لَہٗ کُنّ فَيَکُونُ**.०

ترجمون: "ان امر اهو آهي تہ . . جڏهن هو ڪنهن شئي جو ارادو ڪري ٿو ۽ چوي ٿو 'ٿي وڃ' ۽ اهو 'ٿي' وڃي ٿو..."

جيڪي پنهنجي ذات پنهنجن اصل پنهنجي نفس يعني روح جو عرفان حاصل ڪري وٺن ٿا. اهي وقت ۽ فاصلي جي قيد مان آزاد ٿي ويندا آهن. اهڙن ئي انسانن کي الاهي صفتن جو عرفان نصيب ٿيندو آهي. ڇو تہ جيڪو پنهنجي حقيقت کان اڻ واقف آهي اهو الله رب العالمين جي لامحدود صفتن واري ذات جو عرفان ڪيئن ٿو حاصل ڪري سگهي.

حضرت عظيمي صاحب ڪتاب قلندر شعور جي ذريعي انسان ذات کي پيغمبرانہ طرزِ فڪر ۽ انسان جي حقيقت کان آگاهہ ڪيو ويو.

هن ڪتاب جي علمي ۽ نوراني روشنيءَ کي سنڌي ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ آساني پيدا ٿيندي، خاص ڪري ٻهراڙيءَ سان تعلق رکندڙ جيڪي انگريزي ۽ اردو زبان آساني سان پڙهي ۽ سمجهي نٿا سگهن. اميد آهي تہ انهن جي طرزِ عمل ۽ طرزِ فڪر ۾ ضرور تبديلي جو باعث ٿيندو. سلسلہ عظيمہ جي مخلص ڪارڪن عبدالرحمان خاصخيلي عظيمي جو تعلق بدين شهر سان آهي. جنهن هن ڪتاب جو آسان سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمون ڪيو آهي. علم تصّوف ۾ خاص طور تي استعمال ٿيندڙ محاورن ۽ اشارن کي آساني سان پش ڪيو آهي.

دعا آهي تہ الله رب العزت اسان جي ساٿي عبدالرحمان عظيمي صاحب جي هن ڪاوش کي قبول فرمائي ۽ ڪيس وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ ڀرپور لگن، ايثار عطا فرمائي. (آمين)

غلام مصطفیٰ عظيمي
نگران،
مراقبہ هال ڊگهڙي.

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

جڏهن الله تعالىٰ پنهنجي ذهن ۾ موجود ڪائناتي پروگرام کي شڪل ۽ شبيهه سان وجود ۾ آڻڻ چاهيو تہ "ڪُن" فرمايو. تڏهن الله تعالىٰ جي ذهن ۾ ڪائناتي پروگرام هڪ ترتيب ۽ تدوين سان گڏ هن طريقي سان وجود ۾ اچي ويو.

- هڪ ڪتاب المبين
- هڪ ڪتاب المبيبن ۾ ٽيهه ڪروڙ لوح محفوظ
- هڪ لوح محفوظ ۾ اسي هزار حضيرا
- هڪ حضيري ۾ هڪ کرب کان وڌيڪ مستقل آباد نظام ۽ ٻارنهن کرب غير مستقل نظام آهن.
- هڪ نظام جي پکيڙ هڪ سج (STAR) جيتري هوندي آهي. اهڙي طرح هر سج جي چوڌاري 9، 12 يا 13 سيارا گردش ڪندا آهن.

اهو فقط هڪڙو خيال ئي آهي تہ انسان جي آبادي صرف زمين يعني اسان جي هن نظام شمسي تي قائم آهي. جڏهن تہ انسان ۽ جنات جي آبادي هر حضيري تي موجود آهي. هر آبادي ۾ زندگي جو نمونو اهڙي ئي طرح قائم آهي جنهن طريقي سان هتي زمين تي موجود آهي. بک، اُڃ، خواب، بيداري، محبت، ڪاوڙ، جنس، نسلي واڌ ويجهہ سميت زندگي جا سمورا تقاضا، هر جذبو هر طرز سمورن سيارن تي جاري و ساري آهي.

هڪ حضيري تي هڪ کرب کان وڌيڪ نظام واقع آهن. هڪڙي آباد نظام کي قائم رکڻ لاءِ غير مستقل نظام ڪنهن اسٽور جي حيثيت رکن ٿا. غير مستقل جو مطلب آهي ـــ اُهي نظام جيڪي ٺهن ٿا ۽ ٽٽي وڃن ٿا. هن ٽوڙ ڦوڙ سان آباد مستقل نظام فيڊ (Feed) ٿيندا رهن ٿا. هر نظام ڌار ڌار آسمانن، زمين، جبل، حيوانات، جمادات، نباتات وغيره اهڙي طرح موجود آهن. جنهن نموني اسان پنهنجي هن موجوده نظام ۾ ڏسون ٿا.

الله تعالىٰ جڏهن انسان ۽ جنات کي پنهنجي محبت سان تخليق ڪيو. تہ انهن جي رهائش لاءِ بهشت کي پنهنجو پسنديده جڳهہ قرار ڏنو. ۽ فرمايو ـــــ "اي آدم ـ! تون پنهنجي زال سان گڏ بهشت ۾ قيام ڪر. ۽ جتان دل چاهي خوش ٿي بهشت جي نعمتن سان ٻُک ۽ اُڃ اجهايو ـــ ۽ ڏس هُن وڻ جي ويجهو نہ وڃج. ويجهو وڃڻ جي صورت ۾ تنهنجو ڳاڻيٽو ظالمن ۾ ڪيو ويندو.ـــــ"

حقيقي زندگي گذارڻ جي ترغيب ڏيڻ ۽ دوزخ کان بچڻ جي هدايت لاءِ دنيا ۾ هڪ لک چوويهہ هزار پيغمبر اچي چڪا آهن. انهن پيغمبرن جي تعليمات کي پکيڙڻ لاءِ انهن جا وراثت يافتہ دوست ايندا رهيا آهن. ۽ ايندا رهندا. هي سمورا بزرگ، اوتار ۽ اولياءالله پنهنجي پنهنجي ماحول ۾ رائج ٻولي ۽ تهذيب مطابق وحدانيت جو پرچار ڪندا رهن ٿا تہ الله هڪ آهي، يڪتا آهي، بي نياز آهي، نہ هو ڪنهن جو پيءُ آهي نہ ئي پُٽ آهي ۽ نہ ان جو ڪو ڪٽنب يا خاندان آهي. هن ئي وحدت ۽ وحدانيت تي هر مذهب الڳ الڳ راڳ آلاپي رهيو آهي. ڌرتي تي اهڙو ڪو بہ مذهب نہ آهي جيڪو الله تعالىٰ جو انڪاري هجي.

الله جي دوستن احديت، صمديت، حقانيت ۽ وحدانيت کي سمجهائڻ ۽ سمجهڻ لاءِ مختلف رستا ۽ ڌار ڌار طريقا ٻڌايا آهن.

## معرفت جي مشعل

قدرت پنهنجو پيغام پهچائڻ لاءِ ڏيئي مان ڏيئو روشن ڪندي رهندي آهي. معرفت جي مشعل هڪڙي هٿ کان ٻئي هٿ تائين منتقل ٿيندي رهندي آهي. صوفي، ولي، غوث، قطب، مجذوب، اوتار، قلندر، ابدال قدرت جا اهي هٿ آهي جنهن ۾ روشني جي مشعل ٻرندي رهي آهي. هي پاڪيزه ماڻهو اُن روشنيءَ سان پنهنجي ذات کي بہ مُنوَّر رکن ٿا ۽ ٻين کي روشني پهچائيندا رهن ٿا. اهو سڀ ڪجهہ رڳو تاريخ جي ورقن ۾ ئي موجود نہ آهي پر ماڻهن جي دلين تي انهن بزرگن جا داستان ۽ اکين ڏٺل واقعا زنده ۽ محفوظ آهن. انهن جي دعائن سان مُردن کي زندگي، بيمارن کي شفا، ٻکايلن کي ڪاڏو، غريب بي حال ۽ لاچار ماڻهن کي اولاد ۽ مال و دولت جا انعام ملندا رهندا آهن.

## قلندر جو درجو:

انهن ٻانهن مان جيڪي قلندر هوندا آهن، اهي زمان ۽ مڪان (Time and Space) جي قيد کان آزاد ٿي ويندا آهن ۽ سمورا ذي روح ان جي ماتحت ڪيا ويندا آهن. ڪائنات جو ذرو ذرو ان جي حڪم جو تابع ٿي ويندو آهي. پر الله جا اُهي نيڪ ٻانها غرض، طمع، حرص ۽ لالچ کان بي نياز هوندا آهن. مخلوق جڏهن ان جي خدمت ۾ ڪا گذارش پيش ڪندي آهي، تڏهن ٻڌندا بہ آهن ۽ تدارڪ بہ ڪن ٿا. ڇو تہ قدرت ڪين اهڙن ئي ڪمن لاءِ مقرر ڪيو آهي.

اُهي ئي پاڪيزه ٻانها آهن جن جي باري ۾ الله تعالىٰ فرمائي ٿو:

”آئون پنهنجي ٻندن کي دوست رکان ٿو ۽ اُن جا ڪن، اکيون ۽ زبان ٻڻجي وڃان ٿو. پوءِ هو منهنجي ذريعي ڳالهائن ٿا، ٻُڌن ٿا ۽ منهنجي ذريعي شين کي جهلين ٿا.“

اُنهن ازلي سعيد ٻانهن جي تعليمات اها آهي تہ هر ماڻهو جو الله سان محبوبيت جو رشتو قائم آهي. اهڙي محبوبيت جو رشتو جنهن ۾ ٻانهو پنهنجي رب سان راز ۽ نياز ڪري ٿو.

# ماديت ۽ رُوح

جڏهن اسين زندگي جو تجزيو ڪريون ٿا. تڏهن اسان جي اڳيان هڪڙي ئي حقيقت ظاهر ٿئي ٿي تہ آدم ۽ حوا جو هر ٻچڙو زندگي ڪي خوشي ۽ شادماني سان گذارڻ چاهي ٿو. پر زندگي جو مادي نظريو ڪيس هر وِڪ تي مايوس ڪري ٿو. انهيءَ ڪري جو اسان جي زندگي جو هر پل فاني ۽ غير مستقل آهي. مادي اعتبار کان اسان کي اهو بہ علم ناهي تہ سچي خوشي ڇا ٿيندي آهي؟ ۽ ڪهڙي نموني حاصل ٿيندي آهي؟ حقيقي مسرت کان واقف ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسين پنهنجي اصل بنياد (Base) کي تلاش ڪريون.

جڏهن اسين ڪجهہ نہ هئاسين تڏهن ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور هو. ان ڪري جو ڪجهہ نہ هجڻ اسان جي وجود جي نفي ڪري ٿي. اسان جي مادي زندگي ماءُ جي ڪُک کان شروع ٿئي ٿي. ۽ هي مادو جڏهن هڪ خاص پروسيس (Process) مان گذري ڪري پنهنجي انتها تي پهچي ٿو. تڏهن هڪ جيئري جاڳندي تصوير وجود ۾ اچي وڃي ٿي. وجود پذير ٿيڻ کان پوءِ هڪ ماحول مان اُن تصوير کي اهڙي تربيت ملي ٿي جو هُن کي انهيءَ ڳالهہ جو علم ناهي هوندو، تہ سچي خوشي حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو آهي ۽ ڪهڙي نموني اِها سچي خوشي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

حقيقي خوشيءَ سان آشنا ٿيڻ لاءِ انسان کي سڀ کان پهرين اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ حياتيءَ جو دارومدار فقط جسم تي نہ آهي پر ان حقيقت تي آهي تہ جنهن حقيقت خود پنهنجي لاءِ جسم جو لباس ٺاهيو آهي. پيدائش کانپوءِ زندگي جو ٻيو مرحلو اسان جي سامهون اهو ايندو آهي تہ اسان جو هر لمحو مرندو رهندو آهي ۽ هر لمحي جي موت سان ٻئي لمحي جي پيدائش جو ذريعو بنجي ٿو. اهو ئي لمحو ڪڏهن ٻالڪپڻ هوندو آهي، ڪڏهن جوانيءَ تہ ڪڏهن واري پوڙاهپ ۾ تبديل ٿي ويندو آهي.

## جيئري جاڳندي تصوير:

اسين اُن حقيقت تائين رسائي هن طريقي سان حاصل ڪري سگهون ٿا تہ اسان اهو سمجهي وٺون تہ جيئري جاڳندي تصوير هڪ جسم نہ آهي پر اهو هڪ شعور آهي. اسان جي مجبوري اها آهي تہ اسان ان کي بلڪل مڪمل شعور بہ نٿا چئي سگهون. ڇو تہ شعور فقط اسان جي سڃاڻپ جو هڪ اهڙو ذريعو آهي جنهن مٿان سڄي عمارت بيٺل آهي. اسان اهو بہ ڄاڻون ٿا تہ جسم جي ختم ٿيڻ سان مادي گدلاڻ ۽ آلودگي بہ ختم ٿي ويندي آهي. پر اها ڳالهہ بہ اسان جي سامهون آهي تہ جسم جي فنا ٿيڻ کانپوءِ بہ شعور فنا نٿو ٿئي پر شعور ڪنهن ٻئي عالم ۾ منتقل ٿي ويندو آهي.

جيترا بہ آسماني ڪتاب آهن. انهن سڀني ۾ هڪ ئي ڳالهہ جو بار بار ذڪر ڪيو ويو آهي تہ انسان فقط مادي جسم نہ آهي پر هڪ شعور آهي. اسين جڏهن جمڻ کان وٺي موت تائين جي زندگي جو ذڪر ڪريون ٿا ۽ سمجهي وٺون ٿا تہ جنهن شعور جو بنياد ماءُ جي ڪُک ۾ ٿيو هو. اهو شعور هڪ پاسي گهٽجندو رهي ٿو تہ ٻئي پاسي وڌندو رهندو آهي. جيئن جيئن شعور وڌندو آهي ماڻهو مستقبل ۾ قدم رکندو رهندو آهي. شعور جو گهٽجڻ ۽ وڌڻ ڄمار جو تعين ڪري ٿو. شعور جي هڪڙي زماني کي "ٻالڪپڻ" چئون ٿا. شعور جي ٻئي زماني کي "جوانيءَ" سڏيون ٿا. شعور جي ٽئين زماني کي "پوڙهائپ" چئون ٿا. آخرڪار جنهن شعور هن مادي

وجود کي قائم رکيو آهي ۽ جنهن شعور تي هي جسم ارتقائي منزلون طئي ڪري رهيو آهي، اهو قائم رهندو آهي.

## ذات جو مطالعو:

جڏهن اسين پنهنجو پاڻ جو مطالعو ڪريون ٿا. اهو چئون ٿا اسان وٽ هڪ محدود ۽ فنا ٿيڻ وارو جسم آهي. جيڪو اسان جي زندگي جي سڃاڻپ آهي. هي جسم جيڪو اسان کي نظر اچي ٿو، جنهن جا سمورا جزا ڪثافت ۽ گندگيءَ کانسواءِ ڪجھ نہ آهن. هن سڙاند ۽ گدلاڻ جو بنياد هن نظريي تي آهي تہ هر ماڻهو اهو سمجهي ٿو تہ، آئون مادو آهيان. ۽ آئون مادي دنيا جي پيدائش آهيان. هي محدود نظريو هر ماڻهو کي ڪنهن هڪ مقام ۾ محدود ڪري ڇڏي ٿو، ۽ هر ماڻهو هڪ محدوديت جي جار ۾ پاڻ کي گرفتار ڪري ڇڏي ٿو. پوءِ اهڙي طرح محدود ۽ پابند نظريي جو بنياد پئجي وڃي ٿو. ڌرتي تي رهندڙ هر ماڻهو جڏهن پنهنجو ذڪر ڪري ٿو تہ پاڻ کي مسلمان، هندو، پارسي، عيسائي چوي ٿو جيتوڻيڪ روح جو ڪو بہ نالو نٿو رکجي سگھجي. روشني هر هنڌ روشني آهي. چاهي اها عرب ۾ هجي، عجم ۾ هجي يا يورپ ۾ هجي، يا ايشيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ هجي.

الله تعالىٰ جو نظام ڪجھ اهڙي نموني آهي جو هن دنيا ۾ جيڪو الله جو پيغام آيو اهو پنهنجي لفظن سان گڏ قائم آهي. عيسائين لاءِ بائيبل جا الفاظ مذهب جو درجو رکن ٿا. مسلمانن لاءِ قرآن مذهب جو پيش رو آهي. هندو ڀڳوت گيتا جي لفظ جي عبادت ڪن ٿا. هي سمورا ڪتاب دراصل خدا جي برگزيده بندن جا اُهي آواز آهن جيڪي روشني بنجي سمورن عالمن ۾ پکڙجي ويا آهن.

جڏهن اسين ڪائنات جي تخليق تي غور ڪريون ٿا، تڏهن اسان کي اها خبر پوي ٿي تہ اسان جي ڪائنات الله جو آواز آهي. الله تعالىٰ جڏهن پنهنجي آواز ۾ ”ڪُن“ چيو تہ سموري ڪائنات وجود ۾ اچي وئي. جڏهن خدا پنهنجو تعارف ڪرائي ٿو، چوي ٿو تہ آئون مخلوق جو دوست آهيان. جهڙيءَ طرح پيءُ پنهنجي پٽ کي نٿو وساري اهڙي طرح خدا بہ پنهنجي مخلوق کي ڪڏهن بہ فراموش نٿو ڪري.

اهو خدا جيڪو اسان جو رب آهي. جيڪو اسان لاءِ هر طرح جا وسائل پيدا ڪري ٿو. اسان کي زندگي جا نوان نوان مرحلا ۽ نون نون تجربن مان گذاري ٿو. اهو بغير ڪنهن شڪ ۽ گمان جي اسان جو دوست آهي.

مقدس ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ جيڪي انڪشاف ٿين ٿا. اهي هي آهن تہ خدا پنهنجي مخلوق سان ساٿ ڪڏهن بہ نٿو ٽوڙي. چاهي اسان جا جسماني خدوخال ڪهڙا بہ ڪٿي مختلف ڇو نہ هجن، نسلي سلسلي ڏانهن جڏهن تفڪر ڪيو وڃي ٿو تڏهن اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ تخليقي عمل هڪ پروگرام مطابق هلي رهيو آهي. جڏهن اسين ”ڌرتي ماءُ“ جي پيٽ ۾ ڪو ٻج وجهون ٿا. اهو ٻج جو داڻو هڪ ڏينهن درخت بڻجي وڃي ٿو. ٻج جڏهن زمين اندر وڃي ٿو تہ اهو پاڻي کي جذب ڪري ٿو. پاڻي ٻج ۾ موجود هڪ سوراخ Microphyle جي ذريعي اندر پهچي ٻج اندر Dormant Seed نشونما ڪري ٿو. ٻج جي ديوارن (Cotyledons) جي اندر ننڍا ننڍا پن ۽ ننڍڙي ڏانڊي ۾ خلياتي متاسنا ۽ واڌ اچڻ شروع ٿئي ٿي. ننڍا پن وڏي ڪري ٽڙ جي شڪل اختيار ڪري وٺن ٿا. ڏانڊي وڏي وڃي پاڙ بنجي ٿي. پاڙون زمين ۾ داخل ٿي نہ فقط ٻوٽي لاءِ پاڻي ۽ خوراڪ جذب ڪن ٿيون پر ٻوٽيءَ لاءِ زمين تي مستقبل جٽاداري جو بہ ذريعو بڻجن ٿيون. ان جي برعڪس ٽڙ زمين تي واڌ ويجھ ڪندو رهندو آهي. ٻوٽي جي ابتدائي مرحلي ۾ ٻج جي اندر خوراڪ جو ذخيرو موجود هوندو آهي جيڪو غذائي ضرورتون پوريون ڪندو آهي. جڏهن ٻوٽو سج جي روشني ۽ پاڙ ذريعي زميني پاڻيات مان

نشونما حاصل ڪري هڪ وڏو وڻ ٿي وڃي ٿو. اهڙي نموني هڪ پيءُ يا هڪ خاوند پنهنجي زوجہ يا پنهنجي بنيءَ ۾ ٻج لڳائي ٿو. هتي زمين وانگي نشونما جو سلسلو هڪ ٻج مثل قائم آهي. سڀ کان پهريائين شروعاتي درجي ۾ هڪ نرم ۽ نازڪ ٽڙ وجود پذير ٿئي ٿو. جنهن کي Notochord سڏجي ٿو. نشونما جو هي سلسلو ارتقائي منزل طئي ڪري جڏهن تڪميل کي پهچي ٿو. بلڪل اهڙي طرح جيئن زمين پنهنجي پيٽ مان ڪنهن درخت کي ٻاهر ڪڍي ٿي. ماءُ جي پيٽ مان ٻار جو جنم ٿئي ٿو.

## تخليقي سانچو:

نسلي سلسلي جي باري اهو چوڻ حقيقت تي مبني آهي تہ پيدائش ۾ انسان، ڪتو ۽ ٻلو هڪجهڙي نوعيت جا حامل آهن. هڪ لعاب (SPERMS) جڏهن ٻئي لعاب (OVA) ۾ ملي تحليل ٿي وڃي ٿو. تخليقي سانچي ۾ رکجڻ کان پوءِ هڪ خاص (Process) جي تحت ان جي نشونما شروع ٿئي ٿي. پهرين رات هي ڦڙو هڪ مٽر جي داڻي جيترو هوندو آهي. پوءِ آهستي آهستي وڏي ويجهي هڪ جيئري جاڳندي ڏسندڙ ٻڌندڙ، ڪيڏندڙ ڪلندڙ، محسوس ڪندڙ هڪ تصوير بنجي وڃي ٿي. هن تصوير ۾ ڏهہ سوراخ هوندا آهن. ۽ اهي ڏهہ سوراخ سڄي زندگي تي حاوي آهن. انهن ئي سوراخن تي ماڻهن جي صلاحيتن جو دارومدار آهي. ڳالهائڻ، ٻڌڻ، سونگهڻ، جسم جي اندران زهريلا ۽ بيڪار مادن کي خارج ڪري جسم کي صاف سٿرو ڪرڻ ۽ مادي زندگي جي حفاظت ڪرڻ انهن ئي ڏهن سوراخن تي قائم آهي. هنن مان جيڪر هڪ بہ پنهنجي ڊيوٽي صحيح نہ ڪئي يا هي سوراخ ڪنهن بہ معنیٰ ۾ سوراخ نہ رهي تہ ان مناسبت سان انساني زندگي ۾ خلا واقع ٿي وڃي ٿو. هو بيڪار، گهٽ صلاحيت بنجي وڃي ٿو. هنن ڏهن سوراخن جي ورهاست هن ريت آهي.

- ⇐ ڪن جا بہ سوراخ جيڪي ٻڌڻ جي قوت آهن.
- ⇐ اکين جا بہ سوراخ جيڪي ڏسڻ (Vision) يعني ٻاهريان عڪس دماغ جي اسڪرين تي منتقل ڪري ڪنهن شئي جي هئڻ جو علم فراهم ڪن ٿا ۽ اهو علم مختلف مرحلن مان گذري لاسمہ بنجي وڃي ٿو.
- ⇐ نڪ جا بہ سوراخ اسان کي سُنگهڻ جي قوت فراهم ڪن ٿا.
- ⇐ وات ۽ نڙي جا بہ سوراخ اسان لاءِ کاڌي خوراڪ ۾ خود ڪفيل هوندا آهن. هڪ پاسي اسان جي سموري غذائي ضرورتن جو دارومدار هنن سوراخن تي آهي، ٻئي پاسي ڳالهائڻ جي قوت عطا ڪن ٿا.
- ⇐ ڪثافت کي خارج ڪندڙ نائون سوراخ آهي ۽ جنهن ذريعي نسلي پيداوار ممڪن ٿئي ٿي.
- ⇐ جسم جو ڏهون سوراخ اهو آهي جيڪو غذا مان توانائي (Energy) حاصل ڪرڻ کان پوءِ رهيل غير ضروري مادن کي خارج ڪري ٿو.

هي هڪ نظام آهي جيڪو ترتيب سان قائم آهي ۽ زندگي ۾ قيامت تائين قائم رهندو.

اسان کي ٻج جي ڦٽڻ تي ٽن شين جو ادراڪ هوندو آهي. هڪ ٽڙ، پاڙ ۽ بہ پن هوندا آهن. هن تخليقي عمل سان اها ڳالهہ سامهون اچي چڪي آهي تہ هر شئي ۽ هر وجود جا بہ رُخ آهن. پوءِ اهي بہ رُخ ورهائجي ڪئي رُخ ٿي وڃن ٿا. ماڻهو بہ ٻن رُخن جي مرڪب جي تصوير آهي. ماڻهوءَ اندر بہ دماغ هڪ ساڄي ۽ ٻيو کاٻي طرف، بہ اکيون ۽ نڪ جا بہ ننڍا سوراخ آهن. نڙي ظاهري طور هڪ آهي پر نڙي اندر گوشت جو هڪ لوڙو (VVULA) هوندو آهي. ان ڪري ڳلو ٻن حصن ۾ تقسيم ٿي ويندو آهي. بہ هٿ ۽ بہ ٽنگون هونديون آهن. اهڙي نموني بہ گردا ۽ جگر هوندا آهن. دل ۽ ڦڦڙن سميت جيڪڏهن اسان انساني جسم جو تجزيو ڪنداسين تہ

اسان کي مجھڻو پوندو تہ انسان جي تخليق ٻن رخن تي قائم آهي. اڃان بہ وڌيڪ غور ڪنداسين تہ انسان سميت سموري مخلوقات ٻن رخن تي قائم نظر ايندي. هڪ مذڪر (Male) ٻيو مؤنث (Female) ــ هڪ مرد ۽ هڪ عورت ـــ هڪ پيءُ ۽ هڪ ماءُ تي مشتمل آهي.

## جنسي ڪشش جو قانون:

تخليق جو قانون اسان کي ٻڌائي ٿو تہ مرد جو وجود بہ ٻن رخن تي قائم آهي. اهڙي نموني عورت جا پڻ بہ رخ آهن. عورت جي اندر مرد لڪل آهي ۽ مرد جي اندر عورت پنهان آهي. جيڪڏهن آدم جي اندر (عورت) حوا نہ هجي ها تہ حوا جي پيدائش ممڪن نہ هجي ها. ٻيو مثال (عورت) حوا جي اندر مان آدم جي تخليق آهي. جنهن کي آسماني ڪتاب "عيسىٰ" جي نالي سان منسوب ڪيو آهي. اهڙي نموني اسان جا بہ پرت آهن. هڪڙو پرت ظاهر ظهور ۽ غالب رهي ٿو ۽ ٻيو پرت مغلوب ۽ مخفي رهي ٿو. مرد هجي يا عورت ٻئي ٻن ٻن رخن جا مرڪب آهن.

هڪڙو ظاهري رخ ٻيو باطني يا مخفي رُخ ــ عورت ۾ ظاهري رخ عورت جي شڪل شبيهہ ۾ اسان ڏسون ٿا. ۽ باطني پاسو اهو آهي جيڪو اکين سان نظر نٿو اچي ـــ اهڙي طرح مرد جي ظاهري پاسي يا رخ ۾ اسان کي مرداڻي شڪل و صورت نظر اچي ٿي ۽ باطني رخ اهو آهي جيڪو مخفي ۽ لڪل آهي. مفهوم اهو آهي تہ مرد بحيثيت مرد جي جيڪو نظر اچي ٿو اهو ان جو ظاهري پاسو آهي. عورت جيڪا بحيثيت عورت نظر اچي ٿي اهو ان جو ظاهر رُخ آهي. مرد جي ظاهري رخ جو ضد باطن رخ "عورت" اُن سان گڏ چنبڙيل ۽ پيوست آهي. عورت جي ظاهري رخ جو ضد باطن رخ "مرد" ان سان چھٽيل آهي.

نسلي واڌ ويجھ ۽ جنسي ڪشش جو قانون بہ انهن ئي ٻن رُخن يا پاسن تي قائم آهي. "مرد"جيئن تہ مغلوب آهي ۽ غالب شڪل شبيهہ ۾ نمودار ٿي ظاهر نٿو ٿي سگھي. ان ڪري هو غالب ۽ مڪمل رخ کي اپنائڻ چاهيندو آهي. ان جي اندر ۾ جذب ٿيڻ لاءِ بي قرار رهندو آهي. ساڳي طرح مرد جي اندر لڪل پرت "عورت" جيئن مغلوب ۽ نامڪمل آهي. ان ڪري هو بہ عورت جي ظاهري رخ سان ملي ڪري پنهنجو پاڻ کي مڪمل ڪرڻ يا تڪميل چاهي ٿو. چوڻ جو مقصد اهو ٿيو تہ جنسي ڪشش ۽ چاهت ان مرد يا ان عورت ۾ نہ هوندي آهي جيڪي اسان جي نظرن جي اڳيان آهن. پر عورت جو لڪل مرداڻو پاسو ان ظاهري پاسي جيڪو مرد ۾ هجي ٿو. ان سان ملي پاڻ کي مڪمل ڪرڻ چاهي ٿو. جيڪو اسان کي جيئري جاڳندي نظر اچي ٿو. اسين ان کي عام طور تي "جنسي جذبو" سڏيون ٿا.

جنسي تبديلي جا واقعا اڪثر ڪري اسان جي مشاهدي ۾ اچن ٿا. انهن جو سبب اهو آهي تہ باطني رخ جي شدت ايترو زور وٺي وڃي ٿي جو غالب ٿي وڃي ٿي. ظاهر رخ جي شدت بظاهر معطل ۽ ڪمزور ٿي وڃي ٿي. هي تبديلي هن نموني هوندي آهي تہ مرد جي اندر عورت جو رخ غالب ٿي ويندو آهي ۽ ظاهر رخ مرد جي شدت مغلوب ٿي وڃي ٿي. نتيجي طور ڪو مرد عورت ٿي وڃي ٿو ۽ ڪڏهن عورت ۾ ظاهري رخ جي شدت مغلوب ٿي ويندي تہ هو مرد ٿي ويندي آهي.

## ظاهر ۽ باطن:

هي هڪ تخليق جو اڻ ٽٽ سلسلو آهي. جيڪو اسان کي غور تفڪر ڪرڻ جي دعوت ڏئي ٿو. هڪڙو اسان جو ظاهر آهي ۽ ٻيو باطن آهي. ظاهر کي اسين "مادو" سڏيون ٿا ۽ باطن کي "رُوح" چيو وڃي ٿو. اڃان بہ اڳتي غور ڪنداسين تہ روح بہ ٻن رخن تي قائم آهي. هڪ روح جو ڏيکاءُ يا مظاهرو روح جو هڪ اُٽيل لباس

آهي. روح جو رخ خود مظاهرو "روح" آهي. حضور قلندر بابا اولياء رحمتہ الله عليہ جن پنهنجي ڪتاب لوح و قلم ۾ ان جو مثال قميص ۽ جسم سان ڏنو آهي. فرمائين ٿا.

"اسان جي اڳيان هڪ مجسمو آهي جيڪو گوشت پوست مان ٺهيل آهي. طبي نقط نظر سان هن جي ڍانچي تي رڳون ۽ گوشت جي بناوٽ کي جسم جي شڪل و صورت ڏني وئي آهي. اسان ان جو نالو "جسم" رکون ٿا ۽ ان کي سڀ ڪجهہ ۽ اصل سمجهون ٿا. جسم جي حفاظت لاءِ هڪ اهڙي شئي جو بندوبست ڪيل آهي جنهن کي "لباس" چئون ٿا. هي لباس سوٽي ڪپڙي، اوني ڪپڙي يا ڪنهن کل وغيره جو هوندو آهي. هن لباس جو استعمال فقط گوشت پوست جي جسم جي حفاظت ڪرڻ هوندو آهي. اها حقيقت آهي تہ هن لباس ۾ پنهنجي ڪا بہ زندگي يا پنهنجي چُرپر نہ هوندي آهي. جڏهن اهو لباس جسم تي هوندو آهي تہ جسم سان گڏ حرڪت ڪري ٿو. يعني ان جي حرڪت جسم مان منتقل ٿي ڪري اُن کي ملي ٿي. پر درحقيقت اها جسم جي عضون جي حرڪت آهي. جڏهن اسان هٿ مٿي ڪٽون ٿا تہ لباس بہ گوشت پوست سان گڏ حرڪت ڪري ٿو. هن لباس جي وصف بيان ڪئي وڃي تہ اهو چيو ويندو تہ لباس جسم تي هوندو آهي تہ جسم جي حرڪت ان ۾ منتقل ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن ان لباس کي جسم تان لاهي ڌار ڪري ڦٽو ڪنداسين تہ سموريون حرڪتون ساقط ٿي وينديون آهن.

هاڻ اسان لباس کي جسم سان گڏ پيٽ ڪريون ٿا. ان جا ڪيترائي مثال ٿي سگهن ٿا. هتي فقط هڪڙو ئي مثال پيش ڪري صحيح مفهوم ذهن نشين ڪنداسين. اهو ائين آهي تہ ماڻهو مري ويو. مرڻ ڪان پوءِ ان جي جسم کي ڪٽي ٽڪرا ڪرڻ يا وڍ ڪٽ ڪرڻ ـــ ڪجهہ بہ ڪريو جسم جي پنهنجي طرفان ڪا بہ مدافعت، ڪا بہ حرڪت ۽ چرپر عمل نہ ايندي. ان مرده جسم کي ڪنهن پاسي بہ سجائڻ جي ڪوشش ڪريو. تہ بہ ان ۾ زندگي جي لهر ڪنهن بہ پل پيدا ٿيڻ جو امڪان ناهي. ان جو مطلب اهو نڪتو تہ مرڻ ڪان پوءِ جسم جي حيثيت صرف لباس جي رهي ٿي. اصل انسان ان ۾ موجود نٿو رهي. اهو هن لباس کي ڇڏي ڪيڏانهن هليو وڃي ٿو. جيڪڏهن جسم ۾ اصل انسان هجي ها تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان ان جي اندر زندگيءَ جو ڪو نشان ضرور ملي ها. انسان ذات جي پوري تاريخ ۾اهڙو هڪڙو بہ مثال نٿو ملي جنهن ۾ ڪنهن مرده جسم ڪا حرڪت يا چرپر ڪئي هجي. هن صورتحال ۾ اسين اُن انسان بابت تجسس ۽ غور ڪرڻ تي مجبور آهيون جيڪو جسم جي لباس کي ڇڏي ڪري ڪنهن هنڌ هليو وڃي ٿو. ان ئي انسان جو نالو انبياء ڪرام جي زبان ۾ "روح" آهي. اهو ئي انسان جو اصل جسم آهي. اهو ئي جسم انهن سمورين صلاحيتن جو مالڪ آهي. جنهن جي ميڙ کي اسين زندگي سان تعبير ڪريون ٿا ـــــ!"

جسم ۽ لباس جي هن خوبصورت تشبيهہ ۽ مثال سان اها ڳالهہ پوري ريت ثابت ٿي وڃي ٿي تہ اصل انسان يا اصل زندگي لباس نہ آهي. اسين لباس کي لاهي ڦٽو ڪريون ٿا يا لباس سان پنهنجي دلچسپي ختم ڪريون ٿا تہ پوءِ لباس جي ڪا بہ حيثيت باقي نٿي رهي. لباس وڪري وڃي ٿو ۽ فنا ٿي وڃي ٿو.

# خلقت ۾ هم آهنگي

اسان جي فطرت ۽ جبلت ٻه ڌار ڌار شيون آهن. جبلت ۾ اسان جو ٻين مخلوقات مثال طور ٻڪري، رڍ، ڳئون، مينهن، ڪتو، ٻلو، نانگ ٻلائون، ڪبوتر ۽ ٻين پکين وغيره سان ذهني هم آهنگي آهي ۽ فطرت ۾ اسين پنهنجو هڪ مقام رکون ٿا. اهو مقام اسان کي هڪ هستي ڪان جيڪا سموري مخلوقات کان متاهين آهي. جيڪا ڪائنات جي سيني فردن تي فضيلت رکي ٿي، عطا ڪيو آهي ۽ هي عطا هڪ عقل يا تفڪر آهي. ڪو ٻه فهم رکندڙ هن ڳالھ جي دعوئ نه ٿو ڪري سگهي ته حيوانات ۾ عقل ۽ شعور نه آهي. ڪيترن معاملن ۾ جانور انسان کان وڌيڪ باشعور ۽ باعقل آهن.

زمين تي اهڙا ٻه جانور موجود آهن جن ۾ اڳواٽ ڏسڻ واسڻ جي صلاحيت هوندي آهي. ٻلي، ڪتو، ڳئون ٻيا جانور جن کي اچڻ وارين مصيبتن، زلزلن ۽ طوفانن بابت اڳواٽ خبر پئجي ويندي آهي.

سن 1906ع ۾ سان فرانسسڪو جي تاريخي زلزلي کان پهريان ڪُتن زور زور پونڪڻ ۽ اوناڙون ڏيڻ شروع ڪيون هيون. ماڻهن ۾ رات جي ننڊ ۽ سڪون تباھ ڪري ڇڏيون. ڪڪڙيون وڻن تي چڙهي ويون ۽ سُوئرن هڪ ٻئي سان وڙهڻ شروع ڪيو. ڳئون رسيون ٽوڙي ڀڄڻ لڳيون. هن سان ملندڙ جلندڙ واقعو سنڌ ڏاکڻي حصي بدين ۽ هندستان گجرات وارن علائقن ۾ سال 2001ع ۾ ٻه جانورن، پکين اڳواٽ شور مچائي زلزلي جي نشاندهي ڪئي هئي ۽ جيئن ته اهو سڀ ڪجھ خواب ۽ خيال ۾ نه هو. ان حقيقت جو بعد ۾ احساس اجاڳر ٿيو جڏهن سڀ ڪجھ ٿي چڪو.

## زمين دوز ڪئا:

هن نموني قديم يوناني شهر هيلس ۾ زير زمين رهندڙ ڪُئن (WEASELES) ۽ ٻين بيشمار حيوانات زلزلي کان ڳچ پهريائين شهر مان نڪري فرار ٿي ويا. چلي شهر سيپڪون جي فضا ڪيترن قسمن جي پکين جي اُڏامن ۽ انڻ ڏنل خوف سبب چيخ ۽ پُڪارن کان لرزي اٿيو ۽ ان ڪانپوءِ سڄو شهر زلزلي جي نذر ٿي ويو.

## طاقتور حسون:

گهڻو ڪري زلزلا اچانڪ نٿا اچن. زمين جي هيٺين سطح جي پهاڙن جو پاڻ ۾ ٽڪرائجڻ ابتدائي مرحلي جو نقطہ عروج هوندو آهي. مستقل وڌندڙ ارضياتي دٻاءُ سطح زمين جي جُهڪاءُ ۽ اپار ۾ غير معمولي تبديليون پيدا ڪري ٿو. زلزلي جون لهرون زير زمين پهاڙن ۾ رونما ٿيڻ لڳن ٿيون. زمين جي مقناطيسي ميدان ۾ خفيف جيترو ردوبدل ٿئي ٿو. انساني حسَ جي صلاحيت انهن سمورين ڪيفيتن کي محسوس ڪرڻ کان قاصر آهي. پر حيوان ايتري قدر حساس هوندا آهن جيڪي زلزلي کان پهريائين زمين جي اندر پهاڙن جي ٽوڙ ڦوڙ محسوس ڪري وٺن ٿا.

انسان جي ٻڌڻ جي صلاحيت (Hearing Power) نسبتاً انتهائي محدود هوندي آهي. انسان هڪ هزار چڪر في سيڪنڊ جي آواز جون لهرون محسوس ڪري سگهي ٿو. پر ويھ هزار چڪر في سيڪنڊ يا ان کان وڌيڪ چڪر يا آواز جي لهرن کي انساني ڪن ٻڌي نٿو سگهي. ان جي ابتڙ ڪتو، ٻلو ۽ لومڙ 60 هزار چڪر في

سيڪنڊ جو آواز ٻڌي سگھي ٿو. ڪُتا، وهيل مڇي، ڊالفن هڪ لک چڪر في سيڪنڊ جو آواز ٻڌڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

ساموندي مڇيون انتهائي مڌم ارتعاش کي محسوس ڪري وٺن ٿيون.

انسان ۾ ڏسڻ جي حد (Range) تمام گهٽ آهي. جڏهن ته ماکي جي مک ماوراءِ بنفشي شعائون (Ultra violate Rays) ڏسڻ جي سگهه رکي ٿي. اسان جي مقابلي ۾ شاهين جي اک انوٽو وڌو ڪري ڏسڻ جي قوت رکي ٿي.

## ڪوجي ڪتا:

سڄي دنيا ۾ پوليس ۽ ٻيا جاسوسي ادارا ڏوهارين جي ڳولا ۽ انهن جو پتو لڳائڻ لاءِ ڪتن جون خدمتون حاصل ڪري رهيا آهن. جتي انساني نڪ ۾ اٽڪل پنج ملين حسي گهرڙا (Sensory Cells) هوندا آهن. ڪتن جي ڪن نسلن ۾ ٻه سو ملين کان وڌيڪ خُليا هوندا آهن. اهڙي مناسبت سان ڪتن ۾ سونگهڻ جي حَس انسان کان ڪيئي ملين وڌيڪ هوندي آهي.

## بيضن جي ورهاست:

شتر مرغ ۾ عقل ۽ فهم جو اندازو هن عمل مان لڳائي سگهجي ٿو. هو بيضن کي ٽن قسمن ۾ ورهائي ٿو. ڪجهه بيضا واريءَ ۾ لڪائي ٿو. ڪجھ کي گرمي ۾ ڇڏي ڏئي ٿو ۽ ڪجهه بيضن کي سيني سان لڳائي ٿو. جڏهن ٻچا ڦٽن ٿا ته پهريائين هو گرمي ۾ رکيل بيضا ٻچن کي پياري تو ڇڏي. جنهن عمل سان ٻچن ۾ واڌ جي رفتار ۾ تيزي اچي ٿي. جڏهن ٻچا ڪجهه وڏا ٿين ٿا تڏهن هو واريءَ ۾ لڪايل بيضن کي ٻاهر ڪڍي ٽوڙي ٿو. بيضا ڪنا هجڻ ڪري هن ۾ جلدي ڪيڙا پيدا ٿين ٿا. جيڪي اڳتي هلي ٻچن جي خوراڪ ٿين ٿا. ان کان پوءِ ٻچا سنِ بلوغت ۾ قدم رکن ٿا ۽ پنهنجي خوراڪ پاڻ حاصل ڪن ٿا. مطلب اهو ونداسين ته شتر مرغ جو بيضن کي اهڙي نموني ورهائڻ ڪنهن به طريقي سان عقل ۽ دانشمندي کان خالي نه آهي.

## بجلي جي ايجاد:

اسان جي اڳيان "ٻوڙي" جيڪو جهرڪي کان به ننڍو پکي آهي. پر سندس رهائشي "آڪيرو" پوري سائنس آهي. جنهن ۾ ڪنهن به انجنيئر جو نقشو پاس ٿيل نه آهي پر تنهن هوندي ان ۾ هڪ مڪمل پلاننگ آهي. ڪکن جي گنبد نما لٽڪندڙ گهر ۾ ڪمرا به هوندا آهن. سمهڻ لاءِ بستر به هوندا آهن ۽ ٻارن جي کيڏڻ لاءِ جهولا به هوندا آهن. هي ناقابل ذڪر ننڍڙو ۽ ادائي انچ جو پکي ايترو عقل ۽ فهم رکي ٿو جيڪو پنهنجي گهر کي روشن ڪرڻ به نٿو وساري. هي بجلي جو مزو وٺڻ لاءِ ڪڙڪبيتي يا جگنو کي پڪڙي پنهنجي آکيري ۾ روشنيءَ جو بندوبست ڪندو آهي. مطلب ته هي ننڍڙو پکي بجلي (Electricity) جي دريافت کان پهرين به بجلي جي سائنس کان واقف هو. جيڪو ڪڙڪبيتي کي نسل در نسل کان هڪ بلب طور استعمال ڪندو اچي.

## برسات جو آواز:

هڪڙو آسٽريلوي پکي ڪيوي پنهنجي رزق جي حاصلات جو جيڪو طريقو اختيار ڪندو آهي، اُهو ڏاڍو دلچسپ آهي. جڏهن تمام گهٽي جدوجهد کانپوءِ ڪيس ڪو شڪار هٿ نه لڳندو آهي. ان مهل هي اهڙو

آواز ڪيندو آهي جڏهن برسات وسي رهي آهي. زمين جي اندر رهندڙ ڪيڙا ماڪوڙا اهو سمجهندا آهن ته برسات وسي رهي آهي. پوءِ جلدي ٻاهر نڪري اچن ٿا. ان ڪيوي پکي جي خوراڪ جو بندوبست ٿي ويندا آهن.

## منافق لومڙي:

لومڙي پنهنجي چالاڪي ۽ عياري جي ڪري سڃاتي ويندي آهي. جنهن ڏينهن آساني سان شڪار هٿ نه آيس، ان ڏينهن چالاڪي تي لهي ايندي آهي. جسم کي بلڪل ڍلو ڪري زمين تي ليٽي پوي ٿي. هڪ ڊگهو ساهه کڻي پيٽ ڦوڪي ڇڏيندي آهي. مختلف پکي هن کي مرده سمجهي سندس ويجهو اچن ٿا. ان کان اڳ ۾ جو پکي ڪيس خوراڪ بڻائين ان کان اڳ لومڙي ڪنهن نه ڪنهن کي پنهنجو کاڄ بنائي ڇڏي ٿي.

## ڪيلي جا باغ:

جي ايچ وليم پنهنجي ڪتاب (The Elephant) ۾ ٻن ننڍي ڄمار جي هاٿين جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪي اڪثر ڪري ڪلي نموني هلندا رهندا هئا. پر سندن ڳلي ۾ وڏي آواز واريون ٽلريون ٻڌل هونديون هيون. جيئن ٽلرين جي آواز تي خبر پئجي سگهي ته هو ڪٿي آهن. هڪ ڏينهن انهن اهڙي شرارت ڪئي جيڪا خوب دلچسپ آهي. ٻئي هڪ تلاءُ تي وڃي اتان آلي مٽي کڻي انهن ٽلرين ۾ ڀري ڇڏي ته جيئن آواز بند ٿي وڃي. ۽ پوءِ ٻئي هاٿي آرام سان وڃي ڪيلن جي باغ ۾ خوب ڪيلا کاڌا.

## هڪ ترڪيب:

ٻه ڊولفنن هڪ نانگ جهڙي مڇي (EEL) سان ڪيڏي رهيون هيون. ان جو پيڇو ڪري ڪيس پڪڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون. چالاڪ ايل ڊولفن کان بچڻ لاءِ اوچتو غوطو هڻي هڪ سوراخ ۾ وڃي پناهه وٺي ويهي رهي. هاڻ ڊولفن جي ذهانت جو اندازو ڪرڻ گهرجي ته هن هڪ اهڙي مڇي جهلي جنهن جي وات ۾ زهريلا ڏند هوندا آهن. ان کي پڇ کان جهلي سندس زهريلو ڏندن وارو منهن ان سوراخ ۾ وجهي ڇڏيو. لڪي ويل ايل جڏهن زهريلي مڇي کي ڏٺو ته فورن ٻاهر نڪري آئي. ڊولفن ۽ ايل ٻيهر راند ۾ مشغول ٿي ويا.

حضرت بابا تاج الدين رحہ جي ڏوهٽي ۽ قلندر شعور جي باني قلندر بابا اولياء پنهنجي ڪتاب "تذڪره بابا تاج الدين" ۾ شينهن جي عقيدت جو واقعو ۽ ان واقعي جي علمي توجيهه بيان ڪندي فرمائين ٿا.

## شينهن جي عقيدت:

حضورقلندر بابا رحہ لکن ٿا:

"هڪ ڏينهن نانا تاج الدين رحہ واڪي شريف جي جنگل ۾ ڪجهه ماڻهن سان گڏجي پهاڙن تي چڙهي ويا. نانا صاحب رحہ مسڪرائيندي چوڻ لڳا. "ميان . . .! جنهن کي شينهن جو خوف ٿئي، اهو واپس هليو وڃي. آئون ته هتي ڪجهه دير آرام ڪندس. خيال آهي ته شينهن ضرور ايندو. جيترو وقت آرام ڪري ڪري ان جي مرضي آهي. توهان وڃو ڪائو پيو ۽ سير تفريح ڪريو. . ." ڪجهه ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن واپس هليا ويا ۽ ڪي اتي لڪي ويهي رهيا.

گرمي جي موسم هئي، وڻن جي ٿڌي ڇانوَ خمار جا طوفان اُڀاري رهي هئي. نانا صاحب گهاٽي گاهه جي چادر تي ليٽي پيا. فضا ۾ بلڪل سناٽو ڇانيل هو. چند منٽ گذريا ئي مس ته جنگل ڀيانڪ ۽ خوفائتو محسوس

ٿيڻ لڳو. ان کان پوءِ بہ ڪجهہ دير ائين گذري جيئن ڪو شديد انتظار هجي. هي انتظار ڪنهن ساڌو، ڪنهن اوتار، ڪنهن ولي يا ڪنهن انسان جو نہ هو. پر هڪ درندي جو هو جيڪو پنهنجي ذهن ۾ قدم بہ قدم حرڪت ڪري رهيو هو.

يڪايڪ نانا صاحب ڏانهن نگاهون متوجہ ٿي ويون. سندن پيراندي ڏانهن هڪ قدآور شير آيو ۽ تمام آهستگي ۽ ادب سان ويهي رهيو. ۽ پوءِ نانا تاج الدين رحہ جي بلڪل ويجهو اچي زبان سان پين کي چٽي رهيو هو. چند منٽن کان پوءِ هن جون اکيون مستي ۾ ننڊ ۾ وڪوڙجي ويون. نانا صاحب اجان تائين آرامي هئا تہ شينهن پيرن جي ترين کي چٽڻ شروع ڪيو. هن حرڪت سان نانا صاحب جي اک کلي وئي. اٿي ويهي رهيا. شينهن جي مٿي تي هٿ ڦيريندي فرمايائون. ”تون اچي وئين ـــــ! هاڻي تنهنجي صحت بلڪل نيڪ آهي. . . آئون تون کي صحت مند ڏسي خوش ٿيو آهيان. نيڪ، هاڻ تون وڃ!“ شينهن شڪرگزاري سان پڇ لوڏيندو روانو ٿي ويو.“

مون هن واقعي تي تمام گهڻو غور ڪيو. هي ڳالهہ ڪنهن جي علم ۾ نہ هئي تہ شينهن پهريائين بہ ڪڏهن وٽن آيو هو. مجبورن ان ڳالهہ جو يقين ڪرڻو ٿو پوي تہ نانا رحہ ۽ شينهن پهرين کان ذهني طور تي روشناس هئا. روشناسي جو طريقو هڪڙو ئي ٿي سگهي ٿو. انا جون لهرون شينهن ۽ نانا رحہ جي وچ ۾ ردوبدل هونديون هيون. اهي ئي پاڻ ۾ ملاقات جو باعث بڻيون هيون. عارفن ۾ ڪشف جي روش عام طور تي اها ئي هوندي آهي. جيتوڻيڪ هن واقعي سان معلوم ٿيو تہ جانورن ۾ بہ ڪشف اهڙي طرح هوندو آهي. ڪشف جي معاملي ۾ انسان ۽ ٻي مخلوقات هڪجهڙا آهن.

## انا جون لهرون:

هي قانون وڏي غور ۽ فڪر سان ذهين نشين ڪرڻ گهرجي تہ جيتري قدر خيال اسان جي ذهن ۾ گردش ڪندا رهن ٿا. انهن مان ججهي مقدار ۾ اسان جي معاملن کان غير متعلق هوندا آهن. انهن جو واسطو ويجهي ۽ پري جي اهڙي مخلوق سان هوندو آهي جيڪا ڪائنات ۾ ڪٿي نہ ڪٿي موجود هوندي آهي. اُن مخلوق جا تصور لهرن جي ذريعي اسان تائين پهچن ٿا. جڏهن اسان انهن تصورن جو جوڙ پنهنجي زندگيءَ سان ملائڻ چاهيندا آهيون تہ هزار ڪوششن باوجود ناڪام ٿي وڃون ٿا. انا جي جن لهرن جو ذڪر ٿي چڪو آهي. ان بابت ڪجهہ ڳالهيون ڌيان طلب آهن. سائنسدان روشني کي سڀني کان وڌيڪ تيز رفتار قرار ڏين ٿا. پر اها ايتري تيز رفتار ناهي جيڪا زمان ۽ مڪان جي فاصلن کي منقطع ڪري ڇڏي. جيتوڻيڪ انا جون لهرون لازمانيت ۾ هڪ ئي وقت هر جڳهہ تي موجود آهن. زماني ۽ مڪاني فاصلن ان جي گرفت ۾ رهن ٿا. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهون ٿا تہ انهن لهرن لاءِ زماني ۽ مڪاني فاصلو موجود ئي نہ آهي. روشني جون لهرون جن فاصلن کي گهٽ ڪنديون آهن. انا جون لهرون انهن ئي فاصلن کي سواءِ پنهجي موجود نٿيون سمجهن.

## خاموش گفتگو:

انسانن ۾ جائي جہ کان وني ڳالهہ ٻول ڪرڻ جو طريقو مروج آهي. آواز جي لهرن ۽ لهجي جي معنيٰ مقرر ڪئي وڃي ٿي جيڪي ٻڌندڙ کي اطلاع فراهم ڪن ٿيون. اهو طريقو ان ئي مٿاسٽا جو نقل آهي جيڪو انا جي لهرن جي وچ ۾ هوندو آهي. عام مشاهدي ۾ ايندو آهي تہ گونگو ماڻهو پنهنجن چپن جي هلڪي چُرپر

سان سجو مقصد بيان ڪري ويندو آهي. ۽ سمجهڻ جو اهل مخاطب سڀ ڪجهہ سمجهي ويندو آهي. هي طريقو بہ پهرين طريقي جو عڪس آهي. جانور بغير ڪنهن آواز ۽ اُچار جي هڪٻئي کي پنهنجي حال احوال کان آگاهہ ڪن ٿا. هتي بہ انا جون لهرون پنهنجو ڪم ڏيکارين ٿيون. وڻ پاڻ ۾ گفتگو ڪن ٿا. اها گفتگو رڳو آمهون سامهون بيٺل وڻ پاڻ ۾ نٿا ڪن پر پري پري ڏورانهن، جيڪي هزارين ميلن جي فاصلي تي پڻ واقع آهن. اهو ئي قانون جمادات ۾ بہ رائج آهي. ڪڪريون، پٿريون، مٽيءَ جي ذرڙن ۾ ائين گفتگو ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي رهي ٿي.

## هڪ شعور:

انبياء ۽ روحاني قوت رکندڙ انسانن جا ڪيترائي واقعا ان ڳالهہ جي شاهدي ڏين ٿا تہ سموري ڪائنات ۾ هڪ ئي لاشعور موجود آهي. ان جي ذريعي غيب ۽ شهود جي هر لهر ٻي لهر جي معنىٰ سمجهي ٿي. چاهي اهي ٻئي لهرون ڪائنات جي ٻنهي ڪنارن تي هُجن. غيب ۽ شهود جي فراست ۽ معنويت ڪائنات جي شهہ رڳ آهي. اسين هن رڳ زندگي کي جيڪا خود اسان جي پنهنجي زندگي جي رڳ آهي، تفڪر ۽ توجهہ سان پنهنجي سياري ۽ ٻين سيارن جي آثار ۽ احوال جا انڪشاف ڪري سگهون ٿا. انسانن ۽ حيوانن جا تصورات، جنات ۽ فرشتن جا حرڪات ۽ سڪنات، نباتات ۽ جمادات جا اندروني تحريڪات معلوم ڪري سگهون ٿا.

مسلسل توجهہ ۽ غور و فڪر سان ذهن ڪائناتي لاشعور ۾ تحليل ٿي وڃي ٿو ۽ اسان جي مٿان مصنوعي پرت انا جي گرفت مان آزاد ٿي ڪري ضرورت مطابق هر شيءِ کي ڏسڻ، سمجهڻ ۽ ذهن ۾ محفوظ ڪري ڇڏي ٿو.

## مثالي معاشرو:

حيوانن ۾ زندگي گذارڻ جا قدر بہ انساني معاشرتي زندگي سان ڪافي حد تائين ويجهڙائي رکن ٿا. جيڪي اسان کي حيوانن جي عقلي سجاڳي جو ثبوت فراهم ڪن ٿا. جنهن بابت ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا.

ان جو هڪڙو مثال حشرات الارض جي خاندان جي هڪ فرد "ماکيءَ جي مک" جو آهي. ماکي جون مکيون "Honey Bees" پنهنجي پوري خاندان جا هڪ ڪالوني ۾ هزارين ننڍين ننڍين ڪمرن تي مشتمل هڪ ماناري ۾ رهائش ڪن ٿا. انهن سيني جي اڳواڻ هڪ ملڪہ هوندي آهي. عام مکين جو تعداد تقريباً بہ هزار نر مکا ۽ ان کانسواءِ مادي مکيون هونديون آهن. انهن جو تعداد هڪڙي ماناري يا ڇتي ۾ اٽڪل ويهہ هزار جي لڳ ڀڳ هوندو آهي. ڪارڪن مکيون بيضا ڏيڻ جي صلاحيت نٿيون رکن.

ملڪہ مک ٻين سمورين مکين کان خوبصورت هوندي آهي. هيءَ سجو وقت ڇتي جي اندر رهندي آهي. ملڪہ هڪ ڏينهن ۾ تقريباً هڪ هزار کان ٻن هزارن تائين بيضا ڏئي ٿي. بيضا ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪ مڪمل بيضا (Fertilized Eggs) ۽ ٻيا نامڪمل بيضا (Unfertilized Eggs). مڪمل بيضن مان ملڪہ ۽ ڪارڪن مکيون نڪرن ٿيون جڏهن تہ نامڪمل بيضن مان نر مکيون نڪرن ٿيون. چند مکيون هر وقت ملڪہ جي خدمت ۾ حاضر رهن ٿيون. جيڪي هر وقت ۽ هر طرح سان خدمت ۾ گذارين ٿيون. ملڪہ جي ڄمار تقريباً 3 سال هوندي آهي. ملڪہ جيستائين انتظامي معاملا احسن طريقي سان سرانجام ڏيندي رهندي آهي. تيستائين محافظ مکيون ان جي هر طرح خدمت ۾ پيش پيش هونديون آهن. جڏهن ملڪہ پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي ڪندي غفلت ڪندي آهي يا پوڙهي ۽ معذور ٿي ويندي آهي تہ محافظ مکيون هن جو گهيرو ڪري ڪيس غير فعال ڪري ڇڏينديون آهن ۽ پوءِ سموريون مکيون مٿس حملو ڪري ڏنگ هڻي هڻي ماري ڇڏينديون آهن.

ملڪ جي موت جي خبر پوري ڪالوني کي ڏيڻ لاءِ مخصوص مکيون هڪ خاص آواز ذريعي اطلاع عام ڪنديون آهن ۽ چتي مٿان چڪر ڪاٽينديون رهنديون آهن.

نئين ملڪ جي مقرري لاءِ ڪارڪن مکيون بيضن مان ٽي ڏينهن پراڻن بيضن مان مڪمل بيضا تلاش ڪنديون آهن. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ انهن بيضن مان ڪيڙا نڪري ايندا آهن. ڪارڪن مکيون انهن کي گلن جا ذرڙا ۽ گلن جو رس پيارينديون آهن.

ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ انهن ڪيڙن مٿان غلاف نهي ويندو آهي. مکيون انهن غلاف وارن خانن کي ميڻ سان بند ڪري ڇڏينديون آهن. 15 ڏينهن جي عرصي ۾ ميڻ سان بند ڪيل خاني مان هڪ مڪمل بالغ مکيون ٻاهر نڪري اينديون آهن. انهن مان هڪ کي ملڪ چونڊيو ويندو آهي. باقي ٻيون ملڪ مکيون اڏامي وينديون آهن. جيڪي پنهنجو الڳ مانارو ناهينديون آهن.

ڪارڪن مکيون ملڪ ڪان قد ۾ ننڍيون هونديون آهن. ڪارڪن مکين جي عمر اٽڪل ٻه مهينا هوندي آهي ۽ ٻن مهينن جي مختصر زندگي محنت ۽ مزدوري ڪندي گذري ويندي آهي. بيضن مان نڪرڻ ڪان پوءِ ٽئين ڏينهن ڪان ڪارڪن مکيون پنهنجو ڪم شروع ڪري ڇڏينديون آهن. اهي ئي مکيون مانارو تيار ڪنديون آهن. ڪارڪن مکين جي اندر ميڻ ٺاهڻ وارو گلينڊ هوندو آهي. جيڪو مانارو يا چتو ٺاهڻ ۾ ڪم ايندو آهي. هي چتو ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايل هوندو آهي. ماناري جو وچ وارو حصو ٻين سمورن خانن ڪان وڏو هوندو آهي. جيڪو ملڪ لاءِ مخصوص هوندو آهي. ماناري ۾ نر مکين لاءِ الڳ ۽ مادي مکين لاءِ الڳ خانا تيار ڪيا ويندا آهن. ان ڪانسواءِ ماکي جو رس جمع ڪرڻ لاءِ ذار گودام، ۽ گلن جي ذرڙن جا ذار اسٽور هوندا آهن جيڪي ڪاڏي خوراڪ لاءِ ڪم ايندا آهن.

## ماکي ڪيئن ٺهي ٿي:

ماناري ۾ سمورين مکين جي کاڌي جو انتظام ڪرڻ انهن ئي مزدور مکين جي ذميواري هوندي آهي. اهي ئي مکيون چتي مان نڪري گلن جي رس جي تلاش ۾ نڪرن ٿيون ۽ پوءِ انهيءَ رس مان ماکي تيار ڪن ٿيون. مکيون مختلف گلن تي ويهي گلن جي اندروني سطح تي موجود هلڪي مناڻ حاصل ڪري ٿيون. مناڻ ماکي جي معدي نما ٿيلهي (Honey Stomach) ۾ گڏ ٿيندي ويندي آهي. هي ننڍي ٿيلهي گلن جي رس سان پرجي ويندي آهي. هن ڪم مان فارغ ٿي ڪري مک ڦُلن جي ذرڙن کي پنهنجي پوين پيرن ۾ پري ٿي، جيڪي ٽوڪرين جو ڪم ڪن ٿيون. ماکي جي مک اهو سڀ ڪجهه ڪم ڪار ڪري واپس چتي ڏانهن موٽندي آهي. چتي ۾ پهچڻ سان ماکي جي مک ميڻ جي هڪ خاني ۾ داخل ٿي ويندي آهي. اتي ئي گلن جا ذرڙا خوراڪ جي گودام ۾ جمع ڪري ڇڏي ٿي. ايتري عرصي ۾ گلن جو رس جيڪو معدي نما ٿيلهي ۾ موجود هوندو آهي. ان ۾ ڪئين ڪيميائي تبديليون اچي ماکيءَ جي شڪل اختيار ڪري ويندي آهي. ان ماکي کي گودامن ۾ محفوظ ڪري ميڻ سان سيل ڪيو ويندو آهي. ته جيئن سياري جي موسم ۾ مکيون ان ماکي جي رس کي پنهنجي ڪم ۾ آڻي سگهن. مگر حضرت انسان اهو تيار ڪيل ثمر چوري ڪري وجي ٿو، ۽ ويچاريون مکيون ماکيءَ جي ان چوري ڪان پوءِ ٻيهر ماکيءَ ٺاهڻ جي جستجو ۾ مصروف ٿي وينديون آهن.

نر مکيون نهايت ڪاهل هونديون آهن. هي ملڪ جي مڙس طور فرائض انجام ڏين ٿيون. جڏهن ملڪ بالغ ٿي ويندي آهي ته پنهنجي چتي تان اڏامندي آهي. نر مکيون جلدي ۾ ان جو پيڇو ڪندي اڏامن ٿيون ۽

انهن مان هڪ نر مکو ملڪہ کي حاملہ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. نر مکا فقط جنسي يا SEX ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ ڪم نہ ڪندا آهن. ملڪہ جي بيضا ڏيڻ بعد اهي نر مکا پنهنجي طبي موت مري ويندا آهن.

## فهم ۽ فراست:

گرمين جي ڏهاڙن ۾ ميڻ پگهرجڻ جو خطرو هوندو آهي، پر ننڍڙو ڪيڙو سندس عقلمندي سان پنهنجي گهر کي بچائي وٺي ٿو. ٿيندو ائين آهي تہ گرمين جي ڏينهن ۾ سموريون ڪارڪن مکيون ڇتي جي ڪناري تي ائين ويهنديون آهن جيئن سندن پر خانن کان ٻاهر رهن. پوءِ پرن کي اهڙي طرح حرڪت ۾ آڻين ٿيون، جيئن پرن کان بجلي جي پنکي جو ڪم وٺي هوا کي ٿڌو ڪري ٽيمپريچر گهٽايو وڃي ٿو. ۽ مکين جا گهر گرمي جي تپش کان محفوظ رهن ٿا. الله تعاليٰ ماکي جي مک کي هي صلاحيت عطا ڪئي آهي مک اهڙي گلن جو رس نٿي چوسي جيڪي بيمار ۽ زهريلا هجن. سدائين اهڙن ڦلن جو انتخاب ڪندي آهي جن گلن جي ذريعي زمين مان صحت بخش عرق ميسر هوندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو ماکي بي شمار مرضن جو علاج آهي.

## عقل مند ماڪوڙي:

ماڪوڙيءَ جهڙي انتهائي ننڍي مخلوق جي عقل جو اندازو هن واقعي مان لڳائي سگهجي ٿو. هڪڙي ماڪوڙي حضرت سليمان عليہ السلام جي لشڪر جي دعوت ڪئي. حضرت سليمانؑ هڪ جليل القدر پيغمبر ۽ عظيم بادشاهہ ٿي گذريا آهن. سندن لشڪر ۾ انسانن کان علاوه جنات، جانور، جيت، پکي پکڻ سيئي شامل هئا. پاڻ ؑ کي هوائن ۽ موسمن تي پورو تصرف هو. حضرت سليمانؑ جن ان ماڪوڙي کي جهلي پنهنجي هٿ جي تري تي رکي ڇڏيو. ۽ پڇيائون: "ٻڌاءِ تنهنجي سلطنت وڏيڪ آهي يا منهنجي . . .؟" ماڪوڙيءَ وراڻيو: "ڪنهن جي سلطنت پُرعظمت آهي اهو الله کي معلوم آهي مگر اهو ڄاڻان ٿي تہ هن وقت منهنجو تخت حضرت سليمانؑ جو هٿ آهي . . . !"

## حڪمران ماڪوڙي:

حضرت سليمانؑ حضرت دائودؑ جو سيني کان ننڍو پٽ هو. 965 قبل مسيح ۾ حضرت دائود جو جانشين ٿيو. تقريباً چاليهہ سال حڪمران رهيو. حضرت سليمانؑ کي الله تعاليٰ حيوانن جي ٻولي سمجهڻ جو علم عطا ڪيو هو. هڪ دفعي حضرت سليمانؑ جنات، انسانن ۽ حيوانن جي هڪ عظيم الشان لشڪر جي جلوس ۾ ڪنهن ماڳ تي وڃي رهيا هئا. لشڪر جي گهڻائي باوجود ڪنهن کي مجال نہ هئي جو هو پنهنجي درجي ۽ رتبي جي خلاف اڳيان پويان ٿي بي ترتيبي جو مرتڪب ٿي سگهي. سيئي فرمانبردار لشڪرين وانگي حضرت سليمانؑ جي عظمت ۽ هيبت سان پنهنجي پنهنجي دائري ۾ هلي رهيا هئا. لشڪر هلندي هلندي اهڙي واديءَ ۾ پهتو جتي بيشمار ماڪوڙيون سموري وادي کي پنهنجو مسڪن بڻائي چڪيون هيون. ماڪوڙين جي بادشاهہ لشڪر جي اُن انبوهہ کي ڏسي ڪري پنهنجي رعايا کي چيو تہ، "توهان فورن پنهنجي پنهنجي سوراخن ۾ گهڙي وڃو. سليمانؑ ۽ ان جي لشڪر کي ڪهڙي خبر تہ توهان ايتري وڏي تعداد ۾ هن وادي جي زمين تي آباد آهيو. خبر ناهي تہ ان جي گهوڙن ۽ پيادي لشڪر جي پيرن هينان اچي ڪيتروئي تعداد بي خبري ۾ چيپاٽجي وڃي ـــــ"

الله تعالىٰ هي واقعو هن طرح بيان فرمايو آهي:

”۽ بيشڪ اسان دائود ۽ سلمان کي علم عطا ڪيو ۽ انهن ٻنهي چيو تعريف آهي الله تعالىٰ لاءِ جنهن اسان کي تمام گهڻن مومن ٻانهن تي فضيلت عطا ڪئي ۽ دائود جو وارث سلمان ٿيو. هن چيو اهي ماڻهو . . . . اسان پکين جي ٻولين جو علم ڏنو ويو آهي. ۽ اسان لاءِ هر شيءِ مهيا ڪئي وئي آهي. بيشڪ هي ظاهر ظهور فضل آهي. ۽ گڏ ٿيو لشڪر سليمان جي لاءِ جنات، انسانن ۽ پکين جو ۽ اهي درجي ٻه درجي هڪ نظم ۽ ضبط سان اڳيان پويان هلي رهيا هئا. ايتري تائين جو اهي واديءَ نمل ۾ پهتا ته هڪ ماڪوڙيءَ چيو، اي ماڪوڙيو! پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ لڪي وڃو. ائين نه ٿئي جو سليمان ۽ ان جو لشڪر اوهان کي ڪچلي چيپاٽي ڇڏي!! ماڪوڙي جي اها ڳالهه ٻڌي سليمانؑ کِلي پيو ۽ چيائين، اي پروردگار. . .!! مون کي توفيق ڏي ته جيئن آئون تنهنجو شڪر ادا ڪريان جيئن مون ۽ منهنجي والدين تي انعام ڪيو آهي ۽ آئون نيڪ عمل ڪريان جيڪو تنهنجي نزديڪ پسنديده آهي. ۽ مون کي پنهنجي رحمت سان پنهنجي نيڪ ٻانهن ۾ داخل فرمائي.“ (القرآن)

ڪِولين جهڙي ننڍي مخلوق جو پنهنجو هڪ سماجي طور طريقو آهي. هن تمام ننڍڙي حشرات الارض ۾ زندگي جا سمورا نظام موجود آهن. جهڙي نموني حضرت انسان جي زندگي هڪ نظام تحت قائم آهي. ماڪوڙين يا ڪِولين جو خاندان هزارين فردن تي مشتمل هوندو آهي. انهن ۾ مختلف شڪلين ۽ رنگ روپ هوندا آهن. پوري خاندان ۾ هڪ ملڪ هوندي آهي. پوري آبادي تي ان جو حڪم هلندو آهي. هر ماڪوڙي ان ملڪ جي حڪم جي پابند هوندي آهي. هن هزارن جي آبادي ۾ هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڪوڙيون هونديون آهن. فنڪار ماڪوڙيون، انجينئر ماڪوڙيون، ماهر باغبان ماڪوڙيون، مزدور ماڪوڙيون ۽ حفاظت لاءِ فوجي دستا پڻ هوندا آهن. انهن ۾ قرباني جو جذبو نهايت گهڻو هوندو آهي. سمورا ڪارڪن پنهنجو پنهنجو فرض مڪمل طور تي انجام ڏين ٿا. ماڪوڙين ۾ نر (Male) ۽ مادي (Female) ٻئي هوندا آهن. مگر ملڪ ڪانسواءِ ڪا به ٻي ماڪوڙي نسلي واڌ ويجهه جو ڪم نه ٿي ڪري سگهي. اتفاق سان جيڪڏهن ڪا ملڪ مري وڃي ته ماڪي جي مک وانگي ٻي ملڪ جو انتخاب ناهي ڪيو ويندو، پر سمورو خاندان ٻي ڪالوني ۾ شامل ٿي ويندو آهي. ماڪوڙين جي ڪالوني جي ورهاست ڪار نهايت اعلىٰ نمونو پيش ڪري ٿي. مختلف شڪل ۽ صورت جي ماڪوڙين ۾ ڪم جي ورهاست ڪئي ويندي آهي. ۽ اهي سيئي پنهنجي فرض جي پورائي ۾ ديانتداري سان ڪم ڪن ٿيون. ڪارڪن ماڪوڙيون خوراڪ ۽ نئين نسل جي پرورش جو ڪم ڪار ڪنديون آهن. مزدوري ۽ باربرداري به ڪن ٿيون. نر ماڪوڙا فقط نسل جي واڌاري جو ڪم انجام ڏين ٿا. انهن جو وجود ان وقت تائين هوندو آهي جيستائين ملڪ حامله ٿي وڃي. ان کان پوءِ هو آهستي آهستي ختم ٿي وڃن ٿا.

## ماکيءَ سان ڀريل ماڪوڙي:

ماڪوڙيءَ جو هڪ قسم ماکيءَ جي مک آهي. (Honey Ant) هوندي آهي. جيڪا گلن جو رس پنهنجي پيٽ ۾ گڏ ڪري ٿي. ۽ ان کان پوءِ پنهنجي گهر ۾ ابتي لٽڪي ويندي آهي. ٻيون مکيون، ملڪ ۽ ٻچا ان رس کي چٽيندا آهن. ۽ هي ويچاري قرباني جي جذبي ۽ الفت ۾ سرشار رهندي آهي. جيستائين سموري ماکيءَ جو رس ختم نه ٿي وڃي.

## باغبان ماڪوڙيون:

ماڪوڙين جو هڪ قسم باغبان هوندو آهي. جيڪي باغ لڳائڻ جو ڪم ڪنديون آهن. هي باغ جي مهارت ۽ ڪمال سان افزائش ڪنديون آهن. اهي باغ گهرن جي گيلرين ۽ خالي خانن ۾ لڳايا ويندا آهن. جيڪي ماڪوڙين لاءِ ميوات جي باغن وانگي ڪم اچن ٿا. ان ڪري جو ماڪوڙيون ان کي غذا طور به استعمال ڪن ٿيون. هي غذا آبادي جا سمورا فرد استعمال ڪن ٿا.

## مزدور ماڪوڙيون:

مزدور ماڪوڙيون خوراڪ جمع ڪن ٿيون انهن کي خفيه خانن ۾ ذخيرو ڪنديون رهن ٿيون. جيڪو ضرورت پوڻ تي استعمال ۾ آندو ويندو آهي. هي مزدور ماڪوڙيون ايڏيون ته محنتي آهن جو ڪنهن وقت تي پنهنجي جسم کان به ڏهوڻون وزن کڻي اينديون آهن.

## انجينئر ماڪوڙيون:

انجينئر ماڪوڙيون پنهنجي هنرمندي جو اعلىٰ نمونو پيش ڪنديون آهن. هي اهڙو ڪمرو تيار ڪنديون آهن جيڪو شاهي محل جي طور استعمال ڪيو ويندو آهي. هي ڪمرو نهايت صاف سترو رکيو ويندو آهي. هن ڪمري ۾ ملڪ رهائش اختيار ڪندي آهي. مزدور ۽ ڪارڪن ٻئي ملڪ جي خدمت گذاري ۾ هونديون آهن. هي شاهي محل گيلرين جي ذريعي هر پاسي کان مليل هوندو آهي. انهن گيلرين ۾ جڳهه جڳهه تي عام خانا هوندا آهن. جن ۾ يا ته خوراڪ جا ذخيرا هوندا آهن يا ڪارڪن ماڪوڙيون رهنديون آهن. انهن جو قلعو ايترو ته مضبوط هوندو آهي جو ان تي پاڻي جو ڪو اثر نٿو ٿئي ۽ نه ئي گرميءَ جي شديد تپش جو ڪو اثر ٿئي ٿو.

## درزي ماڪوڙيون:

ماڪوڙين جو هڪ اهڙو به قسم آهي جنهن کي اسان درزي ماڪوڙيون چئي سگهون ٿا. هي گهڻو ڪري جنگل ۾ رهنديون آهن. هنن جي رهائش وڻن تي هوندي آهي. هنن جا ڪارڪن وڏي مهارت سان پنن کي اهڙي نموني ويڙهي يا (Lolo on) ناهي بيضن مان نڪرندڙ ڪيڙن (لاروا) ان ۾ حفاظت سان رکي ڇڏين ٿيون. اهڙي نموني هي پکين جي حملي کان محفوظ رهن ٿا. هي ماڪوڙيون سِبڻ ۽ اُڻڻ ۾ ايتري قدر ماهر هونديون آهن جو هنن جي ناهيل شيءِ اهڙي معلوم ٿيندي آهي جهڙي ڪنهن ماهر درزيءَ جي سلائي ڪيل هجي.

## سائنسدان ماڪوڙيون:

ماڪوڙين جو هڪ قسم اهڙو به آهي جنهن کي فوجي ماڪوڙيون چئجي. هي گهڻو ڪري خانه بدوش هونديون آهن. هنن جا طور طريقا فوجين سان ملن جُلن ٿا. جهڙي نموني فوجي زندگي ڪيئمپ ۽ جنگل ۾ بسر ٿيندي آهي. اهڙي طرح هنن جي طرزِ رهائش انهن ماڪوڙين جي به آهي. هي هڪ قافلي جي شڪل ۾ سفر ڪن ٿيون. ملڪ هنن جي وچ ۾ هوندي آهي. سجو ڏينهن اهو قافلو روان دوان رهندو آهي. هنن جي رستي ۾ جي ڪو ٻيو ڪيڙو ايندو آهي ته محافظ ماڪوڙيون ماري ڇڏينديون آهن. رات جي وقت ڪنهن وڻ تي هڪ ٽنيءَ جي شڪل ۾ گڏجي ويهنديون آهن. انهن جي گڏجڻ جو انداز نهايت دلچسپ هوندو آهي. ملڪ انهن جي وچ ۾ هوندي آهي. پاسن کان ڪارڪن ۽ سپاهي هونديون آهن. ته جيئن هوا جو گذر ٿئي. جهڙي

طرح (Respiration) جي سائنسي اصولن کان بہ واقف هجن ٿين. پوري رات اهڙي نموني آرام ڪن ٿيون. ۽ سج ايرڻ مهل ئي انهن مان هڪ درجن ماڪوڙيون الڳ ٿي وينديون آهن. ۽ هلڻ شروع ڪري ڏينديون آهن. انهن جي هلڻ سان ئي ٻيون ماڪوڙيون هلڻ شروع ٿي وينديون آهن ۽ اهڙي نموني هي قافلو وري روان دوان ٿي ويندو آهي.

## ٽائيم ۽ اسپيس کان آزاد ماڪوڙيون:

ماڪوڙين جو هڪ اهڙو قسم بہ آهي. جيڪو هوا ۾ تحليل ٿيڻ ۽ فاصلا ختم ڪري هڪڙي هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچڻ جي غير معمولي صلاحيت رکن ٿيون. سائنسدانن جي سوين تجربن جي روشني مان اها ڳالھ ثابت ٿي چڪي آهي تہ اهڙين ماڪوڙين کي فضا ۾ تحليل ٿيڻ جي پوري صلاحيت موجود آهي.

بيضن ڏيڻ جو وقت اچي ٿو تہ ملڪہ جو جسم وڏو ٿي ويندو آهي. اهڙي حالت ۾ ڪارڪن ماڪوڙيون ملڪہ جي چاڪري ۾ لڳي وينديون آهن. ملڪہ جي بيضن ڏيڻ کان پوءِ نئين آبادي جنم وٺندي آهي. ملڪہ ڇهن ستن ڏينهن ۾ ويھ کان ٽيھ بيضا ڏيندي آهي. انهن بيضن کي ڪارڪن ماڪوڙيون وڏي احتياط سان هڪ جڳھ تي رکنديون آهن. جن مان ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ننڍا ننڍا ڪيڙا نڪري ايندا آهن جيڪي آهستي آهستي بالغ ماڪوڙين جي شڪل اختيار ڪري ويندا آهن. جيستائين ملڪہ جو تعلق آهي تقريباً اڌ درجن بيضا اهڙا هوندا آهن جن جي خاص سار سنڀال ڪئي ويندي آهي. انهن مان پنج ڇھ ملڪائون جنم وٺنديون آهن. جنهن جي نتيجي ۾ پراڻي آبادي پنجن ڇهن حصن ۾ ورهائجي ملڪہ جي چوڌاري گڏ ٿي ويندي آهي. هر ملڪہ جا ڪارڪن ۽ ڪارنده اطاعت گذاري ۽ فرمانبرداري ۾ توڙ نڀائيندا آهن.

هي ننڍڙو جيو (Insect) اهڙي نموني نظم و ضبط ۽ تعاون سان ڪهڙي طرح ڪم ڪري ٿو. هن کي نظم و ضبط ۽ باهمي تعاون سان رهڻ جو طريقو قدرت جي طرفان (Inspire) ٿئي ٿو. اهڙي انداز واري رهڻي ڪرڻي کي ڪنهن بہ طرح عقل ۽ شعور جي دائري مان ٻاهر ڪڍي نٿو سگهجي.

## ٽپالي پکي:

آسماني ڪتابن ۾ حضرت سليمانؑ ۽ ملڪہ سبا جو هڪ واقعو بيان ٿيل آهي. هن واقعي ۾ بہ هڪ پکي جي دانشمندي جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

حضرت سليمانؑ جي عظيم الشان ۽ بيمثال دربار ۾ انسانن کانسواءِ جنات ۽ حيوان بہ درباري طور خدمتن ۾ حاضر رهندا هئا. پنهنجي مقرر ۽ سپرد ڪيل خدمتن تي بنا ڪُڇڻ ۽ پُڇڻ جي عمل ڪندا هئا.

حضرت سليمان عليہ السلام جي دربار هلي رهي هئي ۽ ان دوران حضرت سليمانؑ هُدهُد پکي کي دربار ۾ غير حاضر ڏسي فرمايو. ”آئون هُد هُد پکي کي نہ پيو ڏسان...... ڇا واقعي غير حاضر آهي... جيڪڏهن سندس غير حاضري بنا ڪنهن سبب جي آهي تہ آئون کيس سخت سزا ڏيندس، يا ان کي ذبح ڪري ڇڏيندس. يا هو پنهنجي ان غير حاضري جو معقول سبب پيش ڪري.......!!“

اجان ڪجھ گهڻي دير نہ ٿي هئي تہ هُد هُد پکي حاضر ٿي ويو. ان حضرت سليمانؑ جي پڇا ڳاڇا تي ٻڌايو: ”آئون هڪ اهڙي خبر کڻي آيو آهيان جنهن بابت توهان وٽ اطلاع نہ آهي. اهو هن طرح آهي تہ يمن جي علائقي ۾ سبا نالي ملڪہ رهي ٿي. خدا ان کي سڀ ڪجھ عطا ڪيو آهي ۽ ان جي سلطنت جو تخت پنهنجي خوبين جي اعتبار کان عظيم الشان آهي. ملڪہ ۽ سندس قوم سج جا پوڄاري آهن. شيطان انهن کي گمراھ ڪري ڇڏيو آهي. اهي خدا لاشريڪ جي عبادت نٿا ڪن.“

هي واقعو ٻڌڻ کانپوءِ حضرت سليمانؑ جن فرمايو، ”تنهنجي سچ ۽ ڪوڙ جو امتحان هينئر ئي وٺي ٿا ڏسون. جيڪڏهن تون واقعي سچو آهين تہ هي منهنجو خط کڻي وڃي ملڪہ سبا کي پهچاءِ ۽ انتظار ڪر تہ هو ان بابت ڇا ٿا چون ـــ“

هُد هُد پکي هي خط کڻي پهتو تہ ملڪہ سج جي پرستش لاءِ وڃي رهي هئي. هُد هُد رستي ۾ هي خط سندس اڳيان رکي ڇڏيو. ملڪہ هي خط پڙهي پنهنجي درٻارين کي چيو: ”هاڻي ئي مون وٽ هي خط آيو آهي جنهن ۾ لکيل آهي تہ هي خط سليمانؑ پاران ۽ الله جي نالي سان شروع آهي جيڪو وڏو مهربان ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي. توکي مون سان سرڪشي ۽ هوڏ وارو رويو اختيار ڪرڻ نہ گهرجي ۽ تون مون وٽ خدا جي فرمانبردار بنجي اچ ـ!!“

ملڪہ سبا خط جو متن پڙهي چيو ـ ”اي منهنجي سلطنت جا ڪارندؤ ـــ توهان ڄاڻو ٿا تہ آئون اهم معاملن ۾ اوهان جي مشورن ڪانسواءِ ڪو بہ قدم نہ کڻندي آهيان. هاڻي توهان ئي تجويز ڏيو تہ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

حڪومتي ڪارندن عرض ۾ وراڻيو تہ، ”جيتري قدر ڪنهن جي دٻاءَ ۾ اچڻ جو تعلق آهي، انهيءَ جي ڪا بہ ضرورت ناهي. ڇو اسين وڏي سگهہ ۽ ويڙهہ واري طاقت جا مالڪ آهيون. رهيو صلاح مشوري جو معاملو اهو جيڪو توهان چاهيو فيصلو ڪري ڇڏيو. اسين توهان جا فرمانبردار آهيون.“

ملڪہ فرمايو ـــ ”جنهن عجيب نموني سان سليمانؑ جو پيغام مون تائين پهتو آهي، اهو اسان کي اُن ڳالهہ جو سبق ڏئي ٿو تہ سليمانؑ جي معاملي ۾ سوچي سمجهي قدم کڻڻ گهرجي. منهنجو ارادو آهي تہ ڪجهہ قاصد روانا ڪريون. جيڪي سيلمان لاءِ اعلىٰ ۽ قيمتي تحفا کڻي وڃن.“

جڏهن ملڪہ سبا جا قاصد تحفا کڻي حضرت سليمانؑ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، حضرت سليمان ڪين فرمايو، ”توهين پنهنجا تحفا واپس کڻي وڃو ۽ پنهنجي ملڪہ کي ٻڌايو. جيڪڏهن هُن منهنجي پيغام کي قبول نہ ڪيو تہ آئون هڪ وڏي لشڪر سان پهچندس ۽ توهان ان کي روڪڻ ۽ مقابلي ڪرڻ کان بيوس هوندا.“

قاصدن واپس اچي ملڪہ سبا کي سموري احوال کان آگاهہ ڪيو. جيڪو حضرت سليمانؑ جي عظمت ۽ شان و شوڪت جو منظر ڏٺو اهو اکر بہ اکر ٻڌايو، تہ ان جي حڪومت فقط انسانن نہ پر جنات ۽ حيوان بہ ان جي تعبيداري ۾ آهن.

ملڪہ جڏهن اهو سمورو احوال ٻڌو تڏهن اهو فيصلو ڪيو تہ حضرت سليمان جي آواز تي لبيڪ ڪرڻ ئي مناسب آهي. ۽ هو سندس خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ رواني ٿي وئي. جڏهن سليمانؑ کي معلوم ٿيو تہ ملڪہ سبا خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ اچي رهي آهي تہ اُن پنهنجي درٻارين کي مخاطب ٿي چيو ـــ ”آئون چاهيان ٿو تہ ملڪہ سبا جي هتي اچڻ کان اڳ ۾ ان جو تخت شاهي درٻار ۾ موجود هجي.“

## لهرن تي سفر:

محفل ۾ هڪ ديو نما جن چيو: ”توهان جي مجلس ختم ٿيڻ کان اڳ آئون اهو تخت کڻي اچي سگهان ٿو.“ هڪ جن جي دعوىٰ ٻڌي ڪري هڪ انسان بہ جنهن وٽ آسماني ڪتاب جو علم هو، ان چيو تہ: ”ان کان اڳ جو توهان اک ڇنڀيو آئون اهو تخت توهان جي خدمت ۾ پيش ڪري سگهان ٿو.“

حضرت سليمان مُڙي ڏنو ته دربار ۾ ملڪ جو تخت موجود هو. دربار ۾ تخت اچي وڃڻ کان پوءِ حضرت سليمانؑ حڪم ڏنو ته هن تخت جي هيئت ۾ ڪجھ تبديلي ڪئي وڃي. آئون ڏسڻ چاهيان ٿو ته ملڪ سبا هي سڀ ڪجھ ڏسي حقيقت جي واٽ تي اچي ٿي يا نه.

ڪجھ عرصي کان پوءِ ملڪ سبا حضرت سليمانؑ جي دربار ۾ حاضر ٿي. ڪانئس اهو پُڇيو ويو ته ڇا تنهنجو تخت اهڙو ئي آهي؟" عقلمند ملڪ جواب ڏنو، "اهڙو ئي لڳي ٿو جهڙوڪ ساڳيو آهي." ملڪ سبا ان سان گڏ ئي چيو، "مون کي توهان جي بينظير مثال ۽ بي مثال طاقت جو اڳ ۾ ئي علم ٿي چڪو آهي. ان ڪري آئون مطيع ۽ فرمانبردار ٿي خدمت ۾ حاضر ٿي آهيان. هن تخت جو معاملو توهان جي لاثاني قوت جو تازو مظهر آهي. اسان جي اطاعت لاءِ وڏيڪ فرمايائون ـــــ انهيءَ لاءِ اسان ٻيهر توهان سان فرمانبرداريءَ جو اظهار ڪريون ٿا."

حضرت سليمانؑ جنات ۽ انسان انجينئرن کان هڪ عمدي قسم جو محل تعمير ڪرايو هو. آبگينن جي چمڪ، محل جي نفاست ۽ عجيب غريب دستڪاري ۽ هُنر سان بي مثال هو. ان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اڳيان جيڪو صحن هو. ان جي هيٺان هڪ وڏو حوض کوٽائي شفاف پاڻيءَ سان ڀرائي مٿان شفاف آبگيني بلوري ٽڪرن سان هڪڙو نفيس فرش تعمير ڪرايل هو. جيڪو ڏسڻ واري جي نگاهه دوکو کائي ويندي هئي ته صحن ۾ شفاف پاڻي وهي رهيو آهي.

ملڪ سبا کي چيو ويو ته شاهي محل ۾ رهائش اختيار ڪري. ملڪ جڏهن عاليشان محلات جي اڳيان صحن وٽ پهتي ته کيس شفاف پاڻي وهندو نظر آيو. اهو ڏسي پاڻي مان گذرڻ لاءِ ڪپڙن کي پيرن جي ٽِڪين کان مٿي ڪنيو. تڏهن سليمان عليہ السلام فرمايو، "ان جي ضرورت نہ آهي هي پاڻي ناهي. هي سڄو محل ۽ ان جو خوبصورت صحن چمڪندڙ آبگينن سان بنايو ويو آهي."

شرم مان ملڪ جون نظرون جُهڪي ويون. هن جي فهم ۽ دانشمنديءَ تي هڪ وڏي چوٽ لڳي. هُن جي لاشعور ۾ لڪل نخوت ۽ وڏائي ندامت مان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ملڪ نادم ۽ شرمسار انسان وانگي سليمانؑ جي اڳيان بارگاهه الاهي ۾ اقرار ڪري ڇڏيو.

"اي پروردگار اڄ ڏينهن تائين مون الله کان سواءِ عبادت ڪري مون پنهنجي نفس تي وڏو ظلم ڪيو آهي. مگر هاڻي آئون سليمانؑ سان گڏ ٿي ڪري فقط هڪ خدا تي ايمان آڻيان ٿي جيڪو سڄي ڪائنات جو پروردگار آهي."

هزارين مثالن مان جيڪي ڪجھ مثال بيان ڪيا ويا آهن ان مان اها ڳالهه ثابت ٿي وڃي ٿي ته انسان وانگي ٻيون مخلوقات، جانور، پکي، جنات ۽ جيت وغيره بہ عقل ۽ شعور رکن ٿا.

# تخليق جو قانون

الله تعاليٰ فرمايو، ” اسان دائود ۽ سليمان کي هڪ علم عطا ڪيو جيڪو الله جي طرفان انسپائر Inspire ٿيو آهي.“

انسپائر ٿيڻ معنيٰ ته ٻڌي ڪري يا ڪو منظر ڏسي ڪري، بهرحال ڪنهن به صورت ۾ اهو الله جي طرفان هوندو آهي. جيئن ته الله جي پيغمبرن تي وحي جي ذريعي علم نازل ٿيندو آهي. ان ڪري الله جي طرفان ذهن ۾ ڪو خيال اچي ته اهو الله جو ئي علم هوندو آهي.

مختلف سائنسي تلخيق ۽ ايجادون هوائي جهاز، ڪمپيوٽر، ٽيليويزن، ٽيليفون وغيره جي ايجاد به اُن وقت ممڪن ٿي جڏهن ماڻهن کي الله جي طرفان نيون نڪور ايجادن جو علم انسپائر ٿيو. انهيءَ ڪري جو بغير علم جي ڪنهن شيءِ جو وجود زير بحث نٿو اچي. انسان کي اها شيءِ ملي وڃي جنهن جي ان کي تلاش هوندي آهي. الله تعاليٰ وٽ ان ڳالهه جي خصوصيت نه آهي ته هو الله تعاليٰ جو چيو مڃي ٿو يا نٿو مڃي.

## الله جي سنت:

قانون اهو آهي ته انسان پنهنجي صلاحيتن سان تن من ڌن سان ڪنهن شيءِ جي ڳولا ۾ لڳي وڃي ۽ ان تلاش ۽ جستجو کي زندگي جو مقصد بنائي ڇڏي ته اها شيءِ کيس حاصل ٿي وڃي ٿي. اها الله جي سُنت آهي. پهريائين به جاري هئي، هاڻ به جاري آهي ۽ اڳيان به هلندي رهندي. هن ڳالهه کي اسان جي وڏڙن ٻن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. ”جيڪي لوڇين سي لهن.“

تمام گهڻن ماڻهن زمين جي اندر ڌاتو يورينيم (Uranium) جي ڳولا شروع ڪئي. ماڻهن انهن تي چٿرون ۽ مذاق ڪيو. مگر اهي لڳاءُ سان گڏ ان ڪم ۾ مصروف رهيا. هڪڙي ڏينهن انهن يورينيم کي هٿ ڪري ورتو. هي اهو ئي ڌاتو آهي جيڪو ائٽم بم جي تياري ۾ وڏي اهميت رکي ٿو.

قرآن ۽ ٻين آسماني صحيفن ۾ الله تعاليٰ حضرت سليمانؑ جي واقعي ۾ فقط ڪهاڻي بيان ناهي ڪئي جو ڪهاڻي ٻڌائي رعب ڪيو وڃي. الله تعاليٰ اسان تي ڪهڙو رعب ڪري؟ انسان جي حيثيت ۽ حقيقت ئي ڪهڙي آهي؟ الله جي علم جو ڪو ڇيڙو ناهي. الله جي منشا اها آهي ته اسان به هدايت جي واٽ اختيار ڪريون. الله ان سلسلي ۾ جنات جو به ذڪر ڪيو آهي. اهو به ٻڌايو ته جنات انسانن جي زيرِ اثر اچي سگهن ٿا. جيڪڏهن ماڻهو ان علم کي آسماني ڪتابن ۾ تلاش ڪن. جنهن کي علم الڪتاب چيو ويندو آهي. يقين سان اهو علم ملي سگهي ٿو. جيڪو انسان کي نه فقط جنات تي پر پوري ڪائنات تي فوقيت ڏئي ٿو.

## لازمانيت TIMELESSNESS:

هُد هُد پکي جو حضرت سليمانؑ کي ملڪ سبا جي متعلق اطلاع ڏيڻ ۽ اهو به ٻڌائڻ ته ان جي قوم سج جي پوڄاري آهي. هُد هُد جو پيغام کڻي وڃڻ هي سيئي ڳالهيون معنيٰ کان خالي ناهن، انهن ڳالهين ۾ الله جي حڪمت جو راز رکيل آهي.

پهرين حڪمت اها آهي تہ سليمانؑ جيڪو انسانن، جنات، پکين، چوپاين ۽ درندن ۽ حيوانن تي حڪومت ڪندا هئا.

ٻي حڪمت اها هئي تہ انهن مان ڪنهن کي سرڪشي ڪرڻ جي همت نہ هئي. جيڪڏهن ڪنهن اهڙي ڪوشش ڪئي تہ ان کي سزا ڏني ويندي هئي. جهڙي طرح حضرت سليمانؑ هُد هُد لاءِ چيو هو.

ٽين حڪمت اها آهي تہ ايڏي وڏي لشڪر جنهن ۾ جنات، انسان، پکي پکڻ وغيره شامل هئا. الله طرفان ان سڀني لشڪر جي پيٽ ڀري کائڻ لاءِ رزق جو سڄو اهتمام ڪيل هو.

هن سڄي قصي ۾ هي بہ ٻڌايو ويو آهي تہ سليمان عليہ السلام جي لشڪر ۾ هڪ اهڙو جِنّ بہ هو جيڪو هڪ يا ٻن ساعتن ۾ ملڪ سبا جو تخت يمن مان بيت المقدس کڻي اچي سگهڻ جي قوت رکندو هو. جڏهن تہ يمن ۽ بيت المقدس جو مفاصلو اٽڪل ڏيڍ هزار ميل آهي.

هن قصي مان اسان کي اِها بہ ڄاڻ ملي ٿي تہ انسان جي رسائي جنات کان بہ وڌيڪ آهي جو هو ڪتاب جو علم رکي ٿو. جيتوڻيڪ هڪ اهڙو ئي انسان علم جي زور تي ملڪ سبا جو تخت هڪ اک ڇنڀڻ جيتري وقت ۾ ڏيڍ هزار ميلن تان ملڪ سبا جو تخت کڻي پيش ڪري ڇڏيو. الله تعالىٰ ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ آسماني ڪتابن ۾ اهو علم موجود آهي جنهن سان انسان ذات هر طرح سان فائدا حاصل ڪري سگهي ٿي. هن ۾ نبيّ هُجڻ جي ڪا بہ شرط نہ آهي پر هر ٻانهي جي اندر اها صلاحيت موجود آهي. ڪتاب جو علم سڪي انسان اهڙي مقام تي پهچي وڃي ٿو، جتان ان کي ڪائنات ۾ تصّرف ڪرڻ جي صلاحيت عطا ڪئي وڃي ٿي.

ان صلاحيت کي جيڪڏهن ڪو ماڻهو نڪرائي ڇڏي ۽ ائين سمجهي تہ منهنجي کهڙي حقيقت آهي جو آئون اهو علم سمجهي سگهندس. اها سراسر غلطي هوندي، اهو ان ڪري جو الله تعالىٰ سليمان عليہ السلام جي قصي ۾ ٻانهي جو ذڪر ڪري اها صلاحيت عام ڪئي آهي. شرط اهو آهي تہ تفڪر کان ڪم وٺي ۽ ان کي تلاش ڪري. اهو قانون بيان ڪري پيغمبر جي فضيلت کي گهٽ ڪرڻ جو اسان جو ارادو نہ آهي. پيغمبر الله جي سموري علم جا مخزن و منبع ۽ الله جا فرستاده پيغمبر آهن. ٻڌائڻ جو مقصد اهو آهي تہ انسان ذات جو هر فرد پيغمبرن جي علم ذريعي ماورائي دنيا ۾ تصّرف حاصل ڪري سگهي ٿو.

## جبلي ۽ فطري تقاضا:

انسان ٻن تقاضن جو مرڪب ۽ محرڪ آهي. هڪ جبلي تقاضا ۽ ٻي فطري. جبلي تقاضي تي اسان بااختيار آهيون ۽ فطري تقاضي تي اسان کي ڪنهن حد تائين تہ اختيار آهي. پر ان ارادي ۽ خيال کي مڪمل طور تي رد ڪرڻ جو اختيار نٿو رکي هي هڪ نظام آهي جيڪو جبلت ۽ فطرت تي قائم آهي. جبلت ۾ هڪ نوع ۽ هر نوع جو فرد هڪ ٻئي سان محسوساتي رشتو رکي ٿو. اها ڪنهن کي خبر ڪونهي تہ جهڙي طرح هڪ ماءُ پنهنجي ٻچي سان پيار ڪري ٿي ۽ پنهنجي ٻچي جي تربيت ڪري پنهنجي پيرن تي بيهاري ٿي. اهڙي نموني هر ٻلي پنهنجي ٻچي سان محبت ڪري ٿي. پنهنجي ٻچي جي تربيت ڪري ٿي ۽ گرمي سردي ۾ ان جي حفاظت ڪري ٿي. ڪڪڙ هڪ زمين تي هلندڙ پکي آهي. جيڪو هڪ ئي وقت پنهنجن ڪيترن ئي چوزن کي گڏ رکي ٿي. هن نموني انهن جي تربيت ۽ حفاظت ڪري ٿي. ماءُ کهڙي بہ هجي اها ڪڪڙ هجي، ڪبوتر هجي، شينهڻ هجي ۽ ٻڪري هجي مامتا جو جذبو سمورين ذاتين ۾ هڪ جهڙو آهي.

جبلت ۾ ڪو بہ فرد پنهنجي ارادي ۽ اختيار سان تبديلي ڪري سگهي ٿو. پر فطرت ۾ ڪنهن بہ ذات جو ڪو بہ فرد تبديلي نٿو ڪري سگهي. پيدائش هڪ فطري عمل آهي. پيدائش کان پوءِ اُڃ بُک جي تقاضا بہ

هڪ فطري عمل آهي. اهڙي نموني ڪو به ماڻهو ڪو به فرد چاهي ذرتي جي ڪهڙي به خطي ۾ موجود هجي، هن ڳالهه تي ڪو به اختيار نٿو رکي ته هو سڄي حياتي ڪجهه به نه ڪائي پيئي سڄي حياتي ننڊ ۾ هجي يا جاڳندو رهي. هر ماڻهو يا هر مخلوق جو فرد جهڙي نموني کاڌو کائڻ ۽ پاڻي پيئڻ تي مجبور آهي اهڙي طرح سمهڻ ۽ جاڳڻ جي معاملي ۾ مجبور ۽ بي وس آهي. اهو ڌيان ڇڪائڻ ان ڳالهه جو انڪشاف ٿئي ٿو ته ڪائنات جي سمورن فردن ۾ جبلت ۽ فطرت جي لحاظ کان پاڻ ۾ هڪ ذهني رابطو رکن ٿا. ۽ هڪ گڏيل رشتي ۾ شريڪ آهن.

جڏهن اسان فطرت ۽ جلبت جو گهرائي سان مطالعو ڪريون ٿا تڏهن اسان کي هڪ نئون شعور حاصل ٿئي ٿو. هي شعور انسانن ۽ جنات ڪانسواءِ ڪنهن کي به حاصل نه آهي. جڏهن انسان جي اندر سوچ تفڪر جو هي شعور حرڪت ۾ اچي وڃي ٿو، تڏهن ان جي نظر، ان جو فهم، ان جو ادراڪ، ان جي بصيرت هُن کي لازمي طور تي هن طرف ڌيان ڇڪائي ٿي ته، با اختيار انسان مجبور محض به آهن. اهو مجبور ٿيڻ ان ڳالهه جو دليل آهي ته اسان جي سڄي حياتي جي ڏور ڪنهن اهڙي هستي جي هٿ ۾ آهي، جنهن جو اختيار سڄي ڪائنات تي محيط آهي. مذهب ان هستي جا مخلتف نالا متعارف ڪرائين ٿا.

اسلام ان هستي کي الله جي نالي سان متعارف ڪرائي ٿو. عيسائيت ان عظيم ۽ دبدبي واري هستي کي گاڊ (God) جو نالو ڏئي ٿي. هندو مت ان بزرگ ۽ برتر هستي کي ڀڳوان چوي ٿو. ڪو يزدان ۽ ڪو ايلا ڪري پڪاري ٿو. مختصر اهو ته هر مذهب هن عظيم هستي سان تعارف ڪرائڻ لاءِ ڪو نه ڪو اسلوب ضرور رکي ٿو.

# اِستغنـــــا

غور ۽ فکر ڪيو وڃي تہ سوچڻ ۽ سمجھڻ لاءِ ڪئين رُخ متعين ٿين ٿا. تفصيل ۾ وڃڻ جي بجاءِ اسين ٻن رُخن جو تجزيو ڪنداسين. اهي ماڻھو جيڪي علم جي اعتبار کان پختي ذهن جا مالڪ آهن. مطلب تہ اهڙو ذهن رکن ٿا جنهن ۾ شڪ شبهي جي ڪا بہ گنجائش نہ آهي. اهي چون ٿا تہ اسان جو يقين آهي تہ هر شيءِ جي هن دنيا ۾ ڪھڙي بہ حيثيت هجي، ننڍي هجي وڏي، سڪون هجي يا تڪليف، سڀ الله جي طرفان آهن. انهن ماڻھن جي مشاهدي ۾ اها ڳالھ اچي وڃي ٿي تہ ڪائنات ۾ جيڪو ڪجھ موجود آهي، جيڪو ڪجھ ٿي رهيو آهي، ۽ ٿي چڪو آهي يا مستقبل ۾ جيڪو ٿيڻ وارو آهي. ان جو تعلق سڌو سنئون الله جي ذات سان آهي. يعني جھڙي نموني الله جي ذهن ۾ ڪنهن شيءِ جو وجود آهي. اهڙي نموني ان جو مظاهرو ٿيندو آهي. فلسفيانہ طرزِ فڪر کي نظرانداز ڪندي، في الحال اسان ان بابت ڪجھ مثالن تي غور ڪنداسين.

زندگي جو هر عمل هڪ حيثيت رکي ٿو. ان حيثيت کي معنىٰ پهرائڻ دراصل هڪ طرزِ فڪر ۾ تبديلي آهي. اسان جو يقين آهي تہ هر شيءِ جنهن جو وجود هن دنيا ۾ آهي يا جيڪا شيءِ وجود ۾ ايندي، اها پھريان کان ئي ڪٿي آهي. مطلب تہ دنيا ۾ ڪا بہ شيءِ ان وقت تائين موجود نٿي ٿي سگھي، جيستائين هو پھرين ڪٿي کان موجود نہ هجي. ڪو بہ ماڻھو ان ڪري ئي پيدا ٿيندو آهي جو هو پيدا ٿيڻ کان پھرين موجود هوندو آهي. ماڻھو جي زندگي جون راتيون ۽ ڏينهن،مهينا ۽ سال جا واقعا پھرين کان هڪ فلم جي صورت ۾ ريڪارڊ آهن. ان فلم کي اسان ڪائناتي فلم يا ”لوح محفوظ“ چئون ٿا.

## ڪائناتي فلم:

ماڻھو جڏهن عاقل، بالغ ۽ باشعور ٿئي ٿو تہ ان کي زندگي گھارڻ لاءِ وسيلن جي ضرورت درڪار هوندي آهي. وسيلا حاصل ڪرڻ لاءِ پيسو ۽ دولت هڪ ميڊيم جي حيثيت رکي ٿي. ڳالھ ڪجھ هن طرح آهي تہ هڪ ماڻھو کي پيدا ڪرڻ واري هستيءَ ان لاءِ هڪ لک روپيہ مقرر ڪري ڇڏيا. اهڙي نموني جيئن بينڪ ۾ هڪ لک روپيہ جمع ٿي وڃي ٿو. وسيلن کي استعمال ڪرڻ لاءِ ماڻھو ڪوشش ۽ جدوجهد ڪري ٿو. ڪوشش ۽ جدوجهد جيئن جيئن ڪاميابيءَ جا مرحلا طئي ڪري ٿي وڃي ٿي ان کي روپيہ پيسا ملندا رهن ٿا. ۽ ضرورتون پوريون ٿينديون رهن ٿيون. ليڪن اها ڳالھ پنهنجي جاءِ تي اٽل آهي تہ جيڪڏهن ڪائناتي فلم (لوح محفوظ) ۾ وسيلن جو ريڪارڊ ۽ زرِ مبادلہ مقرر نہ هجي تہ ڊسپلي (Display) ٿيڻ واري فلم نامڪمل هجي ها. هڪ ماڻھو جي نالي بينڪ ۾ ڪروڙين روپين جو زرِ مبادلہ آهي ليڪن هو نہ ان کي استعمال ڪري ٿو ۽ نہ ئي ان طرف متوجهہ ٿئي ٿو. تہ اهو زرِ مبادلہ ان جي ڪم نٿو اچي.

هڪڙو طرز فڪر هي بہ آهي تہ هڪ ماڻھو باوجود ان جي ضمير ملامت ڪري ٿو پنهنجي روزي حرام طريقي سان حاصل ڪري ٿو. رزق حلال سان بہ مانيون ڪائي ٿو. رزقِ حرام سان بہ پيٽ پري ڪائي ٿو. پر اها ڳالھ مڃڻ جوڳي آهي تہ هن دنيا ۾ جيڪو ڪجھ ملي رهيو آهي اهو پھرين کان ئي فلم جي صورت ۾ موجود آهي.

هڪڙو ماڻهو محنت مزدوري ڪري ضمير جي روشني ۾ پيسا ڪمائي ٿو. ٻيو ماڻهو ضمير جي ملامت ۽ جُٽ جي پرواهه نه ڪندي پيسو ڪمائي حاصل ڪري ٿو. ٻنهي صورتن ۾ ڪين اهو ئي پيسو ملي رهيو آهي جيڪو لوح محفوظ ۾ هنن لاءِ جمع ڪرايو ويو آهي. هي وڏي عجيب ڳالهه آهي ۽ انتهائي بي عقلي آهي جو ماڻهو پنهنجي ئي حلال شيءِ کي حرام ڪري ڇڏي ٿو.

## ظرف ۽ مقدر:

هڪ دفعي حضرت عليؓ پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي ڪنهن پاسي وڃي رهيا هئا. نماز جو وقت ٿي ويو. پاڻ گهوڙي تان لهي پيا. ويجهي ڪان هڪ بدو گذريو. ان کي سڏي ڪري چيائون، ”ٿوري دير لاءِ گهوڙي جي لغام کي جهلي بيهه. تيستائين آئون نماز ادا ڪري وٺان. . !“

بدو هائوڪار ڪئي ۽ حضرت عليؓ کيس گهوڙي جي واڳ ڏئي نماز ادا ڪرڻ شروع ڪئي. حضرت عليؓ نماز قائم ڪرڻ مهل دنيا کان بي خبر ٿي ويندا هئا. بدّو سوچيو سنو موقعو آهي. گهوڙو هضم ڪرڻ ته ڏکيو آهي ۽ لغام لاهي روانو ٿي ويو. پاڻ رضہ جڏهن نماز کان فارغ ٿيا ۽ ڏٺائون ته گهوڙو موجود آهي پر لغام ۽ بدّو غائب آهن. ايتري ۾ سندن هڪ خادم جو گذر ٿيو. پاڻ کين ٻه درهم ڏئي چيو ـ ”وڃ بازار مان هڪ لغام خريد ڪري اچ . . . !“

سندن غلام بازار پهتو ته اتي هڪ بدّو لغام ڪٽي وڪڻڻ لاءِ منتظر آهي. هن لغام کي سڃاڻي ورتو ۽ بدّو کي پڪڙي حضرت عليؓ جي خدمت ۾ وٺي آيو. پاڻ سوال ڪيائون، ”هن کي ڇو پڪڙي وٺي آيو آهين؟“ تنهن تي خادم وراڻيو، ”هي توهان جي گهوڙي جو لغام آهي ـ!“ حضرت عليؓ فرمايو، ”هي هن لغام جي گهٽي قيمت گهُري رهيو هو.......؟“

خادم وراڻيو، ”ٻه درهم ــ!!“

پاڻ فرمايائون، ”تون هن کي ٻه درهم ڏيئي ڇڏ ــــ!“ ۽ فرمايو ته مون اهو سوچي هن کي واڳ ڏني هئي ته نماز مان فارغ ٿي هن کي ان عيوض ٻه درهم ڏيندس. هي ان جو ظرف آهي ته هن پنهنجي مقدر ٻي پاسي وٺڻ پسند ڪيو.“

## ست چور:

شيخؒ کي ويني ويني خيال آيو ته اها عجيب ڳالهه جو الله هر وقت پنهنجو احسان جتائيندو رهي ٿو. ڪڏهن چوي ٿو ته آئون ڪارايان ٿو، پياريان ٿو ـــ ۽ ڪڏهن چوي ٿو آئون روزي موڪليان ٿو. جيڪڏهن اسان ڪاڏو نه ڪائون ته ڪا ٻه طاقت اسان کي ڪائڻ تي مجبور ڪري نٿي سگهي. اها سوچ ويچار ڪري هن ڪائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏيو. جڏهن ٻارن ٻچن گهڻو پريشان ڪيو ته گهر ڇڏي هڪ پراڻي قبرستان ۾ وڃي ويهي رهيو. شام جو وقت ٿيو هو. ان مهل ڪنهن شخص پنهنجي مراد پوري ڪرڻ لاءِ قبرستان ۾ موجود مزار تي حاضري ڏيڻ آيو. فاتح خواني کان پوءِ ان شيخ کي وينل ڏسي کيس ٻه تبرڪ ڏنو. شيخ جي انڪار ۽ ان شخص جي اصرار عجيب صورتحال ڪري ڇڏي. هن شخص اهو سمجهو ته شيخ ڪو ديوانو آهي. هڪ پڙي ۾ ڪجهه لڏون وجهي اتي ڇڏي هليو ويو. جڏهن هوش ايندس ته پاڻهي کائيندو. آڌي رات کان وڌيڪ وقت گذريو ته قبرستان ۾ چور داخل ٿيا. انهن چوري ڪيل مال جي ورهاست شروع ڪئي ته شيخ اتي ويهي رهيو. چورن جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته هي ضرور ڪو مُخبر آهي. هنن جلدي جلدي مال ويڙهي پنهنجي ٿوال ۾ ٻڌو ۽ شيخ کان سوال جواب ڪرڻ لڳا. شيخ ڪوبہ مطمئن ڪندڙ جواب نه ڏيئي رهيو هو. اهو تڪرار

هليو پئي تہ هڪ چور جي نظر پڙي تي پئي. پُڙي کي کولي ڏٺائين تہ ان ۾ ست منائي جا لڏون پيا هئا. چورن جي اڳواڻ چيو تہ هي بہ ڪو چور آهي ۽ وڏو چالاڪ آهي. هن منائي ۾ زهر ملائي ڇڏيو آهي تہ جئين اسين سڀ کائي مري وڃون ۽ هي اسان جي مال تي قبضو ڪري وڃي. اڳواڻ چيو تہ هي سمورا لڏون هن کي کارايا وڃن تہ جئين هي خود سندس سازش ۾ هي ئي مري وڃي. ٻن ڇڻن هن جا پير جهليا ٻن ڇڻن ٻانهون جهليون، هڪڙي ڇڻي مٿي کان جهليو، هڪڙو ڇڻو سندس ڇاتي تي چڙهي ويو. سندس وات کولي لڏون وجهڻ شروع ڪيا. جڏهن هن اهڙي حال ۾ لڏون کائڻ نٿي چاهيا تہ ان شخص زور زور سان چماٽون هڻي آڱرين سان لڏون شيخ جي نڙي ۾ لاهي ڇڏيا. اهڙي مارڪٽ سان ست ئي لڏون شيخ جي پيٽ ۾ پهچي ويا. اهو ڪارنامون ڪرڻ کان پوءِ ست ئي چور فرار ٿي ويا.

شيخ اُٿيو ۽ وڏي حسرت سان ان جڏهن آسمان ڏانهن نهاريو تہ آواز آيو "اي مغرور بندا...! گهر هليو وڃ ....... نہ تہ روزانو اسين اهڙي نموني ڪارائيندا رهنداسين...!!

## ٽوڪريءَ ۾ حلوو:

هڪ شخص ڳوٺ ڇڏي جنگل ڏانهن هليو ويو. هڪ وقت، ٻہ وقت بکيو رهيو، جڏهن آئون ڪاڏو نہ ڪائيندس تہ مون کي ڪير ڪارائيندو. ٽيون وقت بُک ۽ اُڃ جي ڪري حالت ابتر ٿي وئي. دل ۾ خيال آيس پاڻي پي ڇڏجي تہ ڪوبہ حرج نہ آهي. ويجهو ئي هڪ نهر هئي. جڏهن هو شخص ان نهر جي ويجهو آيو، پاڻي جي وهڪري ۾ هڪ ٽوڪري بہ لڙهندي پئي آئي. تجسس ٿيو تہ هن ٽوڪري ۾ ڇا هوندو؟ هن ٽوڪري ڪڍي ۽ بيقراري سان کولي ڏٺو تہ هن ۾ چڱو خاصو حلوو موجود هو. هن مغرور بنا دير جي بيتابي مان سمورو حلوو کائي ڇڏيو. حلوو کائڻ ۽ پاڻي پيئڻ کانپوءِ هن کي خيال آيو تہ هي حلوو ڪٿان آيو؟ پاڻي جي وهڪري سامهون هي واهہ جو ڪنارو ڏيئي هلندو رهيو. آخر ڪار هڪ ڳوٺ ۾ پهچي ويو، اتي هڪ هاري ٻڌايو تہ اها ٽوڪري صبح جو سويري زميندار واهہ ۾ لوڙهي هئي. خبر ناهي تہ ان ۾ ڇا هو؟ مغرور شخص زميندار جي گهر ويو. زميندار ٻڌايس تہ رات اسان وٽ هڪ فقير آيو هو. اسان جو هڪ پاءُ بيماري ۾ مبتلا هو. هن جي جسم تي ڪوڙهہ جو مرض هو. جسم جو تقريبن حصو ڳرڻ شروع ٿي ويو هو. گندگي ۽ رت ٽمندو رهندو هو. فقير اهو علاج تجويز ڪيو تہ حلوو رڌي گرم گرم سڄي جسم تي ملي ڇڏيو ۽ صبح جو سويري سڄو حلوو جسم تان لاهي ٽوڪري ۾ وجهي پاڻي ۾ لوڙهي ڇڏيو.

## اسباق جو دستاويز:

راسخ في العلم ماڻهن جي ذهن ۾ يقين جو اهڙو پيٽرن نهي وڃي ٿو، جو هو پنهنجي حياتي جو هر عمل ۽ حياتي جي هر ڇُرپر، هر ضرورت جو لاڳاپو الله تعاليٰ سان وابستہ ڪريو ڇڏين ٿا. اهو ئي پيغمبرن جو طرزِ فڪر آهي. انهن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ راسخ ٿي وڃي ٿي تہ اسان لاءِ الله تعاليٰ جيڪي نعمتون مخصوص ڪيون آهن. اهي اسان کي هر حال ۾ ملڻيون آهن ۽ اهو يقين هنن جي اندر ۾ استغنا جي طاقت پيدا ڪري ڇڏي ٿو. قلندر بابا اولياءَ جو ارشاد آهي تہ استغنا يقين کانسواءِ پيدا نٿو ٿئي ۽ يقين جي تڪميل مشاهدي کانسواءِ نٿي ٿئي. جنهن ماڻهو جي اندر استغنا نٿو ٿئي. ان ماڻهو جو تعلق الله سان گهٽ ۽ مادي دنيا سان وڌيڪ رهندو آهي.

روحانيت اهڙي تعليم جو دستاويز جنهن تعليم ۾ اها ڳالهه وضاحت سان پيش ڪئي ويئي هجي تہ سڪون جي لاءِ ضروري آهي تہ اندر استغنا هجي. استغنا لاءِ لازمي آهي تہ قادر مطلق هستي تي ڀروسو هجي. يقين ۽ ڀروسي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهو جي اندر ايمان هجي، ۽ ايمان لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهو جي اندر اها نظر ڪم ڪندي هجي جيڪا نظر غيب کي ڏسندي هجي. ٻي صورت ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن ماڻهو کي سڪون نٿو ملي سگهي.

اڄ جي دنيا ۾ عجب صورتحال آهي تہ هر ماڻهو دولت جا انبار گڏ ڪرڻ ۾ مشغول آهي. ۽ اها شڪايت ڪري ٿو تہ سڪون ناهي. سڪون ڪا عارضي شئي نہ آهي. سڪون هڪ ڪيفيت جو نالو آهي، جيڪو يقيني آهي ۽ جنهن جي مٿان موت وارد نٿو ٿئي. اهڙيون شيون جيڪي عارضي ۽ فاني آهن، جنهن مٿان اسان جي ظاهري اکين اڳيان موت نازل ٿيندو رهي ٿيو. انهن مان ڪڏهن بہ سڪون ملي نٿو سگهي.

استغنا هڪ اهڙي طرزِ فڪر آهي جنهن اندر ماڻهو فاني ۽ مادي شين تان ذهن هٽائي حقيقي ۽ لافاني شين ۾ غور فڪر ڪري ٿو. هي غور ۽ فڪر جڏهن ڪنهن ماڻهو کي قدم بہ قدم پنڌ ڪرائي غيب جي دنيا ۾ داخل ڪرائي ٿو. تڏهن سڀ کان پهرين هن جي اندر يقين پيدا ٿي وڃي ٿو. جيئن ئي يقين جو ڪرٽو دماغ ۾ روشن ٿئي ٿو پوءِ اها نظر ڪم ڪرڻ لڳي ٿي جيڪا نظر غيب جو مشاهدو ڪري ٿي. غيب ۾ مشاهدو ڪرڻ کان پوءِ ماڻهو تي اهو راز کُلي وڃي ٿو تہ سڄي ڪائنات جو ڪار وهنوار هڪ واحد هستيءَ جي هٿ ۾ آهي. تڏهن ان جو ذهني رجحان اُن ذات تي مرڪوز ٿي وڃي ٿو. ان مرڪزيت کانپوءِ استغنا جو وڻ ماڻهن جي اندر ۾ وڌندو ويجهندو رهي ٿو.

## قومي ۽ انفرادي زندگي:

ڪائنات جي سڄي چرپر ۽ جوڙجڪ هڪ فلم جي صورت ۾ آهي. جنهن نموني هن فلم ۾ ڪائناتي مظهر جا نقش نگار موجود آهن، اهڙي طرح بي شمار ڪهڪشائون نظامن ۾ نشر ٿي رهيا آهن. ڳالهه جدوجهد، ڪوشش ۽ اختيار جي آهي. جيڪڏهن جدوجهد ۽ ڪوششون نہ ڪيون وڃن تہ زندگي ۾ خال واقع ٿي وڃي ٿو. هي عمل انفرادي ۽ قومي ٻنهي صورتن ۾ ازل کان ابد تائين جاري آهي.

الله جو قانون آهي تہ ڪو ماڻهو جدوجهد ۽ ڪوشش ڪري ٿو ۽ ان جدوجهد جو ثمر ڪنهن نہ ڪنهن طرح الله جي مخلوق جي ڪم اچي ٿو، تہ وسيلن ۾ واڌارو ٿيندو رهي ٿو. زمين تي الله تعالىٰ جيڪي بہ شيون پيدا ڪيون آهن. انهن ۾ بي شمار لِڪل صلاحيتون موجود آهن. ڪوششن سان جڏهن انهن لڪل صلاحيتن کي متحرڪ ڪيو وڃي ٿو. يا انهن شين ۾ محفوظ مخفي صلاحيتن جي تلاش ڪئي وڃي ٿي، تڏهن بيشمار تخليقي رستا کُلي وڃن ٿا. اسين ڏسون ٿا تہ الله لوهہ تخليق ڪيو. قومي يا انفرادي طور تي جڏهن لوهہ جي صفت ۽ لوهہ جي اندر ڪم ڪندڙ صلاحيتن جو سراغ لڳايو وڃي ٿو، تڏهن خبر پوي ٿي تہ لوهہ اهڙي شئي آهي جنهن ۾ ماڻهن جي لاءِ بي شمار فائدا آهن. اڄ جي سائنس ان جو ڪليل ثبوت آهي. سائنسي ترقي ۾ مشڪل سان اهڙي شيءِ ملندي جنهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طرح لوهہ جو عمل دخل نہ هجي.

صورتحال ڪجهہ هن طرح نهي تہ لوحِ محفوظ ۾ انفرادي زندگي بہ نقش آهي ۽ قومي زندگي بہ نقش ٿيل آهي. انفرادي حدن ۾ ڪو بہ فرد جڏهن ڪوشش ۽ جدوجهد ڪري ٿو تہ ان مٿان انفرادي فائدا ظاهر ٿين ٿا. قومي اعتبار کان هڪ بہ چار ڏهہ ماڻهو جڏهن ڪا ڪوشش ڪن ٿا تہ ان جدوجهد ۽ ڪوشش سان پوري قوم کي فائدو رسي ٿو. الله تعالىٰ فرمائي ٿو ـــ ”آئون اُن قوم جي تقدير نٿو بدلايان جيستائين قومون خود

پنهنجي حالت بدلائڻ نٿيون چاهين ــ“ لوح محفوظ تي اها به نقش آهي ته جيڪي قومون خود پنهنجي حالت بدلائڻ جي لاءِ ڪوشش ڪن ٿيون انهن کي اهڙا وسيلا ملي وڃن ٿا. جنهن ذريعي هو معزز ۽ محترم بنجي وڃن ٿيون. جيڪي قومون پنهنجي تبديلي نٿيون چاهين اهي محروم ۽ ذلالت واري زندگي گذارين ٿيون.

## لوح محفوظ تي لکيل نقش:

ماڻهو الله جي ڏنل اختيارن کي جيڪڏهن صحيح رخ ۾ استعمال ڪري ٿو ته سنا نتيجا ملن ٿا. جيڪڏهن غلط طريقن ۾ استعمال ڪري ٿو ته منفي نتيجا مرتب ٿين ٿا. ڳالهه فقط ايتري ئي آهي ته الله جي مرضي آهي ٻانهون عطا ڪيل اختيارن جو اهڙي طرح استعمال ڪري، جنهن سان ان جي ذاتي اصلاح و فلاح ۽ الله جي ٻي مخلوق جي ڀلائي جو سامان ميسر ٿئي. انفرادي ترقي الله جي ويجهو ڪا به معنىٰ نٿي رکي. ان ڪري جو الله خالق آهي. الله جا پيدا ڪيل وسيلا هر مخلوق جي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ آهن. مختصر طور تي هن ڳالهه کي هينئن سمجهيو وڃي ته دنيا ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو سمورو لوح محفوظ ۾ رڪارڊ ٿيل آهي. ان فلم ۾ ماڻهن جو عروج ۽ زوال به لکيل آهي پر ان سان گڏ اهو به لکيل آهي ته جيڪڏهن قومون صحيح طرز تي عملي زندگي گزارين ته عروج نصيب ٿيندو ۽ غلط طرز عمل تي زندگي گذارڻ چاهيندا ته ڪين غلام بڻايو ويندو.

## انبيائن جي طرزِ فڪر:

ترقي ۽ تنزل جڏهن بحث هيٺ اچي ٿي ته ذهن هن پاسي به ڇڪجي ٿو ته آخرڪار ترقي لاءِ ڪهڙا عوامل گهربل آهن. هينئر اسين ٻڌائي چڪا آهيون ته گڏيل يا اجتماعي جدوجهد سان ترقي نصيب ٿئي ٿي ۽ انفرادي يا اجتماعي غير مناسبت ۽ عياش پسندي جي نتيجي ۾ قومن کي عروج جي بجاءِ زوال نصيب ٿئي ٿو. ترقي جا اهي ئي ٻه رُخ آهن. ترقي يا عزت، هڪڙي حالت اها به آهي ته ڪنهن فرد يا ڪنهن قوم کي دنياوي عزت ۽ دنياوي دٻدٻو ۽ دنياوي شان شوڪت نصيب ٿئي. ترقي جو ٻيو رُخ جيڪو حقيقي رُخ آهي. هي رخ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته ظاهري حالت ۾ رهندي غيب جي دنيا ۾ به جنهن فرد يا قوم جي رسائي ممڪن هجي. دراصل اها ئي اصل ترقي آهي. اها ئي عزت ۽ شان شوڪت آهي.

هنن ٻنهي رُخن تي جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته اها ڳالهه پوري طرح اڳيان اچي وڃي ٿي ته موجوده دور ۾ سائنسي ترقيءَ جو دارومدار فقط ظاهري ترقي تي آهي. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته اهي قومون جن علم ۾ تفڪر ڪيو آهي. جدوجهد ڪانپوءِ نوان نوان تجربا ڪيا آهن، اهي دنياوي اعتبار کان ترقي يافته آهن. پر اسين ڏسون ٿا ته اهي ترقي يافته قومون سڪون ۽ اطمينان کان محروم آهن. قلبي اطمينان ۽ روحاني سڪون کان هي قومون ان ڪري محروم آهن جو هي حقيقت کان بي خبر آهن يا حقيقي دنيا سان هنن جو واسطو پيدا ناهي پيو. حقيقت ۾ ذهني انتشار ناهي هوندو. حقيقت جي مٿان ڪڏهن به خوف ۽ غم جو پاڇو ناهي پوندو. حقيقي دنيا سان متعارف ماڻهو هميشه پرسڪون رهندا آهن. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته هي ترقي جو دور آهي. پر هن ترقي سان گڏ جيڪي صعوبتون، پريشانيون، بي سڪوني، ۽ ذهني انتشار ۾ انسان ذات گرفتار ٿي آهي. ان جو مثال ماضي جي دور ۾ نٿو ملي. سبب اهو آهي ته هن ترقي جي پنيان ذاتي مفاد آهي، اهو انفرادي هجي يا قومي. جيڪڏهن اها ترقي في الواقع انسان ذات جي ڀلائي لاءِ هجي ته قومن کي اطمينان ۽ سڪون نصيب ٿي وڃي.

اجتمائي يا انفرادي ذهن جو تعلق طرزِ فڪر سان آهي. طرز فڪر ۾ جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته اسان جي ڪوشش ۽ تجربن مان انسان ذات کي ۽ الله جي مخلوق کي فائدو پهچي، ته اها طرز فڪر انبيائن جي طرز فڪر آهي ۽ اهائي طرز فڪر الله جي طرز فڪر آهي. انهن ٻنهي طرز فڪر جو اصطلاحي نالو قلندر شعور آهي. قلندر شعور اسان کي ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن انسان جي اندر استغنا آهي هو نين نين بيمارين، نين نين مصيبتن ۽ ڪيترين ئي پريشانين کان حفاظت ۾ رهي ٿو.

استغنا حاصل ڪرڻ جو آسان طريقو هي آهي ته انسان جي سوچ ۽ طرزِ فڪر اُن طرز فڪر سان رشتو قائم ڪري جيڪا الله جي طرز فڪر آهي. اسين جڏهن ذرتي تي موجود شين جو مشاهدو ڪريون ٿا. اهو ڏسون ٿا ته الله پنهنجي مخلوق لاءِ بيشمار وسيلا پيدا ڪيا آهن. پر انهن وسيلن ۾ ڪا به اهڙي شئي ڪونهي جنهن جو تعلق سڌو سنئون الله جي ڪنهن ضرورت سان هجي. الله هر ضرورت کان بي نياز آهي. ۽ ان کي ڪنهن شئي جي ضرورت نه آهي. هو پنهنجي مخلوق لاءِ هڪ قانون جي دائري ۾ تسلسل سان وسيلا مهيا ڪندو رهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن موسم ۾ انب جي ضرورت آهي ته هڪ نظام تحت وڻ تي ٻور ڦٽي ٿو. انب ٿيندا ۽ انهن انبن سان ماڻهن جون ضرورون پوريون ٿينديون آهن.

جيئن ته انسان وسيلن جو محتاج آهي. ان لاءِ هو اهڙي طرح ته وسيلن کان بي نياز ٿي نٿو سگهي جيئن هو هر پاسي کان پنهنجو رشتو ٽوڙي ڇڏي. پر اها طرز فڪر اختيار ڪري سگهي ٿو ته هي وسيلا جيڪي منهنجي محنت سان عيان ٿين ٿا. سموري انسان ذات جو حصو آهن. جهڙي طرح آئون ان مان فائدو حاصل ڪريان ٿو اهڙي طرح انسان ذات کي فائدو حاصل ڪرڻ جو پورو پورو حق حاصل آهي.

طرز فڪر حاصل ڪرڻ لاءِ لازمي آهي ته انسان جنهن طرز فڪر کي حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ان سان ذهني قربت حاصل هجي. مثال طور جيڪڏهن توهان نيڪ ماڻهو سان دوستي ڪرڻ چاهيو ٿا ته ان جهڙا عمل ڪرڻ شروع ڪندا. ڪنهن جواريءَ کي پنهنجو دوست بنائڻ چاهيو ٿا ته ان سان گڏ جوا کيڏڻ شروع ٿي ويندا. ڪنهن الله واري سان دوستي رکڻ چاهيندا ته اهي سموريون دلچسپيون اختيار ڪرڻيون پونديون جيڪي الله وارن جي لاءِ پسنديده آهن. جنهن مناسبت سان انهن دلچسپين کي يا انهن عادتن کي اختيار ڪندو ويندو اهڙي مناسبت سان توهان جو طرز فڪر تبديل ٿيندو ويندو.

## الله جي عادت:

الله جي طرز فڪر هي آهي ته هو پنهنجي مخلوق جي خدمت ڪري ٿو. ۽ ان خدمت جو ڪو به صِلو ۽ بدلو نٿو چڪائي. ٻانهون جڏهن اختياري طور تي هن طرز فڪر کي اپنائي وني ٿو ته هر حال ۾ الله جي مخلوق جي ڪم اچي ته ان کي قلندر شعور منتقل ٿي وڃي ٿو. جڏن اهو طرز فڪر پڪو پختو ٿي وڃي ٿو. تڏهن ان جو ذهن هر گهڙي هر لمحي هن طرف متوجهه رهي ٿو ته آئون اهو ڪم ڪري رهيو آهيان جيڪو الله تعالىٰ جي لاءِ پسنديده آهي. بار بار هن عادت يا عمل کان پهرين هن جي مشاهدي ۾ بي شمار اهڙا واقعا اچن ٿا. هن جي اندر يقين پيدا ٿئي ٿو ته جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، جيڪو ڪجهه ٿي چڪو آهي يا آئينده ٿيندو، اهو سڀ الله جي طرف کان آهي. اهڙي تعلق کي استغنا جو نالو ڏنو ويو آهي. پيغمبرن جي سچي زندگي هن عمل سان روشن آهي ته هر شئي الله جي طرفان آهي. سمورا نبي ۽ اولياءَ الله جي اندر استغنا جي طرز فڪر راسخ هوندي آهي.

انبياء هن طرز فڪر کي حاصل ڪرڻ جو اهتمام هن طرح ڪندا هئا تہ ڪنهن شئي جي متعلق سوچ ۾ ان شئي جي ۽ پنهنجي وچ ۾ ڪو سڌو سنئون رشتو قائم نہ ڪندا هئا. انهن جي طرز فڪر هميشہ اها هوندي هئي تہ ڪائنات جي سمورين شين جو ۽ اسان جو مالڪ الله تعالیٰ آهي. ڪنهن شئي سان سڌو سنئون رشتو جڙيل نہ آهي. پر اسان سان هر شئي جو رشتو الله جي معرفت (Care of Allah) آهي. هي طرز فڪر جڏهن آهستي آهستي پُڪو پختو ٿئي. تڏهن ذهن اهڙا رجحان پيدا ڪندو آهي. جو ڪنهن شئي ڏانهن مخاطب ٿئي ٿو تہ ان شئي جي طرف خيال وڃڻ کان پهرين ان جو خيال الله تعالیٰ ڏانهن وڃي ٿو. ڪنهن شئي ڏانهن توجهہ ڏيڻ کان اڳ اهو احساس اجاگر ٿئي ٿو تہ هي شئي سڌو سنئون اسان سان تعلق نٿي رکي. هن شئي جو ۽ اسان جو واسطو فقط الله جي ڪري ئي آهي.

هن طرز عمل ۾ ذهن جي هر حرڪت سان گڏ الله جو احساس قائم ٿي وڃي ٿو. الله ئي بحيثيت محسوس جي ان سان مخاطب ٿي وڃي ٿو. آهستي آهستي الله جون صفتون ذهن ۾ مستقل جڳهہ حاصل ڪري وٺن ٿيون ۽ ان جو ذهن الله جي صفتن جو مستقل گهر بنجي وڃي ٿو. هي مقام حاصل ٿيڻ کان پوءِ بانهي جي ذهن جي هر ڪا حرڪت الله جي صفتن جي حرڪت هوندي آهي ۽ الله جي صفتن جي ڪا بہ حرڪت قدرت ۽ حاڪميت جي وصف کان خالي ناهي هوندي. اولياءُ ٿيڻ کان پوءِ بانهي جي ذهن جي هر ڪا حرڪت الله جي صفت جي حرڪت هوندي آهي ۽ الله جي حرڪت جي ڪا بہ حرڪت قدرت ۽ حاڪميت جي وصف کان خالي ناهي هوندي. اولياء الله ۾ اهل نظامت (اهل تڪوين) کي الله جي طرفان اهو ئي ذهن عطا ٿيو آهي. رشد و هدايت ۽ ترغيبي پروگرام (Inspiration) تي عمل ڪرڻ وارن الله جي دوستن پنهنجي رياضتن ۽ مجاهدن جي ذريعي ان ئي ذهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندا آهن.

## عمل ۽ نيت:

برائي يا ڀلائي جو جيتري قدر تعلق آهي. ڪو بہ عمل دنيا ۾ نہ برو آهي نہ سٺو آهي. دراصل ڪنهن عمل جي معنیٰ ڏيڻ، سٺائي يا خرابي آهي. معنیٰ ڏيڻ جو مطلب "نيت" آهي. عمل ڪرڻ کان پهرين انسان جي نيت ۾ جيڪي ڪجهہ هوندو آهي اهو ئي خير يا شر هوندو آهي.

باهہ جو ڪم ساڙڻ آهي. هڪڙو ماڻهو ٻين جي فلاح و بهبود لاءِ باهہ کي رڌ پچاءُ ۾ استعمال ڪري ٿو. اهڙو عمل خير آهي. اهو ئي ماڻهو ان باهہ سان ڪنهن جا گهر ساڙي ڇڏي تہ اهڙو عمل شر ۽ برائي آهي.

جن قومن اڳيان اسان بيوس آهيون يا جن قومن جو هٿ اسان مٿان آهي. انهن قومن جي طرز فڪر يا ايجنڊا جو غور سان مطالعو ڪنداسين تہ اها ڳالهہ سج وانگي چٽي عيان هوندي تہ سائنس جي سموري ترقي جو زور ان ڳالهہ تي آهي تہ هڪ قوم اقتدار حاصل ڪري ۽ سڄي انسان ذات انهن جي غلام بنجي وڃي. ايجادن مان ايترو مالي منافعو حاصل ڪيو وڃي جو ڌرتي تي هڪ خاص قوم يا مخصوص ملڪ مالدار ۽ غني ٿي وڃن. باقي انسان ذات غربت ۽ افلاس جو ڪاچ ٿي وڃي. ڇو تہ هن ترقي ۾ الله جي مرضي مطابق انسان ذات جي فلاح شامل نہ آهي. ان لاءِ هي سڄي ترقي انسانن لاءِ ۽ خود انهن قومن لاءِ جن جدوجهد ۽ ڪوشش ڪانپوءِ نيون نيون ايجادون ڪيون آهن مصيبتون ۽ پريشانيون بنجي پيون آهن. مصيبتون ۽ پريشانيون هڪڙي ڏينهن بار ٻڌجي ڌرتي کي دوزخ ٺائي ڇڏينديون.

جيستائِين ماڻهوءَ جي يقين ۾ اها ڳالهہ رهي ٿي تہ شين جو موجود هئڻ يا شين جو عدم ۾ هليو وڃڻ الله جي طرفان آهي. انهي وقت تائين ذهن جي مرڪزيت قائم رهندي آهي. جڏهن يقين غير مستحڪم ٿي

ٿوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿي وڃي ٿو تڏهن ماڻهو اهڙي عقيدي ۽ اهڙن وسوسن ۾ گرفتار ٿي ويندو آهي جنهن جو نتيجو انتشار هوندو آهي. پريشاني هوندي آهي، غم ۽ خوف هوندو آهي. جيئن ڏٺو وڃي ته اها ڳالهه بلڪل سامهون جي آهي ته انسان، انسان جو هر عمل، هر فعل، هر حرڪت ڪنهن اهڙي هستي جي طابع آهي جيڪا ظاهري اکين سان نظر نٿي اچي.

ماءُ جي ڪُک ۾ ٻچي جو رهڻ، نو مهينن تائين واڌ ويجهه لاءِ خوراڪ جي فراهمي، پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ماءُ جي سيني ۾ کير ٿيڻ، پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ کير جي فراهمي، کير جي غذا سان هڪ اعتدال ۽ توازن سان گڏ ٻار جو وڌڻ ويجهڻ، ننڍي ٻار کان ٿيندي ستن فوٽن جو ٿيڻ، جواني جي تقاضا، انهن تقاضان جي تڪميل ۾ وسيلن جي تڪميل ۽ وسيلا فراهم ٿيڻ کان پهرين وسلين جي موجودگي. جيڪڏهن الله زمين کي منع ڪري ڇڏي اها فصل پيدا نه ڪري، ته رزق جي حاصلات رڪجي وڃي. شادي کان پوءِ والدين جي دل ۾ اها تقاضا ته ڪو اسان جو نالو ونڻ وارو هجي. ان درجي ۾ انتهائي شدت ۽ ان نتيجي ۾ ماءُ پيءُ ٿيڻ ۽ ماءُ پيءُ جي دل ۾ اولاد جي لاءِ محبت پيدا ٿيڻ. غور طلب ڳالهه آهي ته جيڪڏهن الله والدين جي دل ۾ محبت پيدا نه ڪري ته اولاد جي پرورش ڪيئن ممڪن هجي. اولاد جي پرورش لاءِ ماءُ پيءُ جي دل ۾ اولاد جي محبت فقط ماڻهن لاءِ مخصوص نه آهي. پر هي جذبو الله جي هر مخلوق ۾ هڪ جيترو آهي. ان محبت جي سهاري ماءُ پيءُ پنهنجي اولاد جي پرورش ڪن ٿا، هر طرح نگهداشت ۽ ان لاءِ وسيلا فراهم ڪن ٿا.

## زمين جي اندر ٻج جي نشونما:

عام طور تي اهو تاثر ورتو ويندو آهي ته محنت ۽ جدوجهد ڪانسواءِ وسيلا حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي. جڏهن ته اسان ڏسون ٿا ته جن وسيلن جي حاصلات ۾ اسين ڪوشش ۽ جدوجهد ڪريون ٿا، اهي هڪ قائدي ۽ قانون تحت پهريان کان موجود آهن هاري جڏهن محنت ڪري زمين ۾ ٻج وجهي ٿو. ان ٻج جي نشو نما سان انساني ضرورتن جي لاءِ قسم قسم جون غذائون فراهم ٿين ٿيون، اهو سڀ ان وقت ممڪن هوندو آهي جڏهن پهرين کان وسيلا موجود هجن. مثال طور: ٻج جو هجڻ، زمين جو موجود هجڻ، زمين جي اندر ٻج جي نشو نما ڏيڻ جي صلاحيت جو هجڻ، ٻج جي نشو نما لاءِ پاڻي جو موجود هجڻ، چانڊوڪي جو موجود هجڻ، هوا جو موجود هجڻ ۽ موسم جي لحاظ کان سرد گرم فضا جو موجود هئڻ، جيڪڏهن ٻج موجود نه هجي يا زمين جي اندر ٻج کي نشو نما ڏيڻ جي صلاحيت موجود نه هجي، پاڻي موجود نه هجي ، هوا نه هجي ته انسان جي هر ڪوشش بيڪار ٿي وڃي.

## الله جي ذيلي تخليق:

الله تعالىٰ جي اها وصف آهي ته جڏهن به ڪا شيءِ تخليق ڪندو آهي ته ان تخليق مان اربين، ڪربين تخليقون وجود ۾ اچن ٿيون. موجود دور ۾ بجلي جو مثال اسان جي اڳيان آهي. الله جي هڪ ذيلي تخليق بجلي Electricity آهي. هن بجلي جي ذريعي هزارين ايجادون منظرعام تي اچي چڪيون آهن ۽ آئينده ايندڀون رهنديون. هن صورتحال جي پيش نظر اسان جي مٿان اهو راز منڪشف ٿئي ٿو ته الله تعالىٰ وسيلا ان لاءِ تخليق ڪيا آهن جيئن انسانذات انهن وسيلن جي اندر مخفي قوتن کي تلاش ڪري. انهن کان ڪم وٺي. جڏهن قوم انهن مخفي صلاحتين جي تلاش ۾ لڳي وڃي ٿي تڏهن انهن مٿان الله جي طرف کان نوان نوان انڪشاف ٿين ٿا. جڏهن انڪشافن جي روشنيءَ ۾ تفڪر سان نيون نيون ايجادون ٿينديون رهن ٿيون. قلندر شعور اسان جي رهنمائي ڪري ٿو ته ڪائنات ۾ جيتريون به شيون آهن. سيئي ٻن رخن تي قائم آهن تخليق

جو هڪ رُخ ظاهري ۽ ٻيو باطني آهي. پاڻي جو هڪ ظاهري رخ عام پاڻي آهي. جڏهن تہ پاڻي جي اندر مخفي صلاحيتن کي ڳوليندا‌سين تہ ان جون بيحد صلاحيتون اسان جي اڳيان ايندي‌ون. اهڙي طرح لوهہ جو مثال آهي. جيڪو ظاهري طور هڪ ڌاتو آهي، لوهہ جي ذرڙن جي اندر ڪو شخص محض قوت تلاش ڪري وٺي ٿو ۽ نيون نيون ايجادون ان جي ارادي ۽ اختيار سان نهنديون رهن ٿيون.

جڏهن اسين ڪنهن شئي جي اندر الله جي صفتن کي ڳوليندا‌سين تہ اسان جي مٿان اهو منڪشف ٿئي ٿو تہ پوري ڪائنات موجود آهي. ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهہ پيدا ڪيو ويو آهي يا زمين ۾ جيڪي ڪجهہ موجود آهي سڀئي انسان لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي.

## صحيح تعريف:

استغنا جي معنىٰ فقط اها ناهي تہ ماڻهو روپين پئسن کان بي نياز ٿي وڃي. جيئن تہ رپين پئسن ۽ خواهشن کان هي بشر بي نياز ٿي نٿو سگهي. زندگي جي ضرورتن ۽ انهن جو پورائو ڪرڻ هڪ لازمي امر آهي. ان جو تعلق حقوق العباد سان آهي. استغنا جو مطلب اهو آهي، ماڻهو جيڪي ڪجهہ ڪري ان عمل ۾ الله جي خوشنودي شامل هجي ۽ هن جي طرزِ فڪر يا عمل سان الله جي مخلوق کي ڪنهن بہ طرح نقصان نہ رسي. هر ماڻهو پاڻ خوش رهي ۽ انسان ذات لاءِ مصيبت ۽ آزار جو سبب نہ بڻجي.

ماڻهو جي ذهن ۾ اها ڳالهہ راسخ هجي تہ ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ جو مالڪ الله تعالىٰ آهي. الله ئي آهي جنهن زمين کي تخليق ڪيو، الله ئي آهي جنهن ٻج بڻايو، ان ئي هتي جنهن زمين ۽ ٻج کي اها وصف ۽ صلاحيت بخشي آهي جنهن ڪري ٻج جو داڻو هڪ وڻ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو ۽ زمين ان کي پنهنجي آغوش ۾ نپائي وڏو ڪري ٿي. پاڻي وڻن جي رڳن ۾ رت وانگر ڊوڙي ٿو. هوا روشني بڻجي وڻ جي اندر ڪم ڪندڙ رنگن جي ڪمي کي پورو ڪري ثمر کي پچائڻ لاءِ مسلسل ربط ۽ قائدي تحت وڻ سان هم رشتہ آهي. چانڊوڪي ثمر ۾ مناڻ پيدا ڪري. زمين جي اها ڊيوٽي آهي تہ اُهي اهڙا وڻ پيدا ڪري جيڪي انسانن جي ضرورتن کي پور ڪن. وڻن جي اها ڊيوٽي آهي تہ هو اهڙا پن ۽ ميوا پيدا ڪن جنهن سان مختلف قسم جون ضرورتون موسم جي لحاظ کان پوريون ٿينديون رهن.

## ڪائنات جي رڪنيت:

الله اهو چاهي ٿو تہ ڪائنات جي اندر موجود هر شئي مسلسل تحرڪ ۾ رهي. جيڪي ٻانها الله جي هن فرمان، هن خواهش ۽ هن وصف کي قبول ڪري جدوجهد ڪندا آهن، اهي ڪائنات جا رڪن بڻجي وڃن ٿا. هي رڪنيت ڪائنات کي متحرڪ ۽ فعال رکي ٿي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن الله نوع انساني جي فردن کي پيدائش جي وقت ذهني طور تي پوئتي پيل چريو، يا بي حواس ڪري ڇڏي تہ انسان ڇا ٿو ڪري سگهي. ان مان ڪهڙي ترقي ممڪن آهي. ڇا انسان اهو ناهي ڏنو تہ اهڙا بہ ٻار پيدا ٿين ٿا. جيڪي ترقي ۽ تنزل کان واقف ئي ناهن هوندا.

هينئر اسان ٻڌائي چڪا آهيون تہ اهي ماڻهو جن جي اندر الله جي ذات سان گڏ وابستگي آهي. اهي سمجهن ٿا تہ زندگي جي هر عمل تي الله محيط آهي. جڏهن ڪنهن ٻانهي جي اندر هي طرز فڪر پوري طرح قائم ٿي وڃي تہ روحانيت ۾ اهڙي ماڻهو جو نالو مستغني تي ويندو آهي. جڏهن ڪو ٻانهون مستغني ٿي وڃي ٿو تہ ان جي اندر اهڙي طرز فڪر قائم ٿي وڃي ٿي جو هو محسوس ڪرڻ لڳي ٿو تہ منهنجو تعلق هڪ اهڙي هستي سان گڏ آهي جيڪا منهنجي زندگي تي محيط آهي. بار بار جڏهن اهو احساس ابري ٿو تہ اهو احساس

هڪ مظاهراتي شڪل اختيار ڪري وجي ٿو. هو اهو ڏسڻ لڳي ٿو ته روشني جو هڪ دائرو آهي ۽ آئون ان دائري ۾ موجود آهيان. هي دائرو هڪ روشني آهي ۽ ان روشني ۾ انسانن سميت سموري ڪائنات بند آهي. آسماني ڪتاب ٻڌائين ٿا ته آسمان ۽ زمين جنهن جاءِ تي قائم آهي. اها هڪ روشني آهي. جيڪا هر لمحي، هر گهڙي ڪائنات جي هر شئي کي الله سان گڏ شامل ڪري ٿي. مستغني ماڻهو جي نظر جڏهن هن دائري يا روشني جي هالي تي رڪجي ٿي تڏهن ان جي نظرن اڳيان اهي فارمولا اچي وڃن ٿا، جن فارمولن سان تخليق عمل ۾ ايندي آهي.

## جنت ۽ دوزخ:

جنت ۾ اهي ماڻهو رهندا آهن جن آسماني ڪتابن جي تعليم کي اهڙي طرح سمجهو جنهن طرح پيغمبرن سمجهيو آهي. جنت جا رهواسي اهي ماڻهو هوندا جن جي مٿان الله تعالىٰ پنهنجي شفقت جو هٿ رکي ڇڏيو آهي. اهي الله جا دوست آهن. جيئن ته الله خوف، غم ۽ پريشاني کان بي نياز آهي. ان ڪري الله جي دوست ۾ الله جي صفت جو عڪس نمايان ٿي وڃي ٿو. ۽ ان کي نه خوف هوندو آهي، نه غم هوندو آهي. جيڪي ماڻهو الله جا دوست نه آهن. جنت جي فضا انهن کي ڪڏهن به قبول نه ڪندي. اهي دوزخ جو ٻارڻ هوندا. جيڪڏهن ڪنهن جي اندر خوف ۽ غم آهي ته اهو الله جي بيان ڪيل قانون جي مطابق الله جا دوست نٿا ٿي سگهن. جيڪي الله جا دوست نه آهن، جنت انهن کي رد ڪري ڇڏي ٿي.

## توڪّل ۽ ڀروسو:

عام حالتن ۾ جڏهن استغنا جو ذڪر ٿئي ٿو ته ان جو مطلب اهو هوندو آهي ته الله تعالىٰ جي مٿان ڪيترو توڪل ۽ ڀروسو آهي. توڪل ۽ ڀروسو گهٽ يا وڌ هر زندگي ۾ داخل آهي. پر جڏهن اسان توڪل ۽ ڀروسي جي تعريف ڪريون ٿا ته اسان کي برعڪس ان جي ڪجهه به نظر نٿو اچي جيڪو اسان جي ٻين عبادتن وانگي توڪل ۽ ڀروسو به لفظن جو هڪ خوش نما چار آهي. توڪل ۽ ڀروسي جو مطلب اهو آهي ته ماڻهو پنهنجا سمورا معاملا الله جي حوالي ڪري ڇڏي. پر جڏهن اسان عملي زندگي جي حالاتن جو مشاهدو ڪريون ٿا ته هي ڳالهه فقط لفظي ۽ غير يقيني نظر اچي ٿي. هي هڪ اهڙي ڳالهه آهي جو هر ماڻهو جي زندگي ۾ ان جو عمل دخل آهي. هر ماڻهو ڪجهه هن طرح سوچي ٿو ته اداري جو مالڪ يا سيٺ جيڪڏهن مون کان ناراض ٿيو ته ملازمت مان نيڪالي ڏني ويندي يا مٿي ترقي نه ٿيندي يا ته ماڳهين ترقي تنزلي ۾ تبديل ٿي ويندي. اها ڳالهه به اسان جي سامهون آهي ته جڏهن ڪنهن ڪم جو نتيجو سنو نڪري ٿو تڏهن اسان چوندا آهيون ته هي اسان جي عقل، اسان جي فهم ۽ ڏاهپ سان مرتب ٿيو آهي. هن قسم جا گهٽائي مثال موجود آهن. جن مان ثابت ٿئي ٿو ته ٻانهي جو الله تي توڪل ۽ ڀروسو محض مفروضو آهي. جنهن ماڻهو ۾ توڪل ۽ ڀروسو ناهي، ان جي اندر استغنا به پيدا نٿي ٿئي. ڀروسو جو هڪ خاص تعلق آهي، جيڪو الله ۽ ٻانهي جي وچ ۾ قائم آهي. جنهن ماڻهو جو الله سان تعلق قائم ٿي وڃي ٿو ان جي ذات مان دنيا جي لالچ ۽ لوڀ نڪري وڃي ٿي. اهڙو ٻانهون ٻين سمورن ماڻهن جي مدد ۽ سهائتا کان بي نياز ٿي وڃي ٿو هو اهو ڄاڻي وڃي ٿو ته الله جون صفتون هي آهن ته الله هڪ آهي، الله بي نياز آهي، الله پنهنجي مخلوق سان ڪنهن به قسم جو احتياج نٿو رکي. الله نه ڪنهن جو پٽ آهي ۽ نه ڪنهن جو پيءُ آهي. الله جو ڪو خاندان نه آهي. هنن صفتن جي روشني ۾ جڏهن اسين مخلوق جو تجزيو ڪريون ٿا. اهو سمجهي وٺون ٿا ته مخلوق هڪڙي نه آهي. مخلوق هميشه گهٽائي ۾ هوندي آهي. مخلوق حياتي جا عمل مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن احتياج

جي لاءِ پابند آهي. اهو به ضروري آهي ته مخلوق کنهن جو اولاد هجي ۽ هي به ضروري آهي ته مخلوق جي اولاد هجي، مخلوق لاءِ لازمي آهي ته ان جو ڪو خاندان هجي. الله تعاليٰ جي بيان ڪيل انهن پنجن ايجنسين ۾ جڏهن "قلندر شعور" تفڪر کان ڪم ورتو وڃي ٿو ته راز منڪشف ٿئي ٿو ته، الله جون بيان ڪيل پنجن صفتن مان مخلوق هڪڙي صنف الله جي ذات سان تعلق قائم ڪري سگهي ٿي. مخلوق جي لاءِ اهو هر گز ممڪن نه آهي ته هو ڪثرت کان بي نياز ٿي وڃي. مخلوق هن ڳالهه ۾ به مجبور آهي ته انهن جو اولاد هجي، يا هي ڪنهن جا اولاد هجن. اهڙي نموني مخلوق جو خاندان هئڻ به ضروري آهي.

الله تعاليٰ جي پنجن صفتن مان چئن صفتن ۾ مخلوق پنهنجو اختيار استعمال نٿي ڪري سگهي. صرف هڪڙي حيثيت ۾ مخلوق الله جي صفت سان هم رشته ٿي سگهي ٿي. هي وصف اها آهي جيڪا سمورن وسيلن کان ذهن هٽائي پنهنجون ضرورتون ۽ احتياج ڪي الله سان وابسته ڪئي وڃي. ٻانهي جي اندر جيڪڏهن مخلوق سان گڏ احتياجي عوامل ڪم ڪري رهيا هجن تڏهن اهي توڪل ۽ ڀروسي جي عمل کان پري آهي.

روحانيت جي راهه تي هلڻ واري مسافر کي ان ڳالهه جي مشق ڪرائي ويندي آهي ته زندگي جا سيئي تقاضا ۽ زندگي جو سڄو وهنوار جڏهن سالڪ پنهنجي روحاني استاد جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو. ۽ اهو سندس سمورين ضرورتن جو ڪفيل ٿي وڃي ٿو. بلڪل اهڙي نموني جهڙي طرح ڪير ڀياڪ ٻارڙي جي پرورش ماءُ پيءُ ڪندا آهن. جيستائين هي ٻار شعور جي دائري ۾ داخل نٿو ٿئي، تيستائين ماءُ پيءُ چوويهه ڪلاڪ ان جي ڳڻتي ۾ هوندا آهن. گهر جو دروازو نه کلي، ٻارڙو ٻاهر نڪري نه وڃي، سردي آهي ٻار ڪپڙا ڇو لاهي ڇڏيا آهن. سردي لڳي ويندي. ڪاڏو وقت تي نه ڪاڏو . . . ته به ماءُ پريشان آهن. ٻار وقت تي ڪاڏو ڇو نه ڪاڏو . . . .؟ ٻارڙو ضرورت کان وڌيڪ سمهي پيو . . . ان ڳالهه جو فڪر ته وڌيڪ ڇو سمهي رهيو ــــ ؟ جيڪڏهن ننڊ گهٽ آئي ته به پيشماني . . ..!!

هر شخص جيڪو پيدا ٿيو آهي ۽ جنهن جو اولاد آهي ۽ جنهن پنهنجي نندي ياءُ پيڻ ڪي ڏٺو هوندو. اهو چڱي طرح ڄاڻندو هوندو ته ٻارن جون سموريون بنيادي ضرورتون ماءُ پيءُ جي زيرِڪفالت هونديون آهن. هي ضرورتون اهڙي طرح پوريون ٿي ويندون آهن. جيئن ته شاگرد، مريد يا چيلو، پير يا مرشد (مراد يا شيخ) جو روحاني اولاد هوندو آهي. ان ڪري هو مريد جي ديني، دنياوي، روحاني هر طرح جي ڪفالت ڪري ٿو. جيئن جيئن ڪفالت وڌندي ويندي آهي. پير ۽ مرشد جو ذهن مريد ڏانهن منتقل ٿيندو رهندو آهي. جڏهن روحاني استاد ڪفالت ڪندو آهي، تڏهن مريد جو لاشعور هي ڳالهه سمجهي وٺي ٿو ته جيڪو استاد منهنجي ڪفالت ڪري رهيو آهي، ان جو ڪفيل الله تعاليٰ آهي. آهستي آهستي انجو ذهن آزاد ٿي وڃي ٿو ۽ ان جون سموريون ضرورتون سڄو احتياج الله جي ذات سان جڙي قائم ٿي وڃي ٿو.

## قلندرشعوراسڪول:

قلندر شعور اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان پهرين منهنجي اندر به برايون تمام گهٽيون هيون. پهرين اها ته منهنجو ذهن ڪاروباري هو. جڏهن به آئون ڪنهن ماڻهو سان ملندو هئس، ان جي ذات مان ڪا نه ڪا توقع قائم ڪري ڇڏيندو هئس. قلندر بابا اولياءؒ جي غلامي ۾ اچڻ کان پوءِ سڀ کان اڳ هن طرز فڪر تي ضرب لڳي. جنهن ماڻهو مان جيڪا توقع ڪئي اها پوري نه ٿيڻ لڳي. اهو عمل ايترا دفعا ٿيو جو دوستن مان مايوسي

طاري ٿي وئي. ذهن ۾ آخرڪار اها ڳالهه اچي وئي تہ دوست ان وقت ڪم اچي سگهن ٿا جڏهن الله تعالىٰ چاهي.

## سون ڪائو:

ان ڪانپوءِ تربيتي پروگرام شروع ٿيو. روحاني اک سان ڏٺو تہ هڪ تمام وڏو ڪمرو آهي. ان ۾ تمام گهڻيون الماريون آهن. انهن المارين ۾ سون جو سرون رکيل آهن. انيتاليهہ ڪلاڪ اها ڪيفيت رهي تہ آئون هڪ ڪمري ۾ بند آهيان ۽ ڪمرو سون جي سرن سان پريل آهي. ان ڪيفيت سان گڏوگڏ ذهن ماني کائڻ ڏانهن مائل ٿئي تہ منهنجي ڪنن مان هڪ ماورائي آواز گونجي تہ "سون کاءُ ـــ" پاڻي پيئڻ جي خواهش ٿي، پاڻي تہ اتي هو ئي ڪون. آواز آيو ـ "سون ۽ چاندي سان اُڃ اُجهاءِ ـــــ!!" جڏهن ان ڪيفيت مان ٻاهر اچان تہ ڏهہ روپين جي نوٽ کان طبيعت ۾ گندگي جو احساس ٿيندو هو. ان ڪانپوءِ الله جي طرفان مسلسل اهڙا هزارين واقعا ظاهر ٿيا جنهن جو وجود ۾ اچڻ عقلي طور تي ناممڪن ۽ مشڪل هو. هڪ دفعو، ڏهہ ڀيرا، ٽيهہ دفعا، سو دفعا جڏهن اهڙا تجربا ٿيندا رهيا. ان ذهن ۾ اهو يقين پيدا ٿيو تہ جيڪو الله چاهي ٿو، اهوئي ٿئي ٿو. چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ روحانيت ڪو اهڙو علم نہ آهي، جيڪو صرف لفظن تي قائم هجي. روحانيت عملي مشاهداتي علم آهي.

## آٽوميٽڪ مشين:

پيدائش کان موت تائين ۽ موت ڪانپوءِ جي زندگي ۾ اعراف، حشر نشر، حساب ڪتاب، جنت ۽ دوزخ ۽ الله جي تجلي جو ديدار سڀ جو سڀ يقين تي قائم آهي. بنيادي ڳالهہ اها آهي تہ ماڻهو کي ان ڳالهہ جو يقين هوندو آهي تہ هو زندهہ آهي. هو موجود آهي. ان جي اندر عقل ۽ شعور آهي. هو هڪڙي حد تائين بااختيار آهي. وڏي حد ۾ ان تي غير اختياري ڪيفيتون نازل ٿينديون رهن ٿيون. مثال طور ڪو ماڻهو پنهنجي ارادي ۽ اختيار سان جيڪڏهن ساهہ کڻڻ شروع ڪري ڏي تہ هو چند منٽن ۾ سهڪي پوندو. روٽين (Routine) جي زندگي ۾ بک لڳي ٿي، هو ڪجهہ نہ ڪجهہ کائي ٿو. اُڃ لڳي تہ پاڻي پيئڻو پوي ٿو. اهڙو ئي حال ماڻهو جي اندر جي مشين جو آهي. جيڪا مسلسل بنا وقفي جي هر لمحي هر پل هلي رهي آهي. هن مشين جا ڪل پرزا ذهن، عضوا، دل، ڦڦڙ، گردا، جگر ۽ آنڊن جي حرڪت مسلسل جاري آهي. چار ارب آبادي ۾ هڪ بہ اهڙو ماڻهو نہ آهي جيڪو پنهنجي مرضي ۽ اختيار سان، سندس اندر نصب ڪيل مشين کي هلائيندو هجي. هي مشين بلڪل غير اختياري طور تي هلي رهي آهي. هن مشين ۾ جيڪو ٻارڻ استعمال ٿئي ٿو، ان تي بہ انسان جي دسترس ناهي. ان جو ثبوت اهو آهي تہ جڏهن مشين بند ٿي وڃي ٿي، تڏهن دنيا جي وڏي مان وڏي طاقت، علم جي وڏي کان وڏي ترقي بہ ان کي هلائي نٿي سگهي.

هي مشين قدرتي نظام تحت بتدريج بہ بند ٿي ويندي آهي ۽ هڪ دم بہ بند ٿي ويندي آهي. بتدريج بند ٿيڻ جو نالو "بيماري" آهي. مشين جو هڪ دم بيهڻ کي "هارٽ اٽيڪ" (Heart Failure) چيو وڃي ٿو. انسان اهو سمجهي تہ بيمارين جو علاج هن جي اختيار ۾ آهي. پر اسان اهو ڏسون ٿا تہ چار ارب جي آبادي ۾ هڪڙو بہ اهڙو ماڻهو ناهي جيڪي بيمار ٿيڻ يا مرڻ چاهيندو هجي. جيڪڏهن جيئرو رهڻ اختيار ۾ هجي تہ دنيا ۾ ڪو بہ ماڻهو موت جي حقيقت نہ سمجهي ها. زندگي جا بنيادي عوامل ۽ سڄي حرڪت، جنهن تي زندگي روان دوان آهي. انسان جي اختيار ۾ ناهي. جيڪڏهن اسين بنياد تي غور ڪريون تہ زندگي ان وقت شروع ٿيندي آهي. جڏهن ماڻهو پيدا ٿيندو آهي. جڏهن تہ پيدائش تي انسان جو ڪو بہ اختيار نہ آهي. لڪين سالن جي طويل

عرصي ۾ هڪڙو بہ اهڙو فرد نہ آهي جيڪو پنهنجي اختيار ۽ مرضي سان پيدا ٿيو هجي. پيدا ٿيڻ واري هر شيءِ پيدا ٿيڻ وارو هر فرد هڪ مقرر وقت لاءِ هن دنيا ۾ اچي ٿو. جڏهن وقت پورو ٿئي ٿو تہ اهو ماڻهو هڪ سيڪنڊ بہ هن دنيا ۾ ترسي نٿو سگهي. هي هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن تي تمام گهڻو غور ۽ فڪر جي ضرورت آهي. هر پل، هر گهڙي، هر منٽ، هر سيڪنڊ ۾ هي صورتحال واقع ٿي رهي آهي. اهڙي نموني الله پنهنجي مرضي سان پيدا ڪري ٿو ۽ مختلف شڪلين ۾ پيدا ڪري ٿو. قد ڪاٺ مختلف هوندو آهي. ڏٺو ويو آهي تہ ڪو بہ بنيادي طور تي ننڍي قد وارو ماڻهو ستن فٽن جو ٿي ويو. دنيا ۾ اهڙو ڪو بہ مثال نٿو ملي تہ ستن فوٽن جو ماڻهو گهٽجي اڍائي فوٽ جو ٿي ويو هجي.

## انسان، وقت ۽ رانديڪو:

جڏهن اسان عقل ۽ شعور جو جائزو وٺون ٿا تہ ڪو ماڻهو وڏيڪ باصلاحيت نظر اچي ٿو. ڪو ماڻهو گهٽ صلاحيت ۽ ڪو وري بلڪل بي عقل هوندو. سائنس خلا (Space) ۾ چهل قدمي جي دعوا ڪري سگهي ٿي. پر اهڙو ڪو بہ مثال نہ آهي جو ڪنهن بي عقل ماڻهو کي عقل مند Intellectual بڻايو ويو هجي.

الله ئي پنهنجي مرضي سان عقل ۽ شعور بخشي ٿو. ماڻهو جي اندر فڪر ۽ گهرائي عطا ڪري ٿو. الميو اهو آهي تہ جن ماڻهن جي اندر الله فڪر ۾ گهرائي عطا ڪري ٿو. اهي اهو سمجهن ٿا تہ هي انسان جي ذاتي صلاحيت ۽ وصف آهي. جڏهن انهن کان اهو سڀ ڪجهہ کسيو وڃي ٿو تہ ان وقت هو ڪجهہ بہ ڪري نٿا سگهن.

زندگي جا سمورا جزا هڪ قوت وٽ پابند آهن. اها طاقت جنهن طرح چاهي بيهاري سگهي ٿي. جهڙي طرح چاهي هلائي سگهي ٿي. قلندر شعور جا باني قلندر بابا اولياءؒ فرمائين ٿا. ماڻهو ڪيڏا نادان آهن. چون ٿا تہ حالتن تي اسان جي گرفت آهي. اسان پنهنجي مرضي سان حالتن ۾ ردوبدل ڪري سگهون ٿا. پر ائين هرگز نہ آهي. انسان هڪ رانديڪو آهي. حالتون جنهن بہ قسم جي چابي ان جي اندر ڀري ڇڏين، اهڙي طرح هو ٽپا ڏيڻ ۽ نچڻ شروع ڪري ڇڏي ٿو.

جيڪڏهن في الواقع حالتن جي اسان کي دسترس حاصل هجي. ڪو بہ ماڻهو غريب نہ هجي ها، ڪو ماڻهو بيمار نہ ٿئي، ڪو بہ پوڙهو ٿيڻ نہ چاهي ۽ ڪو بہ موت جي منهن ۾ نہ وڃي.

تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي وڏا وڏا ماڻهو جن خدائي دعوا ڪئي. موت جي چنبي انهن جي گردن مروڙي ڇڏي. فرعون، نمرود ۽ شداد جا اهڙا مثال آهن جن کي اسان فقط ڪهاڻي ڇئي درگذر ڪري نٿا سگهون. تاريخ هر زماني ۾ پاڻ کي ورجائي ٿي. البت رنگ، روپ، نالا، شڪليون ۽ صورتون بدلجي وڃن ٿيون. هن زماني ۾ شهنشاهہ ايران جو مثال اسان جي اڳيان آهي. جنهن اڍائي هزار سال جي سالگرهہ ملهائي. موت جي چنبي ان کي ايتري قدر بيوس ۽ ذليل ڪري ڇڏيو جو ان جي لاءِ ان سلطنت جي زمين بہ تنگ ٿي وئي. ۽ هو بي وطن ٿي مري ويو. ڪو هن جو حال پڇڻ وارو نہ هو. جيڪڏهن حالتون انسان جي وس هجن تہ ايڏو وڏو بادشاهہ غريب الوطن ئي نہ ٿئي ها. اهڙي قسم جا ڪوڙ سارا واقعا اسان جي سامهون ايندا رهن ٿا. ڳالهہ فقط ايتري آهي تہ اسان هنن ڳالهين تي توجهہ ۽ غور نٿا ڪريون. سمورين ڳالهين کي اتفاق سمجهي گذري وڃون ٿا. جڏهن تہ ڪائنات ۾ حادثي ۽ اتفاق جو دخل نہ آهي. الله جو هڪ نظام آهي جيڪو مربوط آهي. هر نظام جي ٻئي نظام سان وابستگي آهي. ان نظام جي ڪٿي اتفاق آهي، نہ ڪٿي حادثو آهي ۽ نہ ئي ڪا مجبوري آهي. . .

جڏهن ڪنهن ماڻهو اندر هي ڳالهه يقين بڻجي وڃي ٿي ته هن نظام ۾ ڪا به نندي کان نندي حرڪت ۽ وڏي کان وڏي شيءِ الله جي ناهيل نظام جي تحت قائم آهي. تڏهن ان جي اندر يقين جو پيٽرن (Pattern) بڻجي وڃي ٿو. ان پيٽرن کي جڏهن تحرڪ ملي ٿو ۽ زندگي ۾ مختلف واقعا پيش اچن ٿا. انهن واقعن جون ڪڙيون ايتري قدر مضبوط، مستحڪم ۽ مربوط هونديون آهن جو ماڻهو اهو سوچڻ ۽ مڃڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو ته ڪائنات تي حاڪم اعلىٰ فقط الله جي ذات آهي.

## آسمان تان نوٽ ڪريو:

هي ڳالهه اسين سڀ ڄاڻون ٿا ته ڪنهن شئي تي يقين ڪامل ٿي وڃڻ ان وقت ممڪن آهي جڏهن اها شيءِ يا عمل جنهن جي باري ۾ اسان نٿا ڄاڻون ته اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو. بنا ڪنهن ارادي، اختيار ۽ وسيلن جي پورو ٿيندو رهي.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته آئون ڪمري ۾ وينو هئس ۽ قلندر بابا اولياءؒ جي تصنيف "لوح و قلم" جي صفحن کي ٻيهر لکي رهيو هئس. عصر ۽ مغرب جي وچ وارو وقت هو. لاهور مان ڪجهه مهمان اچي ويا. عام حالتن ۾ جيئن ته ڪجهه دير کان پوءِ ڪاڌي جو وقت هو. ان لاءِ ذهن ۾ اها ڳالهه آئي ته هنن مهمانن کي ماني ڪارائڻ گهرجي. هي ان دور جي ڳالهه آهي جڏهن آئون "حيرت" جي مقام ۾ هئس. نه صرف اهو ته ڪو ڪاڌي پيتي جو انتظام هو پر لباس به مختصر هڪ لنگي ۽ گنجي رهجي ويو هو. اهو الڳ داستان آهي. هن لباس ۾ گرمي، سردي ۽ برساتون ڪهڙي نموني گذريون. . . . الله چاهي ٿو همت ۽ توفيق عطا ڪري ڇڏي ٿو. وڏي کان وڏي مشڪلات ۽ پريشانيون اک ڇنڀ ۾ گذري وڃن ٿيون. مون سوچيو ته پاڙي مان پنج روپيه اوڌر ورتي وڃي. انهن پيسن مان ڪاڌي پيتي جو انتظام ڪيو ڪيو وڃي. وري خيال آيو ته جيڪڏهن پاڙيسريءَ اوڌر نه ڏني ته وڏي شرمندگي ٿيندي. وري خيال آيو ته جهوپڙي هوٽل تان ماني اڌاري ورتي وڃي. طبيعت ان کي پسند نه ڪيو. اهو سوچي خاموش رهيس ته الله چاهيندو ته ماني جو انتظام ٿي ويندو. ڪمري مان ٻاهر نڪتس. جيئن دروازي مان ٻاهر قدم رکيو. ڇت مان پنج روپين جو نوٽ ڪريو. نوٽ نئون، صاف ڪڙڪ هو، نوٽ ڪرڻ جو آواز آيو — فرش تي جڏهن پيل نوٽ ڏٺو ته منهنجي مٿان دهشت طاري ٿي وئي. پر ذهن ۾ هڪ دم آواز گونجڻ لڳو. هي الله جي طرفان آهي . . . .! مون اهو نوٽ کڻي ورتو ۽ ڪائڻ پيئڻ جو چڱي نموني انتظام ٿي ويو.

## سٺ روپيا:

عيد جو چنڊ ڏسڻ کانپوءِ ٻارڙن جي عيد خرچي جي سلسلي ۾ ڳڻتي شروع ٿي. آئون پنهنجي هڪ دوست کان ڪجهه اوڌر پيسا کڻڻ لاءِ هليو ويس. دوست مون کي چيو ته پيسا ته مون وٽ آهن پر ڪنهن جي امانت آهن. طبيعت ان ڳالهه کي گوارا نه ڪيو ته دوست کي امانت ۾ خيانت جو ڏوهي قرار ڏنو وڃي. اتان هلندو اچي بازار ۾ نڪتس. اتي هڪ دوست مليو، تمام سٺي نموني پيش آيو. ان بنا مطالبي جي پيش ڪش ڪئي ته توهان کي عيد جي سلسلي ۾ ڪجهه روپين جي ضرورت هجي ته بنا حجاب جي کڻي سگهو ٿا. پر مون سندس ان پيشڪش کي نامنظور ڪري ڇڏيو. هُن شخص وراڻيو. "صاحب ....! مون ڪنهن زماني ڪجهه پيسا توهان کان اڌار طور ورتا هئا. اهي آئون ادا ڪرڻ چاهيان ٿو." ۽ هن سٺ روپيه منهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيا. آئون گهر هليو آيس. انهن سٺ روپين مان عيد جو سموريون ضرورتون پوريون ٿي ويون.

هن واقعي جي اندر هڪ وڏيڪ غور طلب ڳالھ اھا آهي تہ دوست کان آئون ٿيھ روپيا اڌار ونڻ ويو هئس ۽ الله تعالىٰ مون کي ايترا پيسا ڏياري ڇڏيا جو منھنجي ضرورت کان وڌيڪ هئا. ظاهر آهي تہ جيڪڏهن ٿيھ روپيہ قرض طور ملن ها. تہ ضرورت پوري نہ ٿئي ها. مون هي بہ واقعا پيش ڪيا آهن. هن قسم جا بيشمار واقعا منھنجي زندگي ۾ پيش ايندا رهيا.

## ڳوٺ ۾ ڪڪڙ جو پلاءُ:

استغنا جي ضمن ۾ غوث علي شاھ قلندرؒ پنھنجي تصنيف "تذڪره غوثيہ" ۾ هڪ دلچسپ واقعو لکن ٿا:

آئون هڪ ڳوٺ جي مسجد ۾ پيش امام هئس. مسجد ۾ هڪ فقير اچي ترسي پيو. سانجهي کان پوءِ مون ان کي ماني لاءِ سڏيو. فقير پڇيو تہ ماني ۾ ڇا آهي...؟ اتفاق سان ان ڏينھن دال ماني هئي. فقيراهو ٻڌي دال ماني آئي آهي، ڪو خاص ڏيان نہ ڏنو ۽ خاموش ٿي ويو ...... مون ٻيھر ماني کائڻ لاءِ اصرار ڪيو ــــ تنھن تي هن وراڻيو تہ مون الله سان اهو معاهدو ڪيو آهي تہ جيڪڏهن هو ڪڪڙ وارو پلاءُ ڪارائيندو تہ کائيندس نہ تہ ڪونہ کائيندس. مون اها ڳالھ سمجهندي تہ هي نفسياتي مريض آهي. هن لاءِ ماني بچائي رکي ڇڏي. برسات جي موسم هئي. آسمان تي ڪڪر ڇانيل هئا. آئون پنھنجي حجري ۾ هليو ويس ۽ دروازو بند ڪري سمهڻ لاءِ ليٽي پيس. ڪجھ ئي دير ٿي تہ تيز برسات شروع ٿي ويئي. ان تيز وسندڙ برسات ۾ ڪنھن دروازو کڙڪايو. اٿي ڪري دروازو کوليو. ڏٺو تہ هڪ شخص مٿي تي ٻوري اوڍي دروازي تي بيٺل آهي. ان شخص هڪ ٿال مون کي ڏيندي چيو: "ملان صاحب .......! اسان باس باسي هئي. هي مرغي پلاءُ آهي. ٿانو صبح جو کڻي ويندس." آئون هي مرغي پلاءُ کڻي فقير وٽ ويس ۽ ٿال ڪيس ڏنم. فقير ڏاڍو مزي سان پلاءُ کائڻ شروع ڪري ڇڏيو.

## مڇي ملي ويندي:

هڪ رات جو ذڪر آهي تقريباً رات جا يارنھن وڳا هئا. قلندر بابا اولياءؒ جن مون کي ارشاد فرمايو: "مڇي ملي ويندي ...؟" مون عرض ڪيو حضور ــــ! ساڍا يارنھن وڳا آهن. آئون ڪوشش ڪريان ٿو. ڪنھن هوٽل ۾ ضرور ملي ويندي. قلندر بابا اولياءؒ جن فرمايو: "هوٽل جي پچايل مڇي آئون ناهيان کائيندو.....!" آئون پيشمان ٿي ويس هن وقت تازي مڇي ڪٿان ملندي. ان زماني ۾ ناظم آباد جي آبادي تمام گهٽ هئي. بهرحال مون دل ۾ سوچيو "مڇي ضرور هٿ ڪرڻي آهي." اهو سوچي ٽوڪري کڻي ورتي. قلندر بابا اولياءؒ جن فرمايو هاڻي رهڻ ڏيو ــ، صبح جو ڏسنداسين. هڪ ڪلاڪ بہ نہ گذريو تہ دروازي تي آواز آيو. ٻاهر نڪري ڏٺو تہ هڪ صاحب هٿ ۾ مڇي ڪنيو بيٺو آهي. ان چيو تہ "آئون ٺٽي کان اچي رهيو هئس ۽ هي مڇي قلندر بابا اولياءؒ جي نذر آهي.... " اهو چئي هو شخص هليو ويو.

## پکين جو رزق:

تمام گهڻا واقعا پيش اچڻ جي نتيجي ۾ هي يقين مستحڪم ۽ پختو ٿي ويو آهي تہ ضرورتن جو واحد ڪفيل الله تعالىٰ آهي. الله جو اهو واعدو آهي تہ آئون رزاق آهيان. هو اسان کي بهرحال روزي پهچائي رهيو آهي. الله جا اهي ڪارندا جيڪي تڪوين جي شعبي سان لاڳاپيل آهن. جن جي باري ۾ الله تعالىٰ في الارض خليفہ چيو آهي. هن ڳالھ تي قائم آهي تہ هو مخلوق کي زندھ رکڻ لاءِ وسيلا فراهم ڪري. وڏي

عجب جي ڳالھ آهي تہ الله پنهنجي مرضي سان پيدا ڪري ٿو. جيستائين هو چاهي ٿو ماڻهو جيئرو رکي ٿو. جڏهن نٿو چاهي تہ ماڻهو هڪ سيڪنڊ لاءِ بہ جيئرو رهي نٿو سگهي. پر ماڻهو اهو سمجهي ٿو تہ آئون پنهنجي مرضي سان زندھ آهيان. معاشي سلسلو منهنجي مرضي ۽ اختيار سان قائم آهي.

هاري جڏهن فصل لڻي ٿو تڏهن هڪ هڪ داڻو ڪري ٻوهاري وِني ٿو. جيڪي داڻا خراب هوندا آهن، اهي بہ ميڙي سيڙي جانورن کي کارائيندو آهي. جنهن زمين تي ڪٽڪ لابارو ڪجي ٿي. اتي جيڪڏهن ڳولجي تہ مشڪل ڪٿي ڪي داڻا نظر ايندا. پر جڏهن اسان ڏسون ٿا تہ الله جي مخلوق پکي اربن کربن جي تعداد ۾ آهن. جڏهن اهي داڻا چُڳن ٿا تہ معاملو حل نٿو ٿئي تہ هاريءَ زمين تي داڻو بہ نٿو ڇڏي. هنن پکين لاءِ ڪا خاص پوک بہ نٿي پوکي وڃي تہ پوءِ هيڏا سارا پکي ڪٿان کائين ٿا ـــــ ؟

قانون اهو آهي تہ جڏهن پکين جو ولر زمين تي ان ارادي سان هيٺ لهي ٿو تہ اسان کي داڻو چڳڻو آهي تہ ان کان اڳ ۾ جو انهن جا پير ڌرتي تي لڳن، قدرت اتي داڻا پيدا ڪري ڇڏي ٿي. جيڪڏهن پکين جي روزي جو دارومدار هاريءَ تي هجي ها تہ سمورا پکي بک ۾ مري وڃن ها!

## گاھ ۽ وڻ:

چوپايا جانور بهرحال انسانن جي آبادي کان تمام وڏي تعداد ۾ ڌرتي تي موجود آهن. ظاهري طور تي گاھ کائين ٿا. وڻن جا پن چرن ٿا. پر جهڙي نموني وڏي مقدار ۾ گاھ ۽ پن کائين ٿا، زمين تي ڪو وڻ ٻوٽو رهڻ نہ گهرجي. قدرت انهن جي غذائي ڪفالت پوري ڪرڻ لاءِ ايتري وڏي مقدار ۾ گاھ ۽ وڻ پيدا ڪري ٿي. جو گاھ ۽ پنن ۾ ڪابہ کوٽ نٿي اچي. هي انهن وڻن ۽ گاھ جو ذڪر آهي جنهن ۾ انسان جو ڪو بہ تصرف نہ آهي. قدرت پنهنجي مرضي سان پيدا ڪري ٿي ۽ پنهنجي مرضي سان سبز ۽ شاداب رکي ٿي.

زندگي جون بنيادي ضرورتون الله بنا ڪنهن جدوجهد ۽ محنت جي ورهاست ڪري ٿو. بنيادي ضرورتن ۾ سڀ کان اهم شئي هوا، پاڻي، گرمي ۽ چنڊ جي روشني شامل آهن. جيڪڏهن انسان پنهنجي ضرورتن جو ڪفيل آهي تہ اها اهڙي قوت آهي. اهڙو ڪهڙو علم آهي جو هو گرمي حاصل ڪري سگهي. زمين مان پاڻي جا نار بند ٿي سُڪي وڃن. تہ انسان وٽ ڪهڙو علم يا طاقت آهي جيئن هو زمين مان پاڻي جون نهرون وهائي سگهي. اهڙي طرح هوا آهي. هوا جيڪڏهن بند ٿي وڃي، الله جو اهو نظام جيڪو هوا کي تخليق ڪري ٿو ۽ هوا کي گردش ۾ رکي ٿو جيڪڏهن معطل ٿي وڃي تہ زمين تي اربين کربين مخلوقات هڪ سيڪنڊ جي هزارين حصي ۾ تباھ ۽ برباد ٿي وڃي. الله تعالیٰ جي رزّاقيت ۽ وسيلن جي ورڇ جي سلسلي ۾ قلندر غوث علي شاھ کان هڪ واقعو ٻڌائيندس.

## مزدُور برادري:

هڪ شهر جي بازار ان حد تائين ڦهتي جو بازار ويران ٿي وئي. جڏهن ڪاروبار هلڻ جي ڪا صورت سامهون نہ اچڻ لڳي تڏهن ماڻهن هن شهر مان لڏپلاڻ شروع ڪري ڏني. ان بازار جي ويراني ۽ لڏپلاڻ جي ڪري شهر جا غريب ۽ مزدور نهايت پريشان ۽ بدحال ٿيڻ لڳا. اجا هن مصيبت جو ڪو حل سامهون نہ آيو هو. ڪا اهڙي راھ ڪون ٿي نڪتي جيئن بازار جي ويراني ۽ ڏيوالپڻو ختم ٿي وڃي ۽ ٻيهر بازار ۾ گهما گهمي پيدا ٿيئي.

ڪجھ ڏينهن ئي مس گذريا تہ بازار ۾ بہ سوداگر آيا. انهن ٻنهي خريداري شروع ڪري ڏني. ايتري قدر جو سوئي سڳي کان هاٿي تائين هر شئي جو مُلھ لڳي ويو. هن خريداري جي نتيجي ۾ گهوڙا، خچر، ڏاند

گاڏيون ۽ مزدور هر شخص متحرڪ ٿي ويو. انهن ٻنهي سوداگرن اهو اعلان ڪيو تہ اسان پوري هفتي تائين خريداري ڪنداسين. پنهنجي ضرورتن جي فهرست ڪي ايترو وڏائي ڇڏيو جو ان شهر جي سوداگرن ۽ واپارين ڏينهن رات ڪري ٻين پَر وارن شهرن مان بہ سامان جي فراهمي جو انتظام ۽ بندوبست ڪيو.

هڪڙِي هفتي ۾ اهڙو ماحول ٿي ويو جو شهر جي رونق ۽ رش ٻيهر بحال ٿي وئي. ماڻهو خوشحال ٿي ويا. سندن چهرن تي خوشي ۽ تازگيءَ جو نکار اچي ويو. جيڪي ماڻهو لڏپلاڻ ڪري ٻي هنڌ هليا ويا هئا. اهي واپس اچي ويا جن لڏ پلاڻ جو ارادو ڪيو هو انهن اهو ارادو ختم ڪري ڇڏيو. مزدور خوشحال ٿي ويا. بک، بدحالي ۽ افلاس جو دور ختم ٿيو. هڪ هفتي جي خريداري ڪانپوءِ سامان کڻڻ ۽ جهاز ۾ رکڻ جو مسئلو سامهون آيون. لوڊنگ، اَن لوڊنگ جي سلسلي ۾ سمورا مزدور مصروف ٿي ويا. اهڙيءَ طرح هڪ اجڙيل شهر ٻيهر آباد ٿي رونق افروز ٿي ويو.

انهن ڏينهن ۾ سوداگرن سان گڏ هڪ جهونو مرد بہ هو. جيڪو محنت مزدوري جي سلسلي ۾ سوداگرن سان گڏ هوندو هو. جڏهن خريد ڪيل مال جهاز ۾ رکجي ويو ۽ سوداگرن ان جهوني شخص کان موڪلائڻ چاهيو. تڏهن ان پوڙهي شخص وراڻيو تہ آئون اڪيلو سر آهيان. آئون توهان جي خدمت ڪندو رهندس ۽ اهڙي نموني زندگي جا رهيل ڏينهن بہ گذري ويندا. توهان مون کي پاڻ سان گڏ وٺي هلو. سوداگر ۽ جهونو مزدور جهاز ۾ سوار ٿي جڏهن سمنڊ جي وچ ڌاري پهتا تڏهن انهن سوداگرن جهاز کي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو. ۽ پوڙهي مزدور کي چيو، ”اسين ٻئي فرشتا آهيون. جيئن تہ هڪ آباد وستي ڪاروبار نہ هئڻ سبب برباد ٿي رهي هئي. ان ڪري الله تعالیٰ فرمايو تہ هي بستي آباد رهڻ گهرجي. تہ جيئن مخلوق کي روزي ملندي رهي.“ اهو چوندي اهي ٻئي فرشتا غائب ٿي ويا ـــــــ “

# آدم ۽ حوّا جي تخليق

آسماني ڪتابن کي پڙهڻ ۽ انهن ڪتابن جي تعليم تي غور ڪرڻ سان اها ڳالهه منڪشف ٿئي ٿي تہ آدم کي هڪ جان مان پيدا ڪيو ويو آهي. تخليق جي هن بنياد کي نفس، جان ۽ نقطہ واحد چيو وڃي ٿو.

عام حالتن ۾ جڏهن اسين تخليق جو ذڪر ڪريون ٿا تہ اهو سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هر نوع جو هڪ آدم آهي ۽ هي سموري نوع آدم ۽ حوّا مان وجود ۾ آئي آهي. جهڙي طرح هڪ ماڻهو جي نوع جو تعلق آدم ۽ حوّا سان آهي. اهڙي نموني ٻڪريءَ جي نوع جو تعلق ڇيلي ۽ ٻڪريءَ سان آهي. تجربو ڪيو وڃي تہ ڪائنات ۾ هر نوعي پروگرام ان ئي فارمولي تي قائم آهي. يعني جنهن وقت آدم ۽ حوّا جو وجود تخليق ٿيو ۽ ان جو نسل وڌيو ويجهيو —— ڳئون، ٻڪري، رڍ، ڪبوتر، ٻلي، ڪتا ۽ ڪيترن ئي پکين جي تخليق بہ انهن جي آدم ۽ حوّا مان وجود ۾ آئي آهي.

هي ان تخليق جو ذڪر آهي جنهن تخليق کي اسان گوشت ۽ پوست جو نالو ڏيون ٿا. پيدا ٿيڻ وارو هر فرد اهو آدم هجي، رڍ هجي، ٻڪري هجي، پولڙو هجي، سيئي گوشت پوست جي عارضي جسم جا مرکب آهن. ڪجهہ عرصو اهو نرم و نازڪ هوندو آهي. پوءِ ان تي جولانيت طاري رهندي آهي پوءِ اعصاب ۽ عضوا خشڪ رهڻ ڪانپوءِ جسماني نظام ختم ٿي ويندو آهي. ان ڪيفيت کي حياتي ۽ موت چيو ويندو آهي. پر اسان کي هر پل هر لمحي اهو علم بہ منتقل ٿيندو رهي ٿو تہ جسماني وجود، جهڙي نموني هڪ عارضي شيءِ آهي اهڙي نموني اهو وجود جنهن جي مٿان جسماني نظام جي عمارت بيٺل آهي اهو مستقل آهي. جيستائين مستقل وجود جسماني ڍانچي کي سنڀالي رکي ٿو جسماني عمارت خوشنما، خوبصورت، ۽ چرپر ڪندي رهي ٿي. جڏهن اهو اڻ ڏٺل وجود ان عارضي وجود کان پنهنجو رشتو ٽوڙي ڇڏي ٿو تہ باقي ڪجهہ بہ نٿو رهي. اُن اڻ ڏٺل وجود کي اوتار ۽ پيغمبرن، جان، نفس، نقطو ۽ روح جي نالي سان متعارف ڪرايو آهي.

قلندريہ سلسلي مان جڏهن روحاني دنيا جي مسافر کي قلندر شعور جي نسبت حاصل ٿئي تہ ان جي اندر جي اک اهو ڏسي وٺي ٿي تہ جان، نفس، نقطو يا روح تخليق ڪرڻ واري هستي جي وجود جو هڪ حصو آهي. تخليق ڪرڻ واري هستي جي تجلي هڪ وصف آهي. ۽ تجلي جي وصف قدرت ۽ رحمت سان گڏ ان جان، نفس يا نقطي سان گڏ هم رشتہ آهي.

## لهرن جو نظام:

ڪائنات ۾ هر شئي لهرن تي قائم آهي ۽ هي لهرون نور تي قائم آهن. الله جي ڪلام تحت ”زمين ۽ آسمان جو نور آهي“ تخليق جي هڪ حيثيت نوراني آهي. تخليق جي ٻي حيثيت روشني، نفس، جان يا نقطو آهي. انهن لهرن يا تخليق جي اندر نوراني وصف کي تلاش ڪرڻ جي لاءِ الله جي دوستن انساني شعور جي مناسبت سان قائدا ناهيا آهن. ان هڪڙي نقطي کي ڇهن حصن ۾ ورهايو آهي. تہ جيئن هڪ مبتدي سالڪ آساني سان سمجهي سگهي. ان نقطي جي حصن جا نالا روحانيت ۾ لطائفِ ستہ يا ڇهہ لطيفا آهن.

پهرئين لطيفي کي ”اخفيٰ“ جو نالو ڏنو ويو آهي. هر انسان جي اندر نقطو واحد آهي. هي اهو نقطو آهي جيڪو الله جو گهر آهي. جنهن ۾ الله رهي ٿو. جنهن نقطي مٿان سڌو سنئون الله جي تجلين جو نزول ٿئي ٿو. هي اهوئي نقطو آهي، جنهن جي اندر داخل ٿيڻ سان انسان ڪائنات جي اندر جاري ۽ ساري نظام ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. ۽ ڪائنات جي مٿان ان جي حڪومت قائم ٿي وڃي ٿي.

هي اهو نقطو آهي جنهن ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ الله جو هي ارشاد سمجهه ۾ اچي وڃي ٿو ته، ”اسان تنهنجي لاءِ آسمانن ۾، زمينن ۾ جيڪو ڪجهه آهي سمورو مسخر ڪري ڇڏيو آهي.“ مطلب ته آسمانن ۽ زمينن ۾ جيڪي ڪجهه آهي اهو سڀ جو سڀ تنهنجو محڪوم آهي. تون ان جو حاڪم آهين، ۽ ان ارشاد جو تفصيل هيئن سامهون اچي ٿو ته اسان تنهنجي لاءِ سج کي مسخر ڪيو، چنڊ کي مسخر ڪيو ـــــ ستارن کي مسخر ڪري ڇڏيو ......! مسخر ٿيڻ جو اهو مطلب ڪڍيو ويندو آهي ته چنڊ ۽ سج کي الله تعالىٰ مخلوق جي خدمت لاءِ هڪ ڊيوٽي تي فائز ڪيو آهي. اها ڳالهه انهن جي فرض ۾ شامل آهي ته هو الله جي مخلوق جي خدمت ڪندا رهن. چنڊ هجي، ستارا هجن، هوا هجي، پاڻي هجي، گئس هجي، وڻ هجن، حيوان هجن، ٻوٽا هجن يا جيت هجن سيئي انسان جي خدمت ۾ مصروف آهن. اهو ”مسخر“ ٿيڻ ”قلندر شعور“ جي دانست ۾ مسخر ٿيڻ نه آهي.

الله تعالىٰ هڪ قانون ناهيو آهي. ان قانون تي عمل درآمد ٿي رهيو آهي. هر شئي انسان جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي. مسخر ٿيڻ يا ڪنهن شئي تي حاڪميت قائم ٿيڻ جو مطلب اهو آهي ته ان شئي تي تصرف ڪري سگهجي. جيتوٽيڪ موجوده صورتحال هي آهي ته انسان ذات چنڊ ۽ سج جي تصرف ۾ زندگي گذاري رهي آهي. جيڪڏهن سج چنڊ پنهنجو تصرف ختم ڪري سگهن ته زمين جو وجود قائم رهي نه سگهي. مثال طور اسين گرمي جا محتاج آهيون. ڪاڏي ۾ ميناج پيدا ڪرڻ لاءِ اسين ان ڳالهه جا محتاج آهيون ته چنڊ اسان جي خدمت ڪري، پر اسان کي چنڊ ۽ سج تي ڪا به حاڪميت ۽ تصرف حاصل نه آهي.

## رنگن جي دنيا:

اسين جڏهن ڌرتي تي موجود نت نئين تخليق تي تفڪر ڪريون ٿا تڏهن هي ڳالهه واضح طور تي اسان جي اڳيان اچي ٿي ته تخليق جو هر عمل ظاهري نگاهه سان ڏنو وڃي ته اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مثال طور جيڪڏهن اسين وڻن جي پيدائش جي باري ۾ غور ڪريون ته سمورن وڻن جو اڻ کٽ سلسلو هڪڙي طريقي تي قائم آهي. وڏو وڻ، يا ننڍو ٻوٽو، قدآور ٽڙ هجي، يا بلڪل جڙي ٻوٽي جي شڪل ۾ هجي ـ پيدائش جو سلسلو اهو آهي ته زمين جي اندر ٻج پوکيو وڃي ٿو. ڌرتي پنهنجي ڪک ۾ ان ٻج جي نشونما ڪري ٿي. ٻج جي نشونما مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ وڻ وجود ۾ اچي وڃي ٿو. پر اها کهڙي نه عجيب ڳالهه آهي جو پيدائش جو هڪڙو ئي طريقو آهي، هر وڻ پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي ٿو ۽ وڻ جي انفراديت نامڪمل ۽ اڻپوري هوندي آهي. مثال طور انب ۽ بادام جي وڻ کي ڏنو وڃي ته وڻ هڪڙي حيثيت کان هڪ جهڙا آهن. ٻنهي جو پيدائشي عمل هڪ جهڙو آهي. ٻنهي جو قدڪاٺ به هڪ جهڙائي وارو آهي، پر انب ۽ بادام جي وڻ جو ميوو بلڪل ڌار ڌار شڪل ۾ ۽ ذائقو پڻ الڳ آهي. اهڙي نموني اسان گلن جي طرف ڌيان ڏينداسين ته گل جو هر وڻ پنهنجي الڳ سڃاڻپ ۽ حيثيت رکي ٿو. ان انفرادي حيثيت ۾ انهن جا پن، ٽاريون به الڳ هونديون آهن. اهڙي طرح انهن تي گلن جا ڌار قسم هوندا آهن. گلن جي بيشمار قسمن تي جڏهن نگاهه وجي ٿي اهو ڏسي حيراني ٿئي ٿي ته هر گل جي خوشبو الڳ آهي. گلن ۾ اهڙا گلينڊ هوندا آهن، جن مان مختلف قسمن جو خوشبودار تيل

نڪري هوا ۾ گهلندو رهي ٿو. اهڙي فضا ۾ خوشبو مڪندي رهندي آهي. گلن جي گلينڊز ۾ خوشبودار تيل جو ذخيرو سُنگهڻ سان دماغ معطر ٿي وڃي ٿو. گل جيڪڏهن رنگين آهي ته هر وڻ جا گل الڳ الڳ رنگ رکن ٿا. رنگ سازي جو عالم اهو آهي ته ڪو گل ايتري قدر ڳاڙهو آهي جو ان تي نظر ڄمي وڃي ٿي. گلن ۾ ڪٿي سفيد، ڪٿي سائو اهڙي طرح بيشمار رنگ زمين مان ڦٽندا رهن ٿا. الله جو شان به ڪيڏو نه عجيب شان آهي. زمين هڪ آهي، هوا هڪ آهي، پاڻي هڪ آهي، پيدا ٿيڻ جو طريقو به هڪڙو آهي پر هر شئي هڪ ٻئي کان مختلف آهي. ٻي ڳالهه جيڪا ڌيان ڏيڻ جهڙي آهي. اها هي آهي ته پيدا ٿيندڙ شئي ۾ ڪنهن نه ڪنهن رنگ جو غلبو ضرور هوندو آهي. ڪا به اهڙي شئي موجود نه آهي جيڪا بي رنگ هجي. اها رنگيني ۽ بي رنگي دراصل خلقت ۽ مخلوق جي وچ ۾ هڪ پردو آهي. خالق کي مخلوق کان جيڪا شئي الڳ ۽ مٿانهون ڪري ٿي، اهو رنگ آهي. انسان جي اندر جڏهن تخليقي صفتون ظاهر ٿين ٿيون. يا الله تعالىٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان تخليقي صلاحيتن جو عمل بيدار ڪري ٿو ڇڏي. ان مهل ٻانهي تي اها ڳالهه منڪشف ٿي وڃي ٿي ته، ڪو به بي رنگ خيال جڏهن رنگين ٿئي ٿو تڏهن تخليق عمل ۾ اچي وڃي ٿي. الله بحثيت خالق جي ڪو به رنگ نٿو رکي.

الله تعالىٰ جڏهن ڪائنات کي ناهڻ جو ارادو فرمايو تڏهن جيڪو ڪجهه الله جي ذهن ۾ موجود هو ان جو ارادو ڪيو ۽ چيو ــ "ٿي وڃ" ۽ هر شئي ٿي وئي. يعني وراءِ بي رنگ کان نزول ڪري الله جي خيال هڪ رنگ اختيار ڪيو. جنهن کي سمجهڻ لاءِ روحانيت بي رنگي جو نانءُ ڏنو آهي. معنىٰ ته اهڙو رنگ جنهن کي بيان نٿو ڪري سگهجي. پوءِ ان بي رنگي ۾ حرڪت پيدا ٿي، تڏهن رنگين وجود تخليق ۾ اچي ويو. اهو ئي وجود مختلف شڪلين ۾ ۽ مختلف رنگن ۾ ۽ مختلف صلاحيتن سان گڏ هڪ جسم ۽ شڪل اختيار ڪري ويو.

ڪائنات جي تخليق ۾ بنيادي عضوا يا بنيادي مٽيريل "رنگ" آهي. رنگن جو امتزاج ئي تخليق جو فارمولو آهي. رنگن جي مناسبت سان يا انهن رنگن جي گهٽ يا وڌ ٿيڻ سان مختلف تخليقون عمل ۾ اچن ٿيون. سموري مخلوق ۾ انسان الله تعالىٰ جي بهترين تخليق آهي. جنهن کي الله تعالىٰ تخليقي حيثيت ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪيو آهي. ان جي اصليت به رنگن جو مرڪب آهي. هن تخليق کي سمجهڻ جي لاءِ روحانيت ڇهه دائرا مقرر ڪيا آهن. هر دائرو الڳ الڳ رنگن جو مرڪب آهي. روحانيت ۾ انهن دائرن کي جڏهن روشنين سان معمور ڪيو ويندو آهي تڏهن ان کي "لطيفن جو رنگين" ٿيڻ چئبو آهي.

## روشني جا ڇهه بلب:

انسان گوشت پوست ۽ هڏين جي ڍانچي جو نالو نه آهي. انسان مٿان هڪ ٻيو روشنين جو ٺهيل جسم هوندو آهي. جنهن کي قلندر بابا اولياءؒ جن نسمه (AURA) جو نالو ڏنو آهي. نسمه يا اورا ڇهن نقطن يا ڇهن دائرن مان ٺهيل آهي. ڇهن دائرن مان ٿي روح وجود ۾ اچن ٿا. انهن ڇهن دائرن جا نالا، اخفىٰ، خفي، سري، روحي، قلبي ۽ نفسي آهن. ٽن روحن جا نالا، رُوح حيواني، رُوح انساني ۽ روح اعظم آهن. هنن ڇهن نقطن، ڇهن دائرن يا روشني جي بلبن کي روحانيت ۾ لطيفا يا جنريٽر چئبو آهي. هر ٻن لطيفن مان هڪ روح ٺهي ٿو.

- لطيفو نفسي + لطيفو قلبي = روح حيواني.

- o لطيفو سّري + لطيفو روحي = روح انساني
- o لطيفو خفي + لطيفو اخفیٰ= روح اعظم

لطيفو نفسي ۽ لطيفو قلبي مان نهڻ وارو روح حيواني تي هميشہ زرد رنگ غالب هوندو آهي. لطيفي روحي ۽ لطيفي سيري تي يعني روح انساني تي سبز رنگ جو غلبو رهندو آهي ۽ لطيفي خفي ۽ لطيفي اخفیٰ جي مرڪب روح اعظم تي بليو يا نيرو رنگ غالب هوندو آهي. جيتري قدر زرد رنگ جو غلبو وڌيڪ ٿيندو ايتري مناسبت سان ماڻهو تي دنياوي حواسن جو غلبو وڌيڪ ٿي ويندو آهي.

روحانيت ۾ مراقبو ان لاءِ ڪرايو ويندو آهي تہ ماڻهو جي مٿان زرد رنگ جي گرفت گهٽجي وڃي. زرد رنگ جي گرفت گهٽجڻ سان ماڻهو جو ذهن سبز روشنين ڏانهن منتقل ٿي وڃي ٿو. هي سبز روشنيون ان کي سڪون پهچائين ٿيون. ۽ ذهني ارتقا ۾ معاون ثابت ٿين ٿيون. جڏهن سبز روشنين تي ذهني ارتقا ٿي ويندو آهي تہ ذهن نيري روشنين ۾ منتقل ٿي ويندو آهي.

## تَرڪِ دنيا ڇا آهي:

الله تعالیٰ انساني ذهن جي تخليق ڪجهہ اهڙي نموني ڪئي آهي جو هو ڪنهن جڳهہ تي بيهندو نہ آهي. بي رنگي مان نڪري هو وراءِ بي رنگ جو مشاهدو ڪري وٺي ٿو. اهو الله جي ذات جو عرفان آهي. قلندر شعور انسان اسان جي رهنمائي ڪري ٿو تہ انسان پنهنجي ارادي ۽ اختيار سان پاڻ تي اهڙي ڪيفيت ۽ واردات محيط ڪري سگهي ٿو جيڪي ان کي دنيائي خيالن کان آزاد ڪري ڇڏين. دنيائي خيالن کان آزاد ٿيڻ جو مطلب اهو نہ آهي تہ ماڻهو کائڻ، پيئڻ ڇڏي ڏي، ڪپڙا نہ پهري، گهر ۾ نہ رهي، شادي نہ ڪري، دنيائي خيالن کان آزادي جو مفهوم هي آهي تہ دنيائي معاملن ۾ ذهن جو دخل نہ هجي. دنيا جا معاملا روٽين ۾ پورا ڪيا وڃن. مثال طور هڪ ماڻهو جي ضرورت آهي تہ پاڻي پيئڻ گهرجي. هن کي جڏهن اڃ لڳي ٿي تہ هو پاڻي پي وٺي ٿو. پر هو سڄو ڏينهن پنهنجي مٿان اڃ کي مسلط نٿو رکي. پاڻي جي تقاضا ٿي، پاڻي پيتو وسري ويو. اهائي صورتحال سمهڻ ۽ جاڳڻ جي آهي.

جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن هڪ، ٻن، ڏهن، ويهن ۽ پنجاهہ خيالن ۾ اهڙي طرح وڪوڙجي وڃي ٿو ان جو ذهن معمول *(Routine)* کان هٽي وڃي تہ هو بي رنگي کان دور ٿي رنگن جي دنيا ۾ مصروف ٿي وڃي ٿو. جڏهن ماڻهو دنيائي ضرورتن جي سمورن عملن ۽ فعلن کي معمول مطابق سرانجام ڏئي ٿو تڏهن هو رنگن جي دنيا ۾ رهندي بہ بي رنگ دنيا ڏانهن سفر ڪري ٿو.

هڪ دفعي هڪڙي شاگرد حضرت جنيد بغداديؒ کان سوال ڪيو تہ ترڪ دنيا ڇا آهي ؟ حضرت جن جواب ۾ وراڻيو ـــ ”دنيا ۾ رهندي ماڻهو کي دنيا نظر نہ اچي......“

شاگرد پڇيو، ”اهو ڪهڙي نموني ممڪن آهي .......؟“

حضرت جنيد فرمايو ـــ ”آئون جڏهن تنهنجي عمر جو هوس. مون پنهنجي پير ۽ مرشد کان اهوئي سوال ڪيو هو تہ تنهن جواب ڏنو ...... هل تہ بغداد جي سڀني کان مشهور بازار جو سير ڪريون. جيتوڻيڪ آئون ۽ شيخ بغداد جي مصروف ترين بازار ڏانهن نڪري پياسين. جيئن ئي بازار جي صدر دروازي مان داخل ٿياسين. مون ڏٺو تہ آئون ۽ منهنجو شيخ هڪ وڏي ويراني ۾ بيٺا آهيون. نظر جي حد تائين واريءَ جي دڙن ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ هو. مون حيرت مان چيو ... ”شيخ هتي بازار تہ نظر نٿي اچي...“

شيخ شفقت سان منهنجي مٿي تي هٿ رکيو. ”جنيد هي ترڪ دنيا آهي ته ماڻهو کي دنيا نظر نه اچي. اُن جو پوشاڪ پهرڻ، جوَن جي ماني کائڻ ۽ عاليشان گهر کان منهن موڙي جنگل ڏانهن نڪري وڃڻ ترڪ دنيا ناهي. ترڪ دنيا اها آهي ته لذيذ ترين شيون به کائو ته به جوَ جي ماني جو ذائقو محسوس ڪريو. اطلس و ديبا ۽ حرير به پهريو ته به اُن جو لباس محسوس ڪريو. مصروف بازارن ۽ خوبصورت محلاتن مان گذر ٿئي ته بيابان نظر اچي. پر جنيد .......!! هي سڀ ڳالهيون پڙهڻ ۽ ٻين کي سمجهائڻ سان ان وقت تائين سمجهه ۾ نٿيون اچي سگهن جيستائين ترڪ دنيا جي تجربي مان نٿو گذرجي ....... اچ ته هاڻي گهر هلون.......!!“ پوءِ جيئن اسين خوفناڪ ويراني مان گهر ڏانهن روانه ٿياسين. اسين بغداد جي ان بارونق بازار جي صدر دروازي تي ٻينل هئاسين.

## زمان ۽ مڪان:

قلندر شعور اسان کي ٻڌائي ٿو ته دنيائي معاملن کان يڪسو ڪرڻ لاءِ اهڙين مشقن جي ضرورت هوندي آهي جن مشقن سان ذهن دنيا کي عارضي طور تي ڇڏي ڏئي ۽ انهن مشقن سان جڏهن ذهن يڪسو ٿي وڃي ٿو مطلب ته ذهن مان دنيا جي اهميت ختم ٿي وڃي ٿي. يا ماڻهو جي اندر ان جون روحاني صلاحيتون بيدار ٿيڻ شروع ٿي وڃن ٿيون. جڏهن انهن بيدار صلاحيتن ۾ انساني ذهن تمام گهڻو متوجهه ٿي وڃي ٿو تڏهن شعور مٿان زرد رنگ جو خليو تڻڻ لڳي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ زمان ۽ مڪان جون حد بنديون اهڙي طرح ختم ٿي وڃن ٿيون جو ماڻهو بيدار هوندي به اهڙا عمل ڪرڻ لڳي ٿو جهڙي نموني جا عمل يا جنهن نموني جا ڪم هو خواب جي زندگي ۾ ڪري ٿو هن کي مراقبي ۾ اکيون بند هئڻ باوجود پوري طرح احساس هوندو آهي ته آئون جسماني طور تي موجود آهيان ۽ جسماني طور تي زمين تي وينو آهيان. ان جي باوجود آئون گهمي ڦري رهيو آهيان. اڏامي رهيو آهيان ۽ فاصلن جي نفي ڪري پري پري تائين شين کي ڏسي رهيو آهيان.

## خواب ۽ مراقبو:

خواب ۽ مراقبي ۾ فرق اهو آهي ته خواب ۾ دماغ يا شعور جسماني عضون کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي. مراقبي ۾ شعور جسماني عضون کي نظرانداز ناهي ڪندو. مراقبي ڪرڻ وارو شخص جنهن جي اک ڪليل آهي (اک جو مطلب اندر جي اک آهي يا روح حيواني جي اک آهي) تڏهن *Time & Space* يا زمان ۽ مڪان مان گذري جسماني ڪيفيتن کان آشنا رهندو آهي. مراقبي کي اسين خواب جو پهريون درجو چئون ٿا. يعني اهڙو خواب جنهن ۾ ماڻهو تي ننڊ حاوي نه ٿئي ۽ هو مڪمل طور سجاڳ رهي.

## مراقبي جا قسم:

ماورائي دنيا کي ڏسڻ جو عمل شروعاتي ڏاکن ۾ ٽئن طريقن تي قائم آهي.

روح حيواني ٻن نقطن جو مرڪب آهي. هڪڙي نقطي جو نالو نفس آهي. ۽ ٻئي نالي جو نالو قلب آهي. انسان جو شعور جيستائين نفس جي اندر دنيا جو مشاهدو ڪري ٿو. يا دنيا کي ڏسي ٿو اهو زمان ۽ مڪان ۾ پابند رهي ڪري بيداري يا سجاڳي ۾ ڏسي ٿو. ان مان ترقي ڪري ماڻهو جڏهن روح حيواني کان مٿي قلب ۾ ڏسڻ لڳي ٿو تڏهن ٽائم ۽ اسپيس جي گرفت ٽٽڻ لڳندي آهي. پوءِ غيب جي دنيا ۽ مادي دنيا هڪ ئي وقت نگاهن اڳيان اچي وڃن ٿيون. لطيفو نفسي ۽ لطيفو قلبي جي انهن ٻنهي چاڙهين تان گذري جڏهن

ماڻهو ٽين چاڙهي تي قدم رکي ٿو مطلب ته لطيفه روحي ۾ ڏسڻ لڳي ٿو اهو ڏسڻ مراقبي ۾ ڏسڻ هوندو آهي.

مراقبي جا گهڻا ئي قسم آهن. مراقبي جو هڪڙو قسم هي آهي ته ماڻهو اکيون بند ڪري ويهي رهي ٿو. ان کي ذهني يڪسوئي نصيب ٿي ويندي آهي. ڪا شئي هن جي نظرن جي اڳيان اچي ٿي. پر هو ڏنل شئي کي معنیٰ ۽ مفهوم نٿو ڏئي سگهي. ٻي ڳالهه اها هوندي آهي ته جنهن وقت ڪا شئي نظر ايندي آهي ان وقت شعور ۽ حواس معطل ٿي ويندا آهن. جڏهن هو ان ڪيفيت مان نڪري ٿو تڏهن ان جي ذهن تي اهو تاثر قائم هوندو آهي ته ان ڪا شئي ڏٺي آهي. ڇا ڏٺو آهي، ڪهڙي طرح ڏٺو آهي. هي ڳالهه ان جي يادداشت ۾ ڪنهن به طرح نقش ناهي ٿيندي. ان کي روحانيت ۾ ”بيداري ۾ خواب ڏسڻ“ چئبو آهي. بيداري ۾ خواب ڏسڻ جو اصطلاحي نالو ”غنود“ آهي. ان کان پوءِ ٻيو اسٽيج اچي ٿو. ماڻهو مراقبي ۾ هوش ۽ حواس کي قائم رکندي ڪا شئي ڏٺي. هن کي هڪ جهٽڪو لڳو، هيءَ ڳالهه ذهن ۾ آئي ته منهنجو وجود موجود آهي. وجود جي موجودگي سان گڏوگڏ ڏنل شئي ڪجهه ياد رهي، ڪجهه ويسر ۾ رهي. هن ڪيفت کي روحاني اصطلاح ۾ ”ورود“ چيو ويندو آهي. بيداري جي حواس ۾ هن نموني ڪنهن شئي کي ڏسڻ جي جيڪا يادگيري ۾ هجي ۽ ان جي معنیٰ ۽ مفهوم به ذهن نشين ٿي وڃي. جسماني وجود جو احساس به باقي رهي. ٽائيم ۽ اسپيس جي گرفت به ٽٽي وڃي، هن ڪيفيت جو نالو مراقبو آهي.

## زندگي هڪ اطلاع آهي:

عام مشاهدي جي ڳالهه سان زندگي گذارڻ جا جيڪي طريقا موجود آهن يا هر ماڻهو زندگي جي جن طرزن ۾ سفر ڪري ٿو اهي به آهن اهڙي طرح ماڻهو شعوري حوا ۾ زندگيءَ جون سموريون تقاضائون پوريون ڪري ٿو پر گڏوگڏ هر تقاضا يا گهرج پوري ڪرڻ لاءِ جسماني طور تي محنت ۽ جدوجهد ڪري پئي ٿي. جيستائين جسماني عضوا پنهنجو عمل پورو نٿا ڪن تيستائين تقاضا مڪمل نٿي ٿئي. جسماني عضون جو مطلب هٿ پير ڪن نڪ ۽ اکيون وغيره آهن. پر ان سان گڏوگڏ اسان ان ڳالهه کي به نظرانداز نٿا ڪري سگهون ته جسماني عضوا دماغ جي تابع آهن. دماغ جيستائين متحرڪ نٿو ٿئي عضون ۾ حرڪت نٿي اچي. اهڙي طرح دماغ جي حرڪت خيال جي تابع آهي، جيستائين دماغ ۾ ڪو خيال وارد نٿو ٿئي ان وقت تائين دماغ جسماني عضون تي حڪم نٿو هلائي. ڪابه ترغيب (Inspiration) نٿو ڏئي.

خيال ڇا آهي؟ خيال درصل تقاضا کي پورو ڪرڻ جي لاءِ اطلاع آهي. مثال طور دماغ ٻڌائي ٿو هاڻي سمجهڻ گهرجي وڏيڪ اوجاڳو ڪرڻ صحت لاءِ مناسب نه آهي. وري دماغ چوي ٿو هاڻ سجاڳ ٿي گهڻي دير سمهڻ جسماني ڪارڪردگي لاءِ نقصانڪار آهي. دماغ چوي ٿو هاڻ ماني کاءُ ان ڪري جو جيڪڏهن ماني نه کاڌي ته ڪيلوريز Calories ختم ٿي وينديون. اهڙي طرح زندگي جون سموريون تقاضائون پوريون ڪرڻ لاءِ دماغ حڪم احڪام ڪندو رهندو آهي. انهن حڪمن جي پيروي ڪندو رهي ٿو. دماغ جيڪو حڪم ڏئي ٿو ان جو تعلق اطلاع سان آهي. پر دماغ کي ان ڳالهه جو علم نه آهي ته هي اطلاع ڪٿان اچي رهيا آهن. دماغ فقط ان حد تائين باخبر آهي ته ان کي اطلاع ملي ٿو. هو اطلاع ۾ جسماني گهرجن جي تحت معنیٰ ڏئي ٿو ۽ معنیٰ ڏئي جسم جي اندر جيڪا مشين فٽ آهي ان کي اطلاع ڏيندو رهي ٿو مشين ان تي عمل ڪرڻ لاءِ مجبور آهي.

حقيقت هي آهي تہ زندگي تقاضائن جو اصل بنياد اطلاع Information آهي. اطلاع کي معنيٰ ڏيڻ جا ٻہ قسم آهن هڪ طرز ۾ حواس زمان ۽ مکان جا پابند آهن پر ٻي طرز ۾ حواس معنيٰ ڏيڻ ۾ زمان ۽ مکان جي حد بندين کان آزاد آهن.

جهڙي طرح جسماني عضون کي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ جسم جي اندر هڪ دماغ آهي اهو دماغ اطلاع قبول ڪري ان کي معنيٰ ڏئي ٿو. اهڙو روحاني دماغ جن جزن جو مرڪب آهي اهي ترڪيبي جزا زمان ۽ مکان کان آزاد آهن. مثال جسماني دماغ اسان کي اهو اطلاع ڏئي ٿو تہ جسم کي انرجي حاصل ڪرڻ لاءِ ماني کائڻ جي ضرورت آهي. اسين جڏهن ان اطلاع جي تڪميل ڪريون ٿا تڏهن اسان لڳاتار تسلسل سان گڏ ڪيترين ئي حد بندين مان گذرڻو پوي ٿو. مثال طور اسان پهرين ڪڻڪ پوکينداسين، ان جي سارسنڀال ڪنداسين، ان کي تيار ڪري پچڻ لائق بنائينداسين پوءِ لابارو ڪري ڳاهي صاف ڪنداسين، ان ڪانپوءِ چڪيءَ تان پيسائي ڪرائينداسين. اٽو ڳوهي ماني پچائينداسين ۽ پوءِ ماني کائينداسين. هي جسماني دماغ جي اطلاع کي معنيٰ ڏيڻ جو عمل آهي ان جي برعڪس روحاني دماغ اسان کي ڪنهن معنيٰ ڏيڻ جو عمل آهي. ان جي برعڪس روحاني دماغ جڏهن اسان کي ڪنهن شئي کائڻ جو اطلاع فراهم ڪري ٿو تہ اسان انهن سمورين حدبندين مان گذرڻ جي ضرورت پيش نٿي اچي. جئين روحاني دماغ ۾ هي اطلاع اچي ٿو تہ ڪجهہ کائڻ گهرجي. ان سان گڏ اطلاع هي معنيٰ وني ٿو تہ ماني کائڻ گهرجي ۽ فورن ئي ان جي تڪميل ٿي وئي. ڪڻڪ پوکڻ، جهار هڪلڻ، لابرو ڪرڻ، اٽو پيسائي ڪرڻ ۽ ماني پچائڻ سڀ ڳالهيون ختم ٿي ويون.

روحاني دماغ خواب ۾ ڪم ڪري ٿو. مشق کان پوءِ مراقبو ٿي وڃي ٿو. جنهن نموني ڪو ماڻهو روحاني دماغ جو اطلاع قبول ڪري وسيلن جي محتاجي ڪانسواءِ ماني کائي ٿو اهڙي طرح ڪو ماڻهو جيڪو مراقبي جي عمل کان واقف آهي. يا ان جي اندر روحاني دماغ متحرڪ ٿي ويو آهي ان جي اندر زمان ۽ مکان جي گرفت ٽٽي وڃي ٿي. جهڙي طرح بيداري ۾ ماني کائڻ لاءِ مختلف مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو. اهڙي طرح سفر ڪرڻ لاءِ بہ مختلف مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو. مثال طور اسان کي ڪراچي کان لندن وڃڻ لاءِ گهر کان ٽئڪسي يا رڪشي ۾ ويهي ايئرپورٽ پهچنداسين. هوائي جهاز ۾ سوار ٿي فضا مان ٿيندا لندن پهچنداسين. جيڪڏهن اهو سفر اسان مراقبي جي حالت ۾ ڪنداسين تہ بہ ٽئڪسي ۽ رڪشا جي ضرورت پئي ايندي ۽ نہ ئي هوائي جهاز ۾ سوار ٿيڻ جو عمل ٿيندو. مراقبي ۾ انسان خيال جي رفتار سان سفر ڪري ٿو مثال طور ڪراچي ۾ وينل ماڻهو ان ڳالهہ جو ارادو ڪيو تہ مونکي دهلي وڃڻو آهي ۽ اهو سيڪنڊ جي هزارين حصي ۾ اتي پهچي ويو. انجو مثال هر ماڻهو خواب جي ڪيفيت مان گذري ٿو. هڪڙي ماڻهو ڪراچي ۾ خواب ڏٺو تہ هو دهلي ۾ آهي. هو دهلي ۾ خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪيؒ جي مزار تي مراقبو ڪري رهيو آهي. دهلي فضا کان پوري طرح واقف ۽ متاثر آهي. گهر جي ڪنهن ماڻهن پير هلايو، هاڻ هو ڪراچي ۾ آهي.

## مراقبي جا چار ڪلاس:

اسان مراقبي جا چار قسم پيش ڪيا آهن هي چار قسم دراصل ابتدائي ڪلاس يا چار چاڙهيون آهن. انهن چئن ڪلاسن کي پڙهي انهن چئن چاڙهين کان گذري قلندر شعور جو مسافر جڏهن پنجين درجي ۾ داخل ٿئي ٿو تڏهن هو الهامي ڪيفيت ۾ داخل ٿي ويندو آهي. ان ڪيفيت لاءِ اهو ضروري ناهي تہ ڪو ماڻهو اهتمام ڪري ڪنهن جڳهہ ويهي اکيون بند ڪري پنهنجي ارادي يا اختيار سان پنهنجي روحاني جسم کي هڪ شهر کان ٻئي شهر ۾ منتقل ڪري يا زمين کان عرش تي منتقل ٿئي. الهامي ڪيفيت ويني ويني،

هلندي گهمندي ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪنهن نه حالت ۾ طاري ٿي سگهي ٿي. ان ڪيفيت ۾ جيڪڏهن پهريون دماغ جنهن کي اسين بيداري جو دماغ ۽ شعور چئون ٿا. جيڪڏهن قلندر شعور سان وابسته آهي ته ماڻهو بيداري ۾ ڪم ڪار ڪندي نه ٻي دنيا جو نه فقط مشاهدو ڪري ٿو پر ٻي دنيا جي معاملن ۾ دلچسپي به وٺي ٿو. جهڙي نموني بيداري ۾ زندگي گذاري ٿو اهڙي طرح ٻي دنيا ۾ به زندگي سرگرم عمل رهي ٿي. هي اهڙي حالت هوندي آهي جنهن ۾ شعور ۽ لاشعور هڪ ئي وقت ڪم ڪرڻ لڳن ٿا. پر الهامي ڪيفيت ۾ ڪا به ڪيفيت مستقل ناهي هوندي. وقفي سان گهٽ وڌ ٿيندي رهندي آهي. ائين به ٿيندو آهي ته هفتا ۽ مهينا الهامي ڪيفيت نه ٿئي ۽ ائين به ٿي سگهي ٿو چوويهه ڪلاڪن ۾ چوويهه دفعا الهامي ڪيفيت طاري ٿي وڃي. بهرحال هن اطلاع ۾ اهڙي پهرائڻ جو عمل آهي جيڪو شعور ۽ لاشعور ٻنهي ۾ هڪ ئي وقت جاري ۽ ساري آهي.

## پيدا ٿيڻ کان اڳ واري زندگي:

هي ڳالهه ڏيان ڏيڻ جهڙي آهي هن دنيا (عالم ناسوت) ۾ اچڻ کان اڳ ۾ روح ڪٿي موجود هو ان ڪري جڏهن اسين لفظ ”اچڻ“ استعمال ڪريون ٿا تڏهن ان جو مطلب نڪري ٿو ته ڪٿي ڪا شئي موجود آهي جڏهن اها ڳالهه طئي ٿي وڃي ته ڪا شئي ڪٿي موجود آهي. پوءِ اها ڳالهه زير بحث اچي ٿي ته اها شئي ڪهڙي شڪل ۽ ڪهڙي خد ۽ خال ۾ موجود آهي. جڏهن شڪل ۽ خدوخال جو ذڪر ٿئي ٿو ته شڪل ۽ خدوخال جي لاءِ ڪنهن مقام جو تعين به ضروري آهي. جڳهه جي تعين سان گڏوگڏ ٽائيم اسپيس زير بحث اچي وڃي ٿو.

اسين ڄمڻ کان اڳ ڪٿي هئاسين......؟ ان جو آسان جواب هي آهي ته پيدا ٿيڻ کان پهرين سمورا انسان حيوان، عالم ارواح ۾ موجود هئا. عالم ارواح مان منتقل ٿي عالم ناسوت (مادي دنيا) ۾ اچي ويا. پر جڏهن اسين عالم ارواح جو ذڪر ڪنداسين ته اها ڳالهه تشريح طلب ٿي وڃي ٿي ته عالم ارواح ڇا آهي؟ عالم ارواح جو علم اڻ ڪٿ علم آهي. پر الله تعالىٰ جن ماڻهن کي هي علم عطا ڪيو آهي، اهي هن علم کان روشناس آهن ۽ اهو علم هو پنهنجن شاگردن کي منتقل ڪري ڇڏين ٿا.

## لڪل خزانو:

آسماني صحيفن جي نقطه نظر سان جڏهن اسين تخليق ڪائنات تي تفڪر ڪريون ٿا تڏهن اسان کي ان ڳالهه جو علم ٿي وڃي ٿو ته، اسين مخلوق آهيون ۽ الله اسان جو خالق آهي. خالق جڏهن چاهيو ”ڪُن“ فرمايو ته ڪائنات وجود ۾ اچي وئي. سوال اهو آهي ته خالق ڇو چاهيو ۽ خالق جيڪو چاهيو اهو پهرئين کان موجود هو يا نه..؟؟ جيڪڏهن خالق جو چاهڻ موجود هو ته اهو ڪٿي هو ۽ خالق ڪائنات ڇو تخليق ڪئي ....؟ ان جي باري ۾ خالق پاڻ فرمائي ٿو، ”آئون لڪل خزانو هئس، مون مخلوق کي محبت سان ان ڪري پيدا ڪيو ته سڃاتو وڃان....!“

مخلوق جيڪي ڪجهه ۽ جهڙي طرح موجود آهي ان جي موجودگي جي باري ۾ خالق پاڻ ٻڌائي ٿو ته مون مخلوق کي صفتن مان پيدا ڪيو. هي ڳالهه سيئي ڄاڻن ٿا ته ذات کي صفات کان الڳ نٿو ڪري سگهجي. صفات ذات جي اندر موجود هوندي آهي. ۽ صفات سان ئي ذات جو تعلق هوندو آهي.

# لوح محفوظ

سمورن آسماني صحيفن ۽ الهامي ڪتابن ۾ اهي صحيفا ابراهيمي هجن، زبور هجن، انجيل هجي، تورات هجي گيتا هجي يا آخري ڪتاب قرآن هجي. هر ڪتاب ۽ الهامي تحرير اسان کي اهو علم عطا ڪري ٿي تہ زندگي جون تقاضائون، زندگي جا سيئي عمل ۽ زنده رهڻ جون سيئي طرزون، زندگي جون زمانون ۽ لاهيون چاڙهيون "ڪن" سان گڏ هڪڙي سطح تي نقش ٿي ويا.... يعني ڪائنات ۽ ڪائناتي زندگي مڪمل طرزن سان گڏ رڪارڊ جي حيثيت ۾ موجود آهن. جنهن جڳهہ، جنهن سطح تي يا جنهن اسڪرين تي ڪائنات پنهنجي پوري خد وخال سان رڪارڊ آهي يا محفوظ آهي. الهامي ڪتابن ۾ ان کي "لوح محفوظ" جو نالو ڏنو ويو آهي.

زمين جي سطح تي جيڪو ڪجهہ ظاهر ٿي رهيو آهي. دراصل اهو لوح محفوظ تي ٺهيل فلم جو مظهر "Display " ٿي رهيو آهي. سائنسي زبان ۾ هن ڳالهہ کي هيئن چئي سگهجي ٿو تہ هڪ پروجيڪٽر آهي. ان پروجيڪٽر تي هڪ فلم لڳي پئي آهي. اها فلم جڏهن هلي ٿي، تڏهن جتي جتي اسڪرين موجود آهي، اتي اتي هي فلم نظر ايندي رهندي آهي. هن قانون مان اها ڳالهہ معلوم ٿئي ٿي تہ اسان جي ڌرتي وانگي بي شمار ڌرتيون موجود آهن. جهڙي نموني اسان جي ڌرتي تي انسان آباد آهن اهڙي طرح ڪائنات ۾ موجود بي شمار ستارن تي بہ انسان آباد آهن. اتي بہ زندگي گذارڻ جا سمورا وسيلا موجود آهن.

## الله جي تجلي:

پروجيڪٽر تي هڪڙي فلم لڳل آهي. پروجيڪٽر جي فلم ان وقت تائين اسڪرين تي پنهنجا عڪس نٿي ڇڏي جيستائين پروجيڪٽر کي روشني فيڊ Feed نٿي ڪري. لوح محفوظ تي هلڻ واري فلم کي جيڪا روشني متحرڪ ڪري ٿي اها الله جي تجلي آهي. الله تعالىٰ جي ان تجلي جو عڪس سڌو سئون لطيفہ اخفا تي پوي ٿو ان جو مطلب اهو ٿيو تہ جڏهن ڪو ٻانهون پنهنجي اندر موجود لطيفہ اخفىٰ کي ڏسي سگهي ٿو يا پنهنجي اندر موجود لطيفہ اخفىٰ کان واقف ٿي وڃي ٿو ، دراصل اهو الله تعالىٰ جي تجلي جو مشاهدو ڪري وٺي ٿو. هن جي اڳيان اها ڳالهہ اچي وڃي ٿي تہ "ڪن" چوڻ کان اڳ ۾ عالم موجودات جي ڪهڙي حيثيت هئي ۽ "ڪن" چوڻ کان پوءِ ڪائنات جي ڪهڙي حيثيت آهي.

# ڪائنات تي حڪمراني

الله تعالىٰ فرمائي ٿو آئون اوهان جي شهه رڳ کان وڌيڪ ويجهو آهيان. شهه رڳ غيب آهي. انسان جي اندر موجود آهي يعني اسان جي اندر (INNER) ۾ ڪا اهڙي شئي موجود آهي جنهن کي زندگي جو بنياد (BASE) قرار ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن اها شئي انسان جي اندر موجود نه رهي ته زندگي ختم ٿي وڃي ٿي. جڏهن سالڪ پنهنجي رڳ جان جو مشاهدو ڪري ٿو تڏهن الله سان قربت جو احساس ان ۾ جاڳي پوي ٿو. هو پاڻ سان الله جي ويجهڙائپ محسوس ڪري ٿو. الله کي ڄاڻي ٿو وٺي. الله کي سڃاڻڻ لاءِ پهرين پاڻ کي سڃاڻڻ ضروري هوندو آهي. پاڻ کي سڃاڻڻ دراصل ڪائنات جي رمزن کي ڄاڻڻ ۽ سڃاڻڻ آهي. ڪائنات جي رمزن سان واقفيت ڪائنات جي مٿان حڪمراني آهي. ڪائنات تي حڪمران ٻانهو ئي الله تعالىٰ جو نائبُ خليفو آهي.

روحانيت فقط ان عمل جو نالو ناهي ته ڪنهن اسم جو ورد ڪيو وڃي يا محض ذڪر فڪر ۾ ماڻهو زندگي گذاري ڇڏي. روحانيت جو اصل مقصد هي آهي ته انسان پنهنجي ذات (INNER) کان واقف ٿئي.

## روشنيءَ جون چار نهرون:

سائنسي نقطي نگاهه کان ڇهن لطيفن جي تشريح ڪئي وڃي ته هئين چيو ويندو ته ڇهه لطيفه يا ڇهه جنريٽر آهن جن جي اندر گردش ڪندڙ روشنيون، وهم بنجن ٿيون، خيال بنجن ٿيون، تصور بنجن ٿيون ۽ پوءِ شڪل صورت سان منظر بنجن ٿيون. هن ڳالهه جي وڌيڪ وضاحت ڪرڻ لاءِ ضرورت آهي ته اسين هن ڳالهه تي وري روشني وجهون جئين انهن ڇهن نقطن يا ڇهن دائرن يا ڇهه جنريٽرن ۾ جيڪي روشنيون، خيال، تصور ۽ احساس بنجن ٿا، انهن جو ذريعو (SOURCE) ڇا آهي. اهي روشنيون ڪٿان کان اچن ٿيون، ڪهڙي نموني انهن نقطن کي يا انهن روشينن کي دائري ۾ فيڊ ڪن ٿيون. ان کي سمجهڻ لاءِ اسين ڇهن دائرن کي ٻيڻو ڪري ٽن دائرن ۾ ورهائيندا سين. انهن ٽن دائرن يا ڇهن رخن کي چار نوراني نهرون فيڊ ڪن ٿيون.

- روشني جي پهرين نهر : **تطهير**
- روشني جي ٻي نهر : **تشهيد**
- روشني جي ٽين نهر: **تجريد**
- روشني جي چوٿين نهر: **تسويد**

هي ٽي نهرون ۽ هڪ نوراني آبشار پيدا ٿيڻ کان اڳ واري زندگي ۾، پيدائش کان پوءِ واري زندگي، مرڻ کان پوءِ عالم حشر نشر، جنت دوزخ ۽ ازل کان ابد تائين جي پروگرام کي هر لمحي هر گهڙي فيڊ ڪنديون رهن ٿيون. نوراني نهرن جا انوار ۽ روشنيون ئي وهم، خيال، تصور، احساس ۽ مظهر بڻجنديون رهن ٿيون.

غور ڪرڻ جهڙي ڳالهه اها آهي ته دائرا يا جنريٽر ٽي آهن ۽ نهرون چار آهن. هي نهرون ڇا آهن. انهن نهرن جا تخليقي فارمولا ڪهڙي نموني سرگرم عمل آهن. انهن روشنين سان يا انهيءَ انوار سان الله جي ڪهڙين صفتن جو تعلق آهي. اهي ڪهڙا ڪهڙا روحاني علم آهن جيڪي انهن نهرن ۾ ذخيرو ٿيل آهن. هي هڪ اهڙو علم آهي جيڪو ٻانهي کي الله تعالىٰ خود پڙهائي ٿو.

# نيابت ۽ خلافت

قلندر شعور جي تعليم مطابق انسان جي فضيلت ۽ ڪائنات ۾ ٻي مخلوق جي نسبت سان ممتاز ۽ اعلىٰ هجڻ ـ الله تعالىٰ جي ڏنل اختيارن سان انسان منصف ٿيڻ ۽ انسان جي لاءِ ملائڪن جو سجدي ۾ هجڻ، انسان لاءِ ڪائنات جو مسخر ٿيڻ ان ڳالھ جو دليل ڏئي ٿو تہ الله تعالىٰ پنهنجي انهن صفتن جو علم عطا ڪيو آهي. جيڪو ڪائنات ۾ موجود ٻي ڪنهن مخلوق کي حاصل ناهي. هي اهو علم آهي جنهن کي سمجهڻ، پڙهڻ سان ڪو بہ انسان ڪائنات ۾ پنهنجي ممتاز حيثيت کان واقف ٿي وڃي ٿو. هي سچي جو سچو علم ان نظام سان متعلق آهي جنهن نظام جي تحت ڪائنات هلي رهي آهي. هڪڙو صاحب علم ٻانهون ان ڳالھ کان واقف ٿي ويندو آهي. سج ڇا آهي، چنڊ ڇا آهي، ستارا ڇا آهن، فرشتن جي مخلوق ڇا آهي، الله تعالىٰ جنات کي ڪهڙي شڪل ۽ صورت ۾ پيدا ڪيو آهي، جنات جون عادتون ۽ طور طريقا ڪهڙا آهن. هڪڙي نظام ۾ ڪيترا سَيارا ڪم ڪري رهيا آهن، هڪ ڪهڪشان ۾ ڪيترا نظام شمسي متحرڪ آهن.

اهو ماڻهو جيڪو الله جي علم جو امين آهي اهو ڄاڻي وني ٿو تہ الله جي تخليق ۾ الله جون صفتون ۽ الله جي مشيت جو ڪهڙي طرح عمل دخل آهي. ان جي علم ۾ هي ڳالھ بہ هوندي آهي تہ ماڻهو مرڻ کان پهرين عالم ناسوت جي زندگي ڪهڙن تخليقي فارمولن تي گزاري ٿو. هو اهو بہ ڄاڻي ٿو تہ پيدائش کان پهرين ماڻهو ڪٿي هو. ڄمڻ کان پهرين آدم جو اولاد جتي هو ان کان پهريائين جو عالم ڪهڙو آهي ...؟ ان عالم جو نالو "برزخ" آهي. برزخ کان اڳ ۾ ڪهڙو عالم آهي. برزخ کان اڳ جي عالم جو نالو جيڪو آهي عالم "ارواح" آهي. عالم ارواح کان بہ پهرين ڪهڙو عالم آهي. عالم ارواح ۾ ڪائنات جي ساخت ڪهڙي آهي. عالم ارواح کان اڳ ڪهڙي نموني وجود پزير آهي. "ڪن" کان پوءِ ڪائنات ۽ ڪائنات جا افراد نوعي اعتبار کان ڪهڙي قسم جا حواس ڪهڙي قسم جو ادراڪ رکن ٿا. "ڪن" کان پهرين ڪائنات جي فردن جي ڪهڙي حيثيت هئي. اها ڳالھ بہ ان جي علم ۾ هوندي آهي تہ پيدائش کان پوءِ قيامت تائين جي زندگي ڪهڙن ضابطن تي قائم آهي. هن کي اها بہ خبر آهي تہ هڪ وجود مٿان روشنين جا ڪيترا غلاف چڙهيل آهن.

الله تعالىٰ جي ان علم جي نتيجي ۾ ان جي مشاهدي ۾ اها ڳالھ بہ اچي وڃي ٿي تہ روشنين جي وجود جي مٿان نور جا ڪيترا غلاف آهن. نور ۽ تجلي ۾ ڪهڙو فرق آهي. تجلي ۽ تدّلىٰ ڇا آهي. هي سمورا علم هن کي ان وقت حاصل ٿين ٿا جڏهن هو ان علم کان واقف ٿي وڃي ٿو. جنهن علم کي الله تعالىٰ پنهنجي امانت قرار ڏنو آهي. جنهن جي ڪري انسان الله جو نائب ۽ خليفو آهي. نيابت ۽ خلافت جو مفهوم اهو آهي تہ جيڪو جنهن جو نائب هوندو آهي ان جا اختيار ان کي حاصل هوندا آهن. الله خالق آهي. الله جا پنهنجا ذاتي اختيار تخليقي آهن. انسان جڏهن زمين تي الله جو نائب بنايو ويو تڏهن ان کي بہ الله جا تخليقي اختيار منتقل ٿي ويا. انهن ئي تخليقي اختيارن کي نافذ ڪرڻ وارن ٻانهن جي گروھ کي "اهل تڪوين" چيو وڃي ٿو.

## آدم ۽ ملائڪ:

الله تعالىٰ آدم کي علم الاسماء سيکاريو. يعني پنهنجي صفتن جي حقيقت کان آدم کي آشنا ڪري ڇڏيو. ملائڪن کان پڇيو ته جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ته بيان ڪريو. ملائڪن ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو ته اسين فقط ان حد تائين ڄاڻون ٿا جيڪو توهان اسان کي ٻڌائي ڇڏيو آهي. يعني آدم جي حيثيت علمي اعتبار کان ملائڪن کان وڌيڪ آهي. الله ۽ ملائڪن جي هن علم ۽ ڄاڻ جي ڳالهه ٻولهه ۾ ٽي هستيون موجود آهن. هڪ آدم، هڪ ملائڪ ۽ ٽين هستي خود الله جي ذات آهي. آدم الله کي به ڏسي رهيو آهي. ان جي اڳيان ملائڪ به آهن. هو ان ڳالهه کان به واقف آهي ته جيڪو علم الله مون کي عطا ڪيو آهي، اهو ملائڪ نٿا ڄاڻن. نه صرف ته اهو ته ملائڪ اهو علم نٿا ڄاڻن، پر هو ان ڳالهه جو به اعتراف ڪن ٿا. علم جي ان حيثيت ۾ جيڪا توهان آدم کي عطا ڪئي آهي. اسان آدم کان گهٽ آهيون. جنهن عالم ۾ هي گفتگو ٿي رهي آهي. ان عالم کي غيب جي دنيا کان سواءِ ڪو ٻيو نالو نٿو ڏئي سگهجي. ان ڪري جو ملائڪ غيب جي دنيا جي مخلوق آهن. الله تعالىٰ جي ذات غيب آهي. ثابت ٿيو ته آدم غيب ۾ نگاهه رکي ٿو. ان جي اندر غيب کي ڏسڻ، سمجهڻ، ٻڌڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي.

الله جي ذات جيئن ته لامحدود آهي. ان ڪري الله جي صفتن جو علم به لامحدود آهي. يعني آدم کي الله تعالىٰ جيڪو علم عطا ڪيو آهي اهو به لامحدود آهي. هي علم سمنڊ آهي، جنهن جو ڪو به ڪنارو ناهي. جڏهن آدم جي حيثيت ملائڪن کان افضل قرار ڏني وئي تڏهن ڪائنات ۾ موجود سموري نوع ۽ موجودات کان آدم افضل ٿي ويو. ان ڪري جو آدم وٽ اڻ ڪٿ صفاتي علم آهي. الله جون صفتون ڇا آهن...؟ الله بحيثيت ذات خالق آهي. ۽ الله جون سموريون صفتون بحيثيت خالق ڪائنات جي تخليقي عنصر ۽ تخليقي فارمولا آهن. اِهائي امانت آهي جيڪا آدم کي الله تعالىٰ پنهنجي رحمت خاص سان عطا فرمائي آهي.

آدم ۽ الله جي ڳالهه ٻول ۾ جيڪڏهن تفڪر ڪيو وڃي ته هي ڳالهه اڳيان اچي ٿي ته نوع انساني کانسواءِ ٻيون به مخلوق آهن جن مان هڪڙي جو نالو ملائڪ آهي ۽ ٻي مخلوق جو نالو جنات آهي. اسين نه جنات کي ڏسي سگهون ٿا ۽ نه ئي ملائڪ کي ڏسي سگهون ٿا. جنات ۽ ملائڪن جي دنيا کان اسان ان ڪري متعارف نه آهيون جو اسين ان امانت کان بي خبر آهيون جيڪا الله تعالىٰ پنهنجي رحمت خاص سان اسان کي عطا فرمائي آهي.

## دوربين اک:

هي ڳالهه روزمره ۾ اسان جي مشاهدي ۾ ايندي آهي. اسان جي نظر هڪ متعين حد ۾ ڪم ڪري ٿي. پر جيڪڏهن نظر جي متعين ڪيل حدن ۾ اضافو ڪري ڇڏجي ته نظر عام حالت ۾ جيترو ڏسي ٿي ان کان وڌيڪ فاصلي تي ڏسي سگهجي ٿو. مثال طور اسان اکين تي دوربين لڳايون ٿا. دوربين جي اندر لڳل شيشا (Lenses) هوندا آهن. اهي ان پري ڏسڻ (Wave Length) کي جيڪي نظر جي لاءِ ڏسڻ جو سبب بنجن ٿا. اکين جي اڳيان ڪٺي اچن ٿا. هاڻي اسين ميلن جي فاصلي واري شئي ڏسي سگهون ٿا. ڪنهن ماڻهو جي نظر ڪمزور آهي سامهون واري شئي نظر نٿي اچي. چشمو لڳائڻ سان هو پري تائين ڏسڻ لڳي ٿو. ان مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته شيشي جي اندر اهڙي صلاحيت آهي. توهان ان جي طاقت وڌائي ڇڏيو ته نظر پري پري تائين ڪم ڪرڻ لڳندي. جڏهن توهان شيشي جي اندران ميلن تائين ڏسو ٿا تڏهن ان اک سان جنهن اک فرشتن کي ڏٺو آهي ۽ الله کي ڏٺو آهي، غيب جي دنيا ۾ ڇو نٿي ڏسي سگهي.

اهو نہ سمجهيو وڃي تہ آدم ڪا اهڙي شئي آهي. جنهن جي اندر خاص صلاحيتون ڪم ڪن ٿيون ۽ آدم جو اولاد ڪا اهڙي شئي آهي جنهن ۾ اهي صلاحيتون ڪم نٿيون ڪن.

## گوشت پوست جو وجود:

آدم ۽ حوّا جي اولاد ۾ هر فرد دراصل آدم ۽ حوا جو عڪس، تمثيل ۽ تصوير آهي. جنهن طرح آدم ۾ علم الاسماء جي صلاحيت موجود هئي. اهڙي طرح هر فرد ۾ اها صلاحيت الله جي پاران عطا ڪيل آهي. اسين ٻڌائي چڪا آهيون تہ اصل انسان روح آهي. انسان جي زندگي جون سيئي گهرجون روح ڪان منتقل ٿين ٿيون. جيستائين هن گوشت پوست جي جسم کي روح زنده ۽ متحرڪ رکي ٿو هن گوشت پوست جي جسم ۾ چرپر رهي ٿي. جڏهن روح ان گوشت پوست جي جسم سان پنهنجو ناتو ٽوڙي ٿو تڏهن ان گوشت جي لوٿڙي واري جسم ۾ ڪا بہ چُرپر ۽ حرڪت باقي نٿي رهي. هي روح اهو ئي روح آهي جنهن کي الله پنهنجي نيابت ڏني هئي. آدم جنت ۾ جڏهن الله جي حڪم جي انحرافي ڪئي، ان وقت روح مٿان هڪ پردو اچي ويو. اها امانت جنهن جي بنياد تي ڪائنات ۾ اشرف هو، اهو پردي پويان هليو ويو. اهوئي پردو جسماني گوشت پوست آهي.

جيستائين ڪنهن بہ آدم زاد جون دلچسپيون ان جي جسم سان وابستہ رهن ٿيون روحاني صلاحيتون لڪل رهن ٿيون. جڏهن ڪنهن آدم زاد کي ان ڳالهہ جو علم ٿي وڃي ٿو تہ گوشت پوست جو جسم دراصل نافرماني ڪرڻ جي جرم ۾ هڪ پردو آهي. تڏهن ان جو ذهن حقيقت جي ڳولا ۾ مصروف ٿي وڃي ٿو. اها ڳولا هن کي انهيءَ امانت ڪان باخبر ڪري ڇڏي ٿي جنهن امانت جي ڪري ڪائنات جي مٿان انسان کي شرف حاصل آهي.

ڪنهن علم کي سکڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ اسين ڪنهن استاد کي پنهنجو رهنما بنايون. جهڙي طرح استاد پڙهائي، بنا ڪنهن ڪچڻ پچڻ جي ذهني طور تي ان کي قبول ڪريون. جڏهن شاگرد ٿئي ٿو تہ استاد شاگرد کي چوي ٿو پڙهہ "الف" ... شاگرد ڪجهہ نٿو ڄاڻي "الف" ڇا آهي. هو پنهنجي استاد جو نقل ڪري چوي ٿو. "الف"...! ۽ آهستي آهستي استاد جو نقل ڪندي هو علم سکي وڃي ٿو. پر جيڪڏهن شاگرد پهرين قدم تي استاد کي اهو چوي تہ "الف" ڇا آهي...؟ تہ پوءِ علم حاصل نٿو ڪري سگهي. ان ڪري جو جنهن وقت استاد شاگرد کي چوي ٿو پڙهہ "الف" ... ان جي ذهني قوت ايتري ئي هوندي آهي جو هو جواب ۾ چوي "الف"... اسين ڪيترا بہ پڙهي لکي فاضل ٿي وڃون، ڪيتريون ڊگريون حاصل ڪري وٺون. امانت ۽ روحانيت جي لاءِ اسان جي پوزيشن هڪ اهڙي شاگرد واري آهي جيڪو پهريون پيرو اسڪول ۾ داخل ٿيندو آهي.

## الله سائين جو جيل:

ماڻهو جڏهن نيابت ۽ خلافت جي منزل ڏانهن قدم وڌائي ٿو. تڏهن ان مٿان فرسودگي جي گرفت ٽٽي وڃي ٿي. خالق ڪائنات جيئن تہ هر شئي ڪان بي نياز ۽ هر قسم جي حالتن ڪان ماورا آهي. ان ڪري ڪنهن ماڻهو جي اندر جڏهن ڪائنات جي خلقيندڙ جون صفتون پاسو بدلائين ٿيون تڏهن ان مٿان اهي ئي ڪيفيتون وارد ٿين ٿيون جيڪي الله جي صفتن جي تقاضا آهي. آدم کي الله تعالىٰ پنهنجي انعام ۽ اڪرام سان نوازي جنت ۾ رکيو ۽ فرمايو. "اي آدم...! تون ۽ تنهنجي زال جنت ۾ رهو. جتان اوهان جي دل چاهي خوش ٿي کائو پيئو پر ان وڻ جي ويجهو نہ وڃجو نہ تہ توهان جو ڳاڻيٽو اهڙن ماڻهن ۾ ٿيندو جيڪي پنهنجو پاڻ تي

ظلم ڪن ٿا ... آدم کان صبر نہ ٿي سگھيو ۽ هو الله جي نافرماني جو مرتڪب ٿي ويو. جيئن ئي آدم نافرماني جو مرتڪب ٿيو روشني جي جڳهہ اونداهي وٺي ڇڏي. خوشي جي جاءِ تي غم ڇانئجي ويو. آزادي جي جڳهہ تي قيد بند ۾ بدلجي وئي. آدم نهايت حسرت سان جنت ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويو. باوجود ان جي آدم الله جي نافرماني ڪئي ۽ جنت جي نعمتن کان ان ڪفران ڪيو. الله تعالیٰ پنهنجي رحيمي ۽ ڪريمي جي صفتن سان وري آدم تي مهربان ٿيو. تسخر ڪائنات جي متعلق الله تعالیٰ جيڪي خزانا عطا فرمايا هئا، آدم کي انهن کان محروم نہ ڪيو ۽ چيو ــــ

”تنهنجو وطن جنت آهي. تون چاهين تہ پنهنجي وطن ۾ واپس اچي سگهين ٿو. تو کي فقط اهو ڪرڻو آهي تہ نافرماني جي دائري مان ٻاهر نڪري اچ. اسين پنهنجا منتخب ماڻهو موڪليون ٿا. اهي تو کي متوجهہ ڪندا رهندا تہ تون عظيم خزاني جو مالڪ آهين. اسان جا پاڪيزه بنده ان رستي تي هلڻ جي لاءِ تنهنجي لاءِ قائدا ۽ ضابطا ناهيندا تہ جيئن تون آساني سان پنهنجي وطن ۾ داخل ٿي سگهين ۽ هي جيڪا جنت جي خلاف تون اسفل سافلين جي زندگي گذاري رهيو آهين هي تنهنجي لاءِ جيل گهر آهي. جيڪڏهن تون هن زندگي ۾ پنهنجي ۽ جنت جي وچ ۾ پردي کي نہ هٽائين تہ جنت تو کي واپس نہ ملي سگهندي.“

قدرت پنهنجو ڪيل واعدو پورو ڪيو. ظالم، سرڪش، نافرمان نوع انسان جي هدايت لاءِ هڪ لک چوويهہ هزار نبي موڪليا ۽ پنهنجي سنت قائم رکڻ جي لاءِ پيغمبرن جي وارث اولياء الله جو سلسلو قائم رکيو. اهڙو سلسلو جيڪو قيامت تائين جاري رهندو.

هر ماڻهو جيڪو ٿورڙو بہ شعور رکي ٿو هر وقت ان ڳالهہ جو مشاهدو ڪري ٿو تہ زندگي جو هر پل مري رهيو آهي. هڪڙو پل مري ٿو تہ ٻيو جنم وٺي ٿو. اهڙي نموني ڏينهن مري ٿو تہ رات پيدا ٿئي ٿي. ٻالڪپڻو مري ٿو تہ جواني پيدا ٿئي ٿي ۽ جواني مري ٿي تہ پوڙهائپ پيدا ٿئي ٿي ۽ پوڙهائپ مري ٿي تہ خوبصورت مورتي جو هڪڙو هڪڙو عضوو مٽي ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.

هڏيون جنهن مٿان انساني ڍانچي جو دارومدار آهي رک بڻجي وڃن ٿيون. دماغ جنهن تي انسان جي عظمت جو دارومدار آهي جنهن دماغ تي انسان نٽ نانگر ڪري ٿو، ٻين مٿان ظلم ڪري ٿو، پاڻ کي خدا چوڻ لڳي ٿو، ان کي بہ مٽي کائي وڃي ٿي. مٽيءَ ذرڙن مان نهيل ان جهڙا ٻيان انسان ان دماغ کي پنهنجي پيرن هينان لتاڙيندا رهن ٿا.

# روحاني بغدادي قائدو

ڪنهن علم کي سکڻ جي لاءِ ان جي الف ب کان واقف هجڻ ضروري آهي. ڪو به ماڻهو جڏهن الف بي جو قائدو نٿو پڙهي سگهي، لکڻ پڙهڻ جي لائق نٿو ٿي سگهي. جهڙي طرح ظاهري علم پڙهڻ لاءِ قائدو پڙهڻ ضروري هوندو آهي. اهڙي طرح روحاني علم سکڻ جي لاءِ به قائدو پڙهڻ ضروري هوندو آهي. فرق فقط اهو آهي ته ظاهري علم سکڻ جي لاءِ الف بي پڙهڻ ضروري آهي. علم باطني سکڻ لاءِ ”طرز فڪر“ کي تبديل ڪرڻ ضروري هوندو آهي.

روحانيت سکڻ لاءِ ظاهري علم وانگي ڪو بغدادي قائدو اجان تائين ناهي ڇپيو ويو. هي هڪ اهڙو علم آهي جيڪو قائدن ۽ ضابطن تي مشتمل آهي. جيئن ته علم ظاهري وانگي زباني ياد ڪرڻ، رٽڻ يا قلم سان ڪاغذ تي مشق پرڻ سان حاصل نٿو ٿئي. ان جو آسان مثال ٻار جي اندر ماءُ جي ٻولي جو منتقل ٿيڻ هوندو آهي. ڪا به ماءُ ٻار کي ٻولي سيکارڻ لاءِ الف بي جي پٽي نٿي پڙهائي. پر ٻار جي اندر از خود اها طرز فڪر منتقل ٿيندي رهندي آهي جيڪا هن جي ماءُ پيءُ جي طرز فڪر آهي. ان جو مثال هيئن آهي ته ٻڪري جو ٻچو گاهه کائي ٿو. گوشت نٿو کائي. شينهن جو ٻچو گوشت کائي ٿو، گاهه نٿو کائي. ڪبوتر جو ٻچو گاهه نٿو کائي نه وري گوشت، داڻو چُڱي ٿو. ماڻهو جو ٻچو گاهه به کائي ٿو، مٽي به کائي ٿو، پاڙون به کائي ٿو ٿڙ به کائي ٿو، پتر به کائي ٿو. ماڻهو جو ٻچو هي سيئي شيون ان ڪري کائي ٿو جو ان جي ماءُ پيءُ جي غذا ۾ شامل آهن. ماڻهو وانگي جيڪڏهن شينهن به سڀ شيون کائي ته ان جي ٻچن جي به اها خوراڪ هجي ها. ڪائڻ پيئڻ، شڪار ڪرڻ ۽ زندگي جا ٻيا عمل ٻار جي اندر ماءُ پيءُ مان منتقل ٿيندا آهن. يعني انهن سيني شين کي سکڻ لاءِ ڪنهن ابتدائي ڪتاب يا قائدي جي ضرورت نه هوندي آهي.

هي ڳالهه به ڏيان ڏيڻ جهڙي آهي ته هر مخلوق کي پنهنجي زبان ۽ ٻولي آهي. هڪبئي کي پنهنجي زبان ۾ جذبن ۽ احساسن کان آگاهه ڪندا رهن ٿا. ڪڪڙ کي جڏهن خطرو ٿيندو آهي ته ان جا ٻچا سرڻ ڪٺي ويندي تڏهن هو هڪ خاص آواز ڪيندي آهي. ۽ سمورا ٻچا ان جي پرن ۾ لڪي ويندا آهن. اندازو آهي ته اهڙي نموني هر نوع کي پنهنجي پنهنجي ٻولي آهي ۽ اها ٻولي ان نسل ۾ رائج آهي. پر ان سان گڏوگڏ ان ڳالهه ٻولهه جو هڪ انداز ٻيو به آهي جنهن سان هر شخص يا فرد ڪنهن نه ڪنهن وقت لاڳاپيل هوندو. ان ڳالهه ٻولهه کان هر ڪو واقفڪار آهي. اها آهي اشارن جي زبان. هڪ پيءُ پنهنجي پٽ کي ڪا ڳالهه مڃائڻ چاهيندو آهي ته اک جي هڪ خاص انداز سان ڏسڻ يا گهورڻ سان ٻار اها سمجهي ويندو آهي. ماءُ ٻار جي روئڻ مان سمجهي ويندي آهي ته هاڻ ٻار بک سبب روئي رهيو آهي يا هو ڪنهن تڪليف سبب روئي پيو. ان جا ٻيا به ڪيترائي مثال آهن.

توهان پنهنجي دوستن سان گڏ ڪمري ۾ وينا آهيو. اتي اهڙي قسم جو ماحول آهي يا اهڙي ڳالهه ٻولهه ٿي رهي آهي جنهن جي باري ۾ اوهان جو خيال اهو آهي ته ٻار هي ڳالهه ٻولهه نه ٻڌن يا ٻار جو هن ماحول ۾ موجود هئڻ مناسب نه آهي. جيئن ئي ٻار ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو. توهان ان ڏانهن نهاريو ٿا. ذهن ۾ اها ڳالهه

هوندي آهي تہ تون هتي نہ اچ ـــــ ! توهان نہ کنڌ ڦيريو ٿا ـــــ نہ ڳالهايو ٿا ۽ نہ ئي کو اشارو ڪريو ٿا. پر توهان جي دماغ ۾ موجود خيال ڪان ٻار واقف ٿي ويندو آهي. ٻار چڱي طرح اوهان جي ڳالهہ مجي ڪمري مان هليو ويندو آهي ۽ واپس ناهي ايندو.

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ توهان جو ڪو عزيز پري رهندڙ آهي، هو ڪنهن پريشاني ۾ مبتلا آهي ۽ توهان پريشان ٿي ويندا آهيو. پوءِ سموريون پريشانيون حقيقت جو روپ ڌاري اڳيان اچي وڃن ٿيون. ڪڏهن هي خيال ذهن ۾ ايندو آهي تہ فلاڻي دوست سان ملاقات ناهي ٿي. توهان ٻاهر نڪرندا آهيو تہ دوست سان ملاقات ٿي ويندي آهي. ويني ويني اوچتو ڪنهن حادثي متعلق هڪ فلم ذهن ۾ متحرڪ ٿي ويندي آهي. هن فلم جي محرڪ ٿيڻ سان دماغ تي ايترو وزن ۽ دٻاءُ پئجي ويندو آهي جو اعصاب ٽٽندي محسوس ٿيندا آهن. ماڻهو ٿڪل ۽ ساڻو ٿي ويندو آهي. ائين بہ ٿيندو آهي تہ بنا ڪنهن سبب ۽ بنا ڪنهن وجهہ جي دماغ ۾ مڪڙيون ڦٽي پون ٿيون ۽ ماڻهو خوشي ۾ بهار بهار ٿي ويندو آهي. ظاهري طور تي خوش ٿيڻ جي ڪا بہ وجهہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندي آهي پر خوشي جي تاثرات کي هو نظرانداز ڪري نٿو سگهي.

## رُوح ۽ ڪمپيوٽر:

اڪثر اسان جي اڳيان اها ڳالهہ اچي ٿي تہ انسان جي اندر ڪو ڪمپيوٽر نصب ٿيل آهي. جيڪو ان جي زندگي جي مختلف مرحلن مان گذارڻ جون هدايتون ڏيندو رهي ٿو. ڪڏهن هو اهڙي هدايت ڏئي ٿو، ماڻهو غمگين ٿي ويندو آهي. ڪڏهن اهڙو اطلاع ڏيندو آهي جو ماڻهو خوش ٿي ويندو آهي. ڪڏهن ان کي پاڻي پيئڻ جو اطلاع ڏنو وڃي ٿو. ڪڏهن ڪاڌو کائڻ جو. ڪڏهن ڪمپيوٽر ان کي اطلاع ڏئي ٿو هاڻي اعصابن ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي صلاحيت موجود ناهي رهي ان ڪري سمهي رهو. پوءِ اهو اطلاع ملي ٿو هاڻ وڌيڪ ڪٽ تي ليٽيو رهڻ ۽ شعوري حواس ۾ دخل نہ ڏيڻ سان اعصاب ناڪاره ٿي ويندا. ماڻهو ان اطلاع کي قبول ڪري سجاڳ ٿي ويندو آهي. جيستائين دماغ ۾ لڳل ڪمپيوٽر ڪو بہ اطلاع نٿو ڏئي، ماڻهو يا ڪو بہ ساهہ وارو ڪو بہ ڪم نٿو ڪري سگهي. ان ۾ انسان رڍ، ٻڪري، ڪو بہ جانور، نباتات وغيره جي ڪا بہ مداخلت نہ رکي. سيني جي اندر هي اطلاع ڏيڻ واري مشين نصب آهي. هي مشين اهي ئي اطلاع فراهم ڪري ٿي جنهن جي ضرورت هوندي آهي.

هي ڪمپيوٽر ماڻهو جو روح آهي. موجودات ۾ جيترا بہ ذي روح ۽ غير ذي روح آهي انهن سيني ۾ هڪڙي ئي نموني جو ڪمپيوٽر لڳل آهي. ڪا بي مخلوق ان ڪمپيوٽر ڪان واقف نہ آهي. الله تعالىٰ فقط انسان کي ان ڪمپيوٽر جو علم سيکاريو آهي. هي اهو علم آهي جنهن کي آدم ۽ فرشتن جي قصن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. الله تعالىٰ فرمائي ٿو، ”آئون زمين تي پنهنجو نائب ناهڻ وارو آهيان . . . .!“ ملائڪن چيو ـ ”هي تہ فساد پکڙيندو ۽ اسين توهان جي تسبيح ۽ تقدس جي لاءِ ڪافي آهيون ـــ“ الله تعالىٰ فرمايو ـــ ”اسين جيڪو ڄاڻون ٿا اهو توهين نٿا ڄاڻو ـــــ“ ملائڪن کي اها ڳالهہ سمجهائڻ لاءِ آدم کي علم الاسماء سيکاريو ويو. ۽ آدم کي چيو ـــ ”هن علم کي ظاهر ڪريو ـــ“ ۽ ملائڪن کي فرمايو ـــ ”جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ هن علم جي باري ۾ ٻڌايو.“ ملائڪن عرض ڪيو، ”اسين تہ فقط اهو ئي ڄاڻون جيڪو اسان کي سيکاريو آهي.“

آدم جو اولاد آدم آهي ۽ آدم جو اولاد بحيثيت آدم جي ان ڳالهہ جو مشاهدو ڪري ٿو جن مشاهدن مان آدم گذريو آهي. جيڪڏهن ڪو آدم زاد ان ڳالهہ جو مشاهدو نہ ڪري سگهي جنهن حالت جو مشاهدو آدم ڪيو

آهي، يعني خود کي فرشتا سجدو ڪندي ڏسڻ ـ الله ۽ فرشتن جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿيڻ، الله تعالىٰ جو اهو چوڻ تہ اسان آدم کي پنهنجي صفتن جو علم سيکاريو آهي. ۽ فرشتن جو اهو چوڻ تہ اسين فقط ان حد تائين واقف آهيون جنهن حد تائين توهان اسان کي علم عطا ڪيو آهي تہ هو هرگز آدم جو اولاد سڏائڻ جو مستحق ناهي. ان جي حيثيت ان آدم جي ناهي جنهن آدم جي باري ۾ الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ هي منهنجو نائب ۽ خليفو آهي.

هن گفتگو مان اهو ظاهر ٿيو تہ آدم جو اولاد جيڪڏهن ازل ۾ ڏنل نيابت کان واقف ناهي ۽ انهن واقعن کي جيڪڏهن هن دنيائي زندگي ۾ ناهي ڏٺو تہ اهو آدم جو باسعادت اولاد نہ آهي. فقط هڪ شڪل ۽ صورت جي بنياد تي ان کي آدم جو اولاد چيو وڃي ٿو ۽ هن کان وڌيڪ ان جي ڪا بہ اهميت نہ آهي. جيڪڏهن ڪو ٻانهو الله جي اسمن جو علم نٿو ڄاڻي تہ هو الله جو نائب ناهي. آدم جي اولاد کي ٻي مخلوق تي شرف ان ڪري حاصل آهي تہ هو اسماءِ الاهي جو علم رکي ٿو.

# سائنس ۽ خرق عادات

خرق عادات جي سلسلي ۾ سائنسي نقطئہ نگاهہ کان جيڪا ڪوشش ڪئي وئي آهي ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ انسان پنهنجي ذاتي ڪوششن سان ۽ مقرر مشقن جي ذريعي پنهنجي اندر ماورائي صلاحيتن کي بيدار ڪري سگهي ٿو. ٽيلي پيٿي ۽ هيپناٽزم جي سلسلي ۾ يورپ ۽ خاص ڪري روس ۾ جيڪا پيش رفت ٿي آهي ان جي پيش نظر جيڪڏهن فقط عبادت ۽ رياضت کي ماورائي علم جي حاصل ڪرڻ جو ذريعو سمجهيو وڃي تہ اها ڳالهہ ڪو بہ وزن نٿي رکي ڇو تہ اهي قومون جن جو مذهب تي ڪو بہ عقيدو نہ آهي. اهي ماورائي علم حاصل ڪرڻ ۾ قابلِ ذڪر حد تائين ترقي ڪري چڪيون آهن.

روحانيت ۾ هڪڙو ذڪر ٿيندو آهي تہ تصّرف ڪرڻ يعني شيخ يا پيرو مرشد يا گُرو پنهنجي مريد يا روحاني فرزند تي توجهہ ڪري ان جي اندر ڪجهہ روحاني تبديليون پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. هي تصّرف اڄ ڪلهہ جي دنيا ۾ هڪ سائنسدان بہ ڪري وٺي ٿو. هو ٽيلي پيٿي جي ذريعي پنهنجي مرضي ۽ منشا مطابق ماڻهن کي متاثر ڪري هو ڪم وٺڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿو جيڪو ان وقت هن جي ذهن ۾ هوندو آهي. اها ڳالهہ بہ اسان جي اڳيان اچي چڪي آهي تہ سائنسدانن خلا ۾ چهل قدمي جي دعوا ڪئي آهي.

روحانيت ۾ هڪ اصطلاح استعمال ٿيندو آهي، ”اندر ۾ ڏسڻ“ يعني اندر جي اک سان ان سياري کان ٻاهر جي دنيا جو مشاهدو ڪرڻ آهي.

ماڻهو جي اندر اهڙيون صلاحيتون بيدار ٿي وڃن ٿيون جن صلاحيتن جي بنياد تي هو اهڙي علم جو اظهار ڪري ٿو جيڪو علم ڪتابن ۾ نٿو ملي. سائنس هن طرف ڪافي پيش رفت ڪئي آهي. اهڙي علم جو اظهار تي چڪو آهي جنهن تي شروع ۾ انساني شعور يقين نہ ڪيو. پر اهي شيون وجود ۾ آيون ۽ انسان انهن تي يقين ڪرڻ تي مجبور ٿي ويو. انهن حالتن ۾ روحانيت جا اصطلاح ”توجهہ“، ”تصّرف“ باطني نگاهہ جو ڪلڻ، زمان ۽ مڪان کان آزادي“ هڪ معمو بڻجي پيا آهن. اڄ تائين اهو سمجهيو پئي ويو ماورائي نظر جو متحرڪ ٿيڻ فقط ذڪر فڪر سان ممڪن آهي. موجوده سائنسي دور ۾ اهو سمجهڻ تمام ضروري ٿي ويو آهي جڏهن اهڙا ماڻهو جيڪي مذهب تي عقيدو نٿا رکن، تصّرف ڪري سگهن ٿا. انهن ۾ باطني نگاهہ بيدار ٿي سگهي ٿي. هو علم ۾ نوان نوان تجربا ڪري سگهن ٿا. خلا ۾ چهل قدمي ڪري سگهن ٿا تہ پوءِ هي روحانيت ڇا آهي ...؟

روحانيت سان گڏ مذهب جو ذڪر اچي ٿو. مذهب جا بنياد انهن ئي اصولن تي رکيل آهن. ماڻهو مذهبي فرض پورا ڪرڻ کان پوءِ ان قابل ٿي وڃي ٿو تہ هو پنهنجي زندگي يا ٻين جي زندگي ۾ تصّرف ڪري سگهي. ان جي اندر ۾ باطني نگاهہ جي اڳيان زمين کان ٻاهر يا زمين جي اندر جون شيون اچي وڃن. پر جڏهن اسين مذهبي پيروڪارن جي زندگي جو مطالعو ڪريون ٿا تہ لکين ڪروڙن ۾ اسان کي هڪڙو ماڻهو مشڪل سان ملندو جنهن جي اندر ۾ تصّرف جي طاقت بحال ٿي وئي هجي يا جنهن جي اندر باطني نگاهہ ڪم ڪندي هجي. هي وڏي عجيب ڳالهہ آهي تہ مذهبي ماڻهو ان علم کان بي خبر آهن. ان علم جي نشاندهي اهڙن ماڻهن ڪئي آهي جيڪي مذهب تي عقيدو نہ رکندا هئا. اهڙين حالتن ۾ هر سنجيده ماڻهو اهو سوچڻ تي مجبور آهي تہ پوءِ مذهب ڇا آهي.......؟؟

## قانون:

ڪائنات ۾ بي شمار جنسون آهن. هر جنس ۽ هر جنس جو فرد نوعي ۽ انفرادي حيثيت کان خيالن جي لهرن جي ذريعي هڪ ٻئي سان مسلسل رابطو رکن ٿا. هي مسلسل رابطو ئي افرادِ ڪائنات جي وچ ۾ تعارف جو سبب آهي. خيالن جون هي لهرون دراصل انفرادي ۽ اجتمائي اطلاع آهن. جيڪي هر گهڙي هر پل ڪائنات جي فردن کي زندگي سان ويجهو ڪن ٿيون. حقيقت هي آهي ته اسان جي سڄي زندگي خيال جي آڌار تي سفر ڪري رهي آهي. خيالن جي ڪار گذاري يقين ۽ شڪ تي قائم آهي. اهو ئي نقطو مذهب جي آغاز جو سبب آهي.

ماڻهو زندگي جا مرحلا وقت جي ننڍن ننڍن حصن ۾ طئي ڪري ٿو. زندگي گذارڻ لاءِ ذهن ۾ وقت جا ننڍا ننڍا ٽڪرا ڳنڍي ٿو ۽ انهن ئي ٽڪرن کان ڪم وٺي ٿو. اسين يا ته وقت جي ان ٽڪر کي اڳيان ڪري مسلسل ٻئي ٽڪري تي اچي وڃون ٿا يا وقت جي ان ٽڪري تان موٽون ٿا. هن کي هيئن سمجهيو وڃي ته ماڻهو اڄا اهو سوچي ٿو ته آئون ماني کائيندس. پر ان جي پيٽ ۾ گڙٻڙ آهي ان ڪري هو هي ارادو ترڪ ڪري ڇڏي ٿو. اهو ڪيستائين ان ترڪ تي قائم رهندو، ان باري ۾ هن کي ڪا به ڄاڻ نه آهي. جيئن ته هن جي زندگي جا ترڪيبي جزا اهي ئي افڪار آهن جيڪي هن کي ناڪام ۽ ڪامياب بنائن ٿا. هاڻ هو ٻيهر ارادو ڪري ٿو، وري ان کي ترڪ ڪري ڇڏي ٿو. چاهي منٽن ۾ ترڪ ڪري چاهي ڪلاڪن ۾، چاهي مهينن ۾، چاهي سالن ۾. ٻڌائڻ جو مقصد اهو آهي ”ترڪ“ ماڻهو جي زندگي جو جزاعظم آهي.

ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن جن کي پريشاني، مشڪل، ڏکيائي، بيماري، بيزاري، بي عمل، بي قراري وغيره وغيره چئجي ٿو. هاڻي ٻئي پاسي هڪ ئي شئي جو نالو سڪون رکون ٿا. هي اهو ئي سڪون آهي جنهن ۾ هر قسم جون آسانيون تلاش ڪيون وڃن ٿيون. اسين اهو نٿا چئون ته اهي سڀ حقيقي آهن پر ان ۾ گهڻو تعداد مفروضاتي آهي. هي ئي اهي شيون آهن جيڪي انسان کي آسان معلوم ٿين ٿيون. اهي ئي رجحان آهن جيڪي آسانين ڏانهن مائل ڪن ٿا. دراصل انسان جي دماغي ساخت ئي اهڙي آهي جيڪا آسانين ڏانهن ڊوڙي ٿي. هر تڪليف کان پڃي ٿي. ظاهر آهي ته هي ٻه پاسا آهن جن ۾ انسان فڪر جي ذريعي زندگي گذاري ٿو. ان جي هر حرڪت جو دارومدار انهن ٻن طرفن مان هڪ طرف تي آهي. ٿيندو ائين آهي ته هاڻ اسان هڪ تدبير ڪئي. ان وقت جڏهن اسان اها تدبير تيار ڪري رهيا هئاسين اها هر طرح مڪمل هئي. ان جو هر پاسو درست هو. پر ڪجهه قدم هلڻ کان پوءِ اسان جي ذهن ۾ تبديلي آئي. تبديلي ايندي ئي سوچ جو رخ تبديل ٿي ويو. نتيجي ۾ طرف يا پاسو به تبديل ٿي ويو. هاڻي اسان جنهن منزل ڏانهن وڃي رهيا هئاسين اها منزل غيب ۾ هلي وئي. اسان وٽ باقي ڇا رهيو ...؟

هاڻي خالي سڪڻو هلڻ رهجي ويو. اهو ئي سبب آهي جو هڪ ڪروڙ ماڻهن مان فقط هڪڙو ماڻهو هڪڙو قدم کڻي ٿو. جيڪو صحيح طرف ڏانهن کڄي ٿو ۽ پوئتي ناهي هٽندو. واضح رهي ته هي ذڪر يقين ۽ شڪ جي وچ وارو رستو آهي. هاڻي رهي اڪثريت جي ڳالهه تڏهن انهن جي دماغ جو محور وهم ۽ شڪ ۾ آهي. هي اهو ئي وهم ۽ شڪ آهي جيڪو ان جي دماغ جي خلين ۾ هڪ ئي وقت عمل ڪندو رهي ٿو. جيتري قدر انهن ۾ شڪ جي گهٽائي هوندي ايتري قدر دماغي خلين (Cells) ۾ پيچ ڊاهه ٿيندي.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته هي اُهي دماغي خليا آهن جن جي زيرِ اثر سمورا اعصاب ڪم ڪن ٿا. اعصابن جي چرپر ئي زندگي آهي. ڪنهن شئي تي انسان جو يقين ڪرڻ ايترو ئي مشڪل آهي جيترو فريب

ڪي جُهٽلائڻ آهي. ان جو مثال هي آهي، انسان جيڪو ڪجهه آهي، پاڻ کي ان جي ابتڙ پيش ڪري ٿو. هو هميشه پنهنجي ڪمزورين کي لڪائي ٿو ۽ ان جي جاءِ تي مفروضه ۽ غير حقيقي خوبيون بيان ڪري ٿو. جيڪي ان جي اندر نه آهن.

## معاشرو ۽ عقيدو:

ماڻهو جنهن معاشري ۾ تربيت حاصل ڪري جوان ٿئي ٿو اهو معاشرو ان جو عقيدو بنجي ويندو آهي. ان جو ذهن ان قابل نٿو رهي ته ان عقيدي جو تجربو ڪري سگهي. جيئن ته اهو عقيدو يقين جو مقام حاصل ڪري وٺي ٿو. جيتوڻيڪ اهو محض فريب آهي. ان جو وڏو سبب اسان ٻڌائي چڪا آهيون ته ماڻهو جيڪو ڪجهه پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو. حقيقت ۾ اهو ائين ناهي پر ان جي برعڪس ۽ بلڪل ابتر آهي.

اهڙي قسم جي زندگي گذارڻ ۾ ان کي ڪافي مشڪلاتون پيش اچن ٿيون. اهڙيون مشڪلاتون جن جو حل ان وٽ ناهي. هاڻ وِڪ وِڪ تي ان کي خطرو محسوس ٿئي ٿو. ان جو عمل ختم ٿي ويندو ۽ بنا نتيجي ثابت ٿيندو. مختلف وقتن تي هڪ شڪ ايستائين وڌي وڃي ٿو جو ماڻهو سمجهڻ لڳي ٿو ته ان جي زندگي ختم ٿي رهي آهي. جيڪڏهن ختم نه ٿي رهي آهي تڏهن به خطري ۾ آهي. اهو سڀ ڪجهه انهن دماغي خلين جي ڪري آهي جن ۾ تيزي سان ٽوڙ ڦوڙ ٿي رهي آهي.

جڏهن ماڻهو جي زندگي اها نه آهي جنهن کي هو گذاري پيو. جنهن کي هو پيش ڪري رهيو آهي. جنهن تي ان جو عمل آهي. هو عمل مان اهو نتيجو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو جيڪو ان جي خواهش وٽان هجي پر دماغي خلين جي تيزي سان ٽوڙ ڦوڙ ۽ ردوبدل قدم قدم تي ان جي عملي رستن کي بدلائيندي رهي ٿي. اهي يا ته بي نتيجه ثابت ٿين ٿا يا انهن مان نقصان پهچي ٿو، يا اهڙو شڪ جنم وٺي ٿو جيڪو قدم کڻڻ ۾ رڪاوٽ بنجي ٿو.

ماڻهو جي دماغ جي ساخت دراصل ان جي اختيار ۾ آهي. ساخت مان مراد دماغي خلين جي تيزي سان ٽوڙ ڦوڙ، وڌ ۾ وڌ ٽوڙ ڦوڙ يا گهٽ ۾ گهٽ ٽوڙ ڦوڙ ٿيڻ آهي. هي فقط اتفاقي امر آهي ته دماغي خلين جي ٽوڙ ڦوڙ گهٽ ۾ گهٽ هجي جنهن جي ڪري هو شڪ کان محفوظ رهي ٿو. جيتري قدر شڪ ۽ بي يقيني دماغ ۾ گهٽ هوندي اوتري قدر ماڻهو جي زندگي ڪامياب گذرندي جنهن مناسبت سان شڪ ۽ بي يقيني جي گهٽائي ٿيندي زندگي ناڪامين سان گذرندي.

## دماغي خُلين جي ٽُٽ ڀڄ:

ماڻهوءَ جي بدقسمتي اها آهي ته ان الله جي عطا ڪيل علم کي خود ساخته ۽ غلط بنيادن تي رکيو ۽ ان جو انڪاري ٿي ويو. الله تعالىٰ هر علم جو بنياد روشني قرار ڏنو آهي. ماڻهو کي گهرجي ها ته هو وڌ کان وڌ روشنين جا قسم ۽ روشنين جو طرزِ عمل معلوم ڪري ـ پر ان ڪڏهن هن پاسي ڪا به توجهه نه ڏني ۽ هر شئي هميشه پردي ۾ رهي. ماڻهو ان پردي ۾ جانچڻ جي ڪوشش ان ڪري ناهي ڪئي جو، يا ته ان جي اڳيان روشنين جو ڪو پردو موجود ئي نه هو، يا ان روشنين جي پردي ڏانهن ڪڏهن ڌيان ئي ناهي ڏنو. هو ان قائدي معلوم ڪرڻ جي طرف متوجهه ئي نه ٿيو آهي. جيڪڏهن ماڻهو هي طرز عمل اختيار ڪري ته ان جي دماغ ۾ خلين جي ٽُٽ ڀڄ گهٽ کان گهٽ ٿي سگهي ٿي. اهڙي حالت ۾ هو وڌ کان وڌ يقين ڏانهن وک وڌائي سگهي ٿو. شڪ شبها ان کي ايترو پريشان نٿا ڪري سگهن جيترو اڳ پريشان ڪري رهيا هئا. هن جي تحرڪ ۽ چرپر ۾ جيڪي رڪاوٽون ٻٽيل آهن اُهي بلڪل گهٽجي وڃن، پر ائين نه ٿيو ڇو جو هن روشنين جا قسم

معلوم نہ ڪيا. روشنين جي طبيعت جو حال معلوم ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. هو اهو بہ نٿو ڄاڻي تہ روشنيون بہ طبيعت ۽ ماهيت رکن ٿيون ۽ روشنين ۾ رجحان بہ موجود آهن. هن کي اها بہ خبر ڪانهي تہ روشنيون ئي ان جي زندگي آهن ۽ ان جي حفاظت ڪن ٿيون. هو فقط مٽي جي پتلي کان واقف آهي. ان پتلي کان جنهن جي اندر ۾ هُن جي پنهنجي ڪا زندگي موجود نہ آهي. جنهن کي الله تعالیٰ سڙيل گاري مان ناهيو آهي. ان جي اندر پنهنجي ذاتي ڪابہ حقيقت موجود ناهي حقيقت جيڪا الله تعالیٰ روح جي شڪل ۾ ڦوڪي آهي.

روشني جي عمل کان اڻ واقفيت الله جي ان بيان کان منحرف ڪري ٿي. جيستائين انحرافي ٿئي ٿي اوستائين وهم ۽ شڪ وڌي ٿو. ايمان ۽ يقين ٽُٽي وڃي ٿو.

ماهر روحانيت يقين جي وصف هن نموني بيان ڪن ٿا."يقين اهو عقيدو آهي جنهن ۾ شڪ نہ هجي."

ارادي يا يقين جي ڪمزوري دراصل شڪ جي ڪري جنم وٺي ٿي. جيستائين خيالن ۾ غير مستقلي رهندي يقين ۾ ڪڏهن بہ پختگي نہ ايندي. مظاهر پنهنجي وجود جي لاءِ يقين جا پابند آهن ڇو تہ ڪو بہ خيال يقين جون روشنيون حاصل ڪرڻ لاءِ مظهر بڻجي ٿو.

## مذهب:

مذهب اسان کي يقين جي ان پيٽرن (Pattern) ۾ داخل ڪري ٿو جتان شڪ، شبها ۽ وسوسا ختم ٿي وڃن ٿا. انسان پنهنجي باطني نگاهہ سان غيب جي دنيا ۽ غيب جي دنيا جي مشاهدي سان ماڻهو جو پنهنجي رب سان هڪ اهڙو رشتو قائم ٿي وڃي ٿو، جيڪو هو خالق جي صفتن کي پنهنجي مٿان محيط ڏسي ٿو. روحاني نقط نگاهہ کان جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ۾ باطني نگاهہ متحرڪ نہ ٿئي تہ هو ايمان جي دائري ۾ داخل نٿو ٿي سگهي. جڏهن ڪو ماڻهو ايمان جي دائري ۾ داخل ٿئي ٿو تڏهن ان جي طرز فڪر مان تخريبڪاري ۽ شيطانيت نڪري وڃي ٿي. جيڪڏهن ٻانهي ٿي يقين (غيب جي دنيا) منڪشف نہ آهي، تہ اهڙو ماڻهو هر وقت تخريب ۽ شيطانيت جي ڄار ۾ گرفتار رهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جي ترقي يافتہ دنيا ۾ بي شمار ايجادون ۽ اڻ ڪٿ آرام ۽ آسائشن جي باوجود هر ماڻهو بي سڪون، پريشان ۽ غير محفوظ هئڻ جي پريشاني جو شڪار آهي.

سائنس جيئن تہ ميٽر (Matter) تي يقين رکي ٿي. ميٽر عارضي ۽ فڪشن FICTION آهي ان ڪري سائنس جي ترقي جي هر ايجاد ۽ آرام ۽ آسائش جا سمورا وسيلا عارضي ۽ فنا ٿيڻ وارا آهن. جنهن شئي جو بنياد پيج ڊاهہ ۽ فنا تي هجي، ان مان ڪڏهن بہ حقيقي خوشي حاصل نٿي ٿي سگهي. مذهب ۽ لامذهب ۾ اهو بنيادي فرق آهي تہ لامذهبيت انسان ۾ شڪ شبها، وسوسا ۽ غير يقيني احساسن کي جنم ڏئي ٿي جڏهن تہ مذهب سمورن احساسن، خيالن، تصوّرن ۽ زندگي جي عملن کي هڪ قائم بالذات ۽ مستقل هستي سان وابستہ ڪري ڇڏي ٿو.

## سائنسي نظريو:

سائنسدان جنهن مادي نظريي جي تبيلغ ڪن ٿا. اها هي آهي تہ جيستائين ڪنهن شئي جو عملي مظاهرو (Demonstration) نہ ٿئي ان کي تسليم نٿو ڪري سگهجي. سائنسدان ڪافي ڪجهہ ڄاڻڻ باوجود اهو وساري ڇڏين ٿا تہ هو مادي خول ۾ قيد ٿي جهڙوڪر پنهنجي نظريي جي ابتڙي ڪري رهيا آهن. هو اهو بہ چون ٿا تہ

اهڙو غيب جيڪو اکين سان نظر نہ اچي ڪابہ حقيقت نٿو رکي جڏهن تہ سندن سڄي ترقي جو دارومدار نظر نہ اچڻ واري روشني تي آهي.

قلندر شعور جي باني، ابدالِ حق، حسن اخرىٰ محمد عظيم برخيا قلندر بابا اولياءؒ فرمائين ٿا:

روحاني قدرن جي متعلق جيترا بہ علم زيربحث آيا آهن انهن سمورن علمن ۾ ڪائنات جيڪا ظاهري اهميت رکي ٿي اها پوءِ جي شئي آهي. پهرين مخفي ۽ غيب کي زيرِغور آندو وڃي ٿو. مخفي ۽ غيب کي سمجهڻ لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. جيڪڏهن مخفي ۽ غيب سمجهڻ ۾ آساني ٿي وڃي تہ مظهر ڪهڙي نموني ٿين ٿا. مظهر جي نهڻ ۽ تخليق ٿيڻ جا قانون ڪهڙا آهن. اهي سموريون ڳالهيون آهستي آهستي ذهن ۾ اچڻ لڳن ٿيون ۽ فڪر ان کي اهڙي طرح محسوس ڪري ٿو جهڙي طرح ڪيتريون ڳالهيون جڪي انسان جي ننڍي ڄمار کان هوش جي زماني تائين اينديون رهن ٿيون. هنن ۾ هڪ خاص قسم جو ڳانڍاپو رهي ٿو. انهن سيني شين کي جيڪي غيب جي متعلق آهن الله تعالىٰ قرآن پاڪ ۾ تمام گهڻائي نالا ڏنا آهن. انبيائن انهن نالن جو ذڪر ڪري انهن جي وصفن کي عوام جي اڳيان پيش ڪيو آهي. قرآن پاڪ کان پهرين جي ڪتابن ۾ بہ انهن شين تي روشني وڌي ويئي آهي پر انهن ڪتابن ۾ ٿورو ٿورو ذڪر آهي. وڌيڪ تفصيل قرآن پاڪ ۾ ملن ٿا. قرآني تفصيلن تي جڏهن غور ڪيو وڃي ٿو تڏهن هي اندازو ٿئي ٿو تہ غيب ظاهر کان وڌيڪ اهميت رکي ٿو. غيب کي سمجهڻ تمام ضروري آهي. مذهب يا دين جنهن شئي کي چئجي ٿو ان جو غيب تي ئي BASE منحصر آهي. ظاهر جو ذڪر مذهب ۾ ضرور اچي ٿو پر ثانويت رکي ٿو. هن کي ڪنهن دور ۾ اوليت حاصل نہ هئي. مادي دنيا ان کي ڪيتري بہ اوليت ڏئي، پر آهستي آهستي هو بہ ان ئي طرز تي سوچڻ لڳي ٿي. مثال طور موجوده دور ۾ سائنسدان بہ غيب کي اوليت ڏيڻ تي مجبور آهن. اهي ڪنهن کي ”فرض“ ڪندا آهن. ”فرض“ ڪرڻ کان پوءِ نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندا آهن. جڏهن نتيجا اخذ ڪندا آهن تڏهن اهي انهن سيني شين کي حقيقي، لازمي ۽ يقيني قرار ڏيندا آهن.

جيئن تہ ويهين صديءَ ۾ اليڪٽران جو ڪردار زيربحث آهي. اليڪٽران جي باري ۾ سائنسدانن جي هڪڙي رائي اها آهي تہ هڪ ئي وقت BEHAVE AS A WAVE ۽ AS A PARTICLE ڪري ٿو. هاڻي غور طلب اهو آهي تہ جيڪا شئي فقط مفروضو آهي اها هڪ ئي وقت ٻن طرزن تي عمل ڪري ۽ ان جي عمل کي يقيني تسليم ڪيو وڃي. هو اهو بہ چون ٿا تہ اليڪٽران کي نہ اڄ تائين ڪنهن ڏٺو آهي ۽ نہ ئي آئينده ان کي ڏسڻ جي اميد آهي. پر ان سان گڏ اهي اليڪٽران کي ايتري نوس حقيقت تسليم ڪن ٿا جيتري نوس ڪا حقيقت اڄ تائين نوع انسان جي ذهن ۾ اچي سگهي آهي يا نوع انسان جنهن حقيقت کان اڄ تائين روشناس ٿي سگهي آهي. هاڻ ظاهر آهي تہ فقط مفروضا انهن جي ذهن ۾ آهن. مفروضي مان هلي ان نتيجي تي اهڙي منزل تي پهچي وڃن ٿا جنهن منزل کي هو نوع انسان جي عوام کي روشناس ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳا رهن ٿا.

ڪيترا دفعا ائين بہ ٿيندو آهي تہ جن حقيقتن کي هو هڪ دفعي حقيقتون چئي پيش ڪري چڪا آهن ڪجھ سالن کان پوءِ يا ڪجھ عرصي کان پوءِ هو انهن حقيقتن کي رد ڪري ڇڏين ٿا. رد ڪري ان جي جاءِ تي نوان طور طريقا، نوان فارمولا ڪڍي اچن ٿا. انهن نون فارمولن کي وري انهن ئي حقيقتن جو مرتبو ڏين ٿا جن حقيقتن جو مرتبو پهرين هو هڪ حد تائين سالن جا سال ڪنهن بہ هڪ رد ڪيل شئي کي ڏئي چڪا هئا. ظاهر آهي تہ غيب جي دنيا انهن لاءِ اوليت رکي ٿي. جيئن تہ هو محض ماده پرست آهن ۽ پاڻ کي ماديت جي دنيا جا پرستار چون ٿا. اهي هڪڙي لمحي جي لاءِ بہ تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهن تہ الله تعالىٰ جي ذات يا

غيب جي دنيا ڪا شئي آهي. يا ڪا اوليت رکي ٿي، يا ان جي ڪا معنىٰ آهي. يا قابل تسليم آهي، يا ان کي نظرانداز ڪرڻ نامناسب نہ آهي.

هن قسم جا تصور جن کي ماديت چوڻ گهرجي انهن جي چؤطرف هميشہ گڏ رهن ٿا. جڏهن ڪٿي غيب جو ذڪر ڪيو ويندو آهي تڏهن هميشہ هڪڙو ئي مطالبو ڪيو ويندو آهي جيستائين ڪو DEMONSTRATION نہ ڪيو وڃي، ان وقت تائين اسان ڪنهن غيب سان متعارف ٿي نٿا سگهون نہ ئي ڪنهن غيب جي متعلق يقين ڪرڻ ۽ اهو سمجهڻ لاءِ تہ غيب ڪا خبر ٿي سگهي ٿو. اسين تيار آهيون يا ائين تہ اسين سائنس جي دنيا ۾ نظريہ غيب کي يا غيب جي بحث کي ڪا بہ جڳهہ ڏيڻ لاءِ راضي ناهيون. بهرحال جهڙي طرح بہ چئجي هي صرف طرز فڪر آهي ۽ طرز گفتگو آهي. عملي دنيا ۾ تفڪر جي عملي منزل ۾ اهي ان مقام تي آهن جنهن مقام تي هڪ ماڻهو غيب تي يقين ڪرڻ وارو الله جي ذات کي پيش ڪري ٿو. انهن سمورين ايجنسين کي تسليم ڪري ٿو جن جو ذڪر الله تعالىٰ قرآن پاڪ ۾ ڪيو آهي. اهي ايجنسيون جيڪي ايمان جو شرط آهن. ڪنهن اهڙي شخص تي جيڪو الله کي مجيندڙ آهي پنهنجو تسلط رکي ٿو ۽ انهن سمورين ايجنسين ۽ انهن حاڪم هستين کي اهڙي زنده حقيقت ۽ اهڙي نوس معنويت تسليم ڪري ٿو جهڙي نموني ماده پرست ڪنهن پٿر کي يا معدني يا ڪنهن اهڙي منظر جي متعلق شين کي تسليم ڪن ٿا جيڪي هر وقت ان جي اکيان مشاهدي ۾ موجود رهن ٿيون. جنهن کي ڇُهي، چکي، ڏسي ۽ سمجهي سگهن ٿا. جنهن جي متعلق هو اهو چون ٿا تہ هن ۾ تغير آهي. انهن ۾ توازن آهي. انهن ۾ هڪ امتزاج آهي، ان ۾ تاثر آهي، ان ۾ قوت آهي ۽ اهڙي قسم جي شين کي هو ماديت جي دنيا ۾ ڏسن ٿا. انهن سيني شين جو هو اهڙي طرح ذڪر ڪن ٿا ۽ انهن تي هڪ خاص طرز سان ايمان رکن ٿا.

ٻين لفظن ۾ اهو چوڻ چاهيندس تہ هڪڙو خدا جو پرستار جهڙي طرح غيب تي ايمان رکي ٿو يا بلڪل اهڙي طرح مادي جو پرستار ماديت جي دنيا تي يقين رکي ٿو. نہ خدا پرست کي غيب جي دنيا تي ايمان ڪانسواءِ ڪو چارو آهي نہ ماديت پرست کي مادي تي ايمان آڻڻ ڪانسواءِ گذارو آهي. ٻئي ڄڻا هڪ نہ هڪ طرز رکن ٿا. انهن ۾ اها ڳالهہ هڪجهڙي آهي تہ ان طرز تي هنن جو ايمان هوندو آهي. انهيءَ ايمان کي هي زندگي چون ٿا. اصل ۾ چوڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪا بہ زندگي ايمان ڪانسواءِ ناممڪن آهي چاهي ڪنهن خدا پرست جي زندگي هجي يا مادي پرست جي.

# تخليق جا فارمولا

اسين جڏهن الله جي تخليق تي غور ڪريون ٿا تڏهن اها ڳالهہ سامهون اچي ٿي تہ باوجود ان جي تہ مادو MATTER هڪ آهي. تخليقي قائدا، ضابطا ۽ طريقا هڪڙا آهن. مخلوق جي اندر طبعي تقاضائون يڪسان آهن. عقل شعور سيني ۾ آهي، هي الڳ ڳالهہ آهي تہ ڪنهن ۾ شعور وڌيڪ آهي تہ ڪنهن ۾ گهٽ آهي. ڪنهن ۾ تمام گهٽ آهي. اهو بہ ڏسون ٿا تہ هر تخليق جي انفراديت پنهنجي جڳهہ تي قائم آهي.

انفراديت جا بہ رخ آهن. هڪ رخ اجتماعي حيثيت رکي ٿو ٻيو الڳ ۽ منفرد شخصيت جي روح ۾ موجود آهي. اجتماعي رخ کي اسين "نوع" جو نالو ڏيون ٿا. انفرادي رخ کي اسين "فرد" چئون ٿا. هر نوع جو هر فرد الڳ هڪ حيثيت رکي ٿو. شڪل ۽ صورت، رنگ ۽ روپ ۽ نقش و نگار رکي ٿو. طوطي جي نوع جا سمورا فرد هڪڙي شڪل جا آهن. ڪبوترن جي نوع جا سيئي فرد هڪڙي شڪل ۽ صورت جا آهن. اهڙي طرح الله تعالىٰ جون جيڪي بہ مختلف مخلوق آهن، اهي نوعي اعتبار کان شڪل ۽ شبيهہ رکن ٿيون. اهي شڪليون انفرادي آهن. هي ڳالهہ اهڙي آهي جنهن ۾ وڌيڪ ڌيان ۽ تفڪر ڪرڻ جي ضرورت پيش نٿي اچي. انساني مشاهدا هر وقت هن صورتحال کان آشنا آهن.

نوعي بيهڪ تي غور اسان جي رهنمائي ڪري ٿو تہ نوع جو مختلف هجڻ ان ڳالهہ جي نشاني آهي تہ نوع جي خدوخال ۾ مقرر مقدار ڪم ڪري رهيا آهن. ٻڪري جي نوع ۾ الله تعالىٰ جيڪي مقرر مقدار رکيا آهن جڏهن اهي متحرڪ ٿين ٿا تڏهن ان جي نتيجي ۾ ٻڪري تخليق ٿئي ٿي. ائين نٿو ٿئي جو ٻڪري جي پيٽ مان ڪبوتر پيدا ٿئي. اهي متعين مقدار نہ فقط زمين تي موجود مخلوق ۾ نظر اچن ٿا پر ڪائنات جي هر تخليق جي هر جُز ۾ هي مقدار ڪم ڪري رهيا آهن. هنن مقدارن جو اهم ڪم اهو آهي تہ جڏهن پاڻ ۾ ردوبدل ٿين ٿا يا انهن جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي اندر ميلاپ ٿئي ٿو. تڏهن مختلف رنگ اختيار ڪري وٺن ٿا. هي رنگ ئي دراصل ڪنهن نوع جا خدوخال بنجي وڃن ٿا.

قلندر بابا اولياءؒ جن تخليقي فارمولن جي وضاحت هن طرح ڪئي آهي.

"ڪائنات ۾ موجود سمورا مادي جسم بيشمار رنگن مان متعدد رنگن جو مجموعو هوندا آهن. هي رنگ نسمہ جي مخصوص حرڪت سان وجود ۾ اچن ٿا. نسمہ (AURA) جي مقرر حرڪت سان هڪ رنگ نهي ٿو. ٻئي طوالت حرڪت سان ٻيو رنگ. اهڙي طرح انهن رنگن جو عددي ميڙ هر نوع جي لاءِ الڳ الڳ مقرر آهي. جيڪڏهن گلاب جي گل جي رنگن جو عددي ميڙ "الف" مقرر آهي تہ "الف" عددي ميڙ مان هميشہ لاءِ گلاب ئي وجود ۾ ايندو. ڪا ٻي شئي وجود ۾ نہ ايندي. جيڪڏهن ماڻهو جي تخليق رنگ جي "جيم" تعداد مان ٿئي ٿي تہ ان مقدار مان ٻيو حيوان نٿو نهي سگهي. فقط نوع انسان ئي جا فرد وجود ۾ اچي سگهن ٿا.

رنگن جي دنيا ۾ جيتريون بہ شيون ملن ٿيون. اُهي سڀ رنگين روشنين جو مجموعو آهن. انهن ئي رنگن جي هجوم مان اهي شيون وجود ۾ اچن ٿيون، جن کي عام طور تي "مادو" چيو وڃي ٿو. جيئن تہ سمجهيو وڃي ٿو تہ مادو ڪا ٺوس شئي نہ آهي. جيڪڏهن ان کي ٺوڙي ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايو وڃي.

فقط رنگن جون ڏار ڏار شعائون باقي رهجي وينديون. جيڪڏهن ڪافي رنگ ڪٺي پاڻ ۾ ملايا وڃن ته هڪ خاڪي ڳاڙ نهي ويندو جنهن کي اسين مٽي چئون ٿا. گاهه، وڻن ۽ ٻوٽن جون پاڙون پاڻي جي مدد سان مٽي جي ذرڙن جي انهن رنگن مان پنهنجي نوع جا رنگ حاصل ڪري وٺن ٿا. اهي سمورا رنگ پنن ۽ گلن ۾ ظاهر ٿي وڃن ٿا. سموري مخلوق ۽ موجودات جي ظاهري زندگي ان ئي ڪيميائي عمل تي قائم آهي.

## يارنهن هزار رنگ:

مادو هڪڙو آهي نمونا مختلف آهن. تخليق هن طرح عمل ۾ اچي ٿي ته ڊائي ميٽر کي پنهنجي اندر محفوظ ڪري اهڙي طرح متحرڪ ڪري ٿو، جو مادو مختلف ۽ مقرر مقدارن ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. جڏهن هي مقرر مقدار هڪ ٻئي ۾ ملي جذب ٿين ٿا. تڏهن ڪو هڪ رنگ نهي ٿو. جڏهن هڪ رنگ ٻئي رنگ ۾ جذب ٿئي ٿو ته ٽيون رنگ نهي ٿو. نتيجي ۾ بي شمار رنگ وجود ۾ اچن ٿا. اهڙي طرح رنگن جو تعداد يارنهن هزار آهي. هي بي شما رنگ ئي الله تعالىٰ جي ڪائنات آهن.

## ماڻهو ۾ بجلي جو وهڪرو:

بحيثيت مجموعي ڪائنات ۾ جيڪي رنگ قلندر شعور سان نظر اچن ٿا انهن جو تعداد تقريباً ساڍا يارنهن هزار آهي. جڏهن ته سائنسدان اڄ تائين اٽڪل سٺ کان وڌيڪ رنگ دريافت ڪري سگهيا آهن. عام حالتن ۾ جڏهن رنگن جو ذڪر ٿئي ٿو. تڏهن انهن جو تعداد سٺ ٻڌايو وڃي ٿو. في الواقع ڪيترا رنگ آهن انهن جو علم الله تعالىٰ کي آهي. پر قلندر شعور سان هي ڳالهه مشاهدي ۾ اچي ٿي ته ڪائناتي فردن جو بنياد رنگ آه جيڪڏهن رنگ وهڪري (FLOW) جي شڪل اختيار ڪن ٿا انهن ۾ هڪ ڪرنٽ پيدا ٿئي ٿو. هي ڪرنٽ (ELECTRICIRY) ئي زندگي بنجي ٿو. ماڻهو سنڪيو زهر ڪائي مري وڃي ٿو پر سنڪيي جي اندر رنگن جي وهڪري يعني بجلي جو وولٽيج (VOLTAGE) ماڻهو جي اندر ڪم ڪندڙ وولٽيج کان تمام گهٽو هوندو آهي. ان جو مثال هن نموني آهي جيئن سٺ وولٽ بجلي جي بلب ۾ ڪيئن هزار بجلي گذاري وڃي ته بلب فيوز ٿي وڃي ٿو.

اسين جڏهن ڪرنٽ کي ڇُهون ٿا ته اسان کي شاڪ (SHOCK) لڳي ٿو. شاڪ لڳڻ جو مقصد آهي ماڻهو جي اندر ڊوڙندڙ بجلي ۾ هڪ هلچل پيدا ٿي وڃي ٿي. ان هلچل ۽ چرپر کي ماڻهو جو سڄو جسم (BODY) محسوس ڪري ٿو. جيڪڏهن ماڻهو ۾ ڪم ڪندڙ بجلي جو وولٽيج ڪمزور آهي يا مقدار کان گهٽ آهي. ان ڪري ماڻهو ڪري به پوي ٿو ۽ بيهوش به ٿي وڃي ٿو.

ان جي برعڪس جيڪڏهن ماڻهو اهڙو طريقو اختيار ڪري جنهن طريقي ۾ بجلي جو وهڪرو سڌو سنئون ارٿ نٿو ٿئي ته ان کي شاڪ يا جهٽڪو نٿو لڳي. هن ڳالهه مان اهو منڪشف ٿيو ته ڪائناتي تخليق ۾ نيگيٽوَ يا پازيٽوَ (NEGATIVE & POSITIVE) اصول جي تحت اهڙي نوع به موجود آهي جيڪا بجلي جي وهڪري کي پنهنجي اندر ۾ جذب ڪري وٺي ٿي. ان اڪائي (EQUATION) مان انڪشاف ٿئي ٿو ته هڪ، ٻه، ڏهه، ويهه تخليقي عمل اهڙا به آهن جيڪي پنهنجي اندر بجلي ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

قلندر شعور اسان جي رهنمائي ڪري ٿو ته اسان ڪائناتي تخليقي فارمولن جي تحت پنهنجي اندر هر قسم جي غير مرئي (INVISIBLE) صلاحيتن کي پنهنجي ارادي ۽ اختيار سان متحرڪ ڪري سگهجي ٿو. هڪ ماڻهو جڏهن پنهنجي اندر ڊوڙندڙ بجلي يا نسمه (AURA) کان واقف ٿي وڃي ٿو اهو بجلي جي وهڪري کي روڪي به سگهي ٿو. اهڙي طرح پنهنجي اندر وڌ کان وڌ وولٽيج جو ذخيرو به ڪري سگهي ٿو. ان ذخيري جي

ذريعي ماورائي دنيا ۾ بنا ڪنهن وسيلي جي پرواز ڪري سگهي ٿو. بجلي جي ذخيري ڪانپوءِ ان جي اندر اهڙي طاقت پيدا ٿي ويندي آهي جو هو پنهنجي ارادي ۽ اختيار سان آسمان ۽ زمين جي ڪنارن مان ٻاهر نڪري وڃي ٿو. ان جي اک اڳيان پنهنجي زمين وانگي ڪهڪشائن ۾ بي شمار زمينون اچي وڃن ٿيون. جهڙي طرح هو پنهنجي زمين ۾ آباد الله جي مخلوق کي ڏسي ٿو اهڙي طرح ڪربين دنيائن جو بہ مشاهدو ڪري سگهي ٿو.

قلندر شعور جڏهن بيدار ٿئي ٿو تڏهن اهو ڏسي سگهي ٿو، ڄاڻي وٺي ٿو، سمجهي وٺي ٿو تہ هن دنيا وانگي ٻيون بہ بي شمار دنيائون موجود آهن. هر دنيا اسان جي دنيا جهڙي آهي. جهڙي طرح اسان جي دنيا ۾ ماڻهو آباد آهن. اهڙي طرح ٻين دنيائن تي بہ انسان آباد آهن. جهڙي نموني هن دنيا ۾ افزائشِ نسل جو سلسلو جاري آهي، اهڙي طرح ٻين دنيائن ۾ شاديون ۽ اولاد پيدا ٿئي ٿو. مطلب تہ هن دنيا ۾ ۽ هن دنيا کان ٻاهر بيشمار دنيائون ۽ عالم بہ آهن ڪاڏو خوراڪ، رهڻي ڪرڻي، ٻني ٻارو، ڪاروبار ۽ مرڻ جيئڻ سڀ ڪجهہ موجود آهي.

## وقت جي نفي:

ڪنهن ماڻهو جي اندر پرواز ڪرڻ جي صلاحيتن جو دارومدار بجلي جي ذخيري تي آهي. جيترو وڏيڪ ذخيرو هوندو آهي ان مناسبت سان ماڻهو ٽائيم اسپيس جي نفي ڪرڻ تي قدرت حاصل ڪري وٺي ٿو. تاريخ ۾ اهڙا تمام گهڻا واقعا موجود آهن. هڪڙي منٽ جي وقفي ۾ انسان بنا ڪنهن مادي وسيلن جي ڪيترن سالن جو سفر طئي ڪري ورتو.

غوث علي شاهہ قلندر فرمائين ٿا تہ هڪڙو شخص شاهہ عبدالعزيزؒ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. لباس جي اعتبار کان هو شاهي عهد جو لڳي رهيو هو. شاهہ صاحبؒ کي چوڻ لڳو تہ حضرت منهنجي حالت ايتري عجيب آهي جو ڪو بہ اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هن معاملي ۾ منهنجو عقل بہ ڪم نٿو ڪري. حيران آهيان تہ ڇا چوان ... ڇا ڪريان ... ڪيڏانهن وڃان.......!! توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيو آهيان. جيڪو حڪم فرمايو ايئن ئي ڪندس.......!!

ان شخص پيرائتي وارتا بيان ڪندي چيو:

”آئون لکنو ۾ رهندو هوس، بيروزگار هوس، وقت سنو گذري رهيو هو. قسمت ڦيرو ڪاڌو معاشي حالات خراب ٿي ويا. گهڻو وقت بيڪار واندڪائي ۾ گذرڻ لڳو. سوچيم تہ هٿ تي هٿ رکي خالي ويهڻ جي بجاءِ سنو آهي تہ ڪنهن شهر ۾ روزگار تلاش ڪيو وڃي. ٿورڙو ساز ۽ سامان گڏ ڪنيو ۽ اوديپور ڏانهن روانو ٿيس. رستي ۾ رواڙيءَ جي مقام تي قيام ڪيو. ان وقت اها جاءِ ويران پيل هئي. فقط هڪ سراءِ آباد هئي. سراءِ ۾ ڪجهہ ڪسباڻيون رهنديون هيون. آئون سراءِ ۾ ان فڪر ۾ هئس تہ ڇا ڪيو وڃي. پيسا بہ ختم ٿي ويا. هڪ ڪسبياڻي آئي ۽ چوڻ لڳي تہ ”صاحب ... ماني تيار آهي، ڪٿي اچان...؟“ مون چيو، ”اجان سفر جي ٿڪاوٽ آهي. ٿورو ساهہ پٽيان ... ٿڪاوٽ لهي پوءِ ماني ڪائي وٺندس.“ هو هلي ويئي. ڪافي دير کان پوءِ ٻيهر آئي ۽ اهو ئي سوال ڪيو. مون وري بہ اهو جواب ڏنو ۽ هو هلي وئي. ٽيون ڀيرو اچي پڇيو، تنهن تي مون سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو. مون وٽ جيڪي پيسا هئا سڀ خرچ ٿي ويا آهن. هاڻ هٿيار ۽ گهوڙو وڪڻڻ جي نوبت اچي بيني آهي. هو خاموش هلي وئي، ۽ پوءِ ڏهہ روپيہ آڻي مون کي ڏنا ۽ چيو تہ هي ڏهہ روپيہ مون

چرکو هلائي پنهنجي ڪفن دفن لاءِ گڏ ڪيا آهن. هي پيسہ بطور قرض ڏيان ٿي. جڏهن الله تعالىٰ تو کي ڏئي ادا ڪري ڇڏجان.

مون پيسا ورتا ۽ رستي ۾ خرچ ڪندو اوديپور وڃي پهتس. اتي الله جي مرضي اها ٿي تہ فورن هڪ شاهي نوڪري ملي وئي. مالي طور تي خوب ترقي ڪئي چند سالن ۾ دولت جا انبار لڳي ويا. انهن ڏينهن ۾ گهران خط آيو تہ ڇوڪرو جواني جي حدن ۾ قدم رکي چڪو آهي. جتي سندس سڱاوتي ڪيل آهي اهي ماڻهو شادي لاءِ زور ڪري رهيا آهن. ان ڪري جلد کان جلد اچي پنهنجو فرض کان آجپو ڪريو.

راجا کان اجازت وٺي پنهنجي گهر لاءِ روانو ٿيس. رستي ۾ ريواڙي جي مقام تي پهتس. پراڻا واقعا ذهن ۾ تازا ٿي ويا. سَراءِ وڃي ڪسبياڻي جي باري ۾ خبر ورتي. معلوم ٿيو تہ اها سخت بيمار آهي ۽ چند لمحن جي مهمان آهي. جڏهن آئون ان وٽ پهتس تہ هوءَ آخري ساهہ کڻي رهي هئي. ڏسندي ڏسندي هن جو روح پرواز ڪري ويو. مون دفن ڪفن جو بندوبست ڪيو. قبر ۾ بہ مون ڪيس لاٿو. ان ڪم مان فارغ ٿي سراءِ ۾ اچي سمهي رهيس. اڌيءَ رات جو وقت ٿيو، پيسن جو خيال آيو. ڏٺم تہ ڪيسي ۾ رکيل پنج هزار ۽ ٿيلهي غائب هئي. ڳولا ڪئي پر هٿ نہ آيا. سوچيو تہ دفن ڪرڻ مهل، شايد قبر ۾ ڪري پيا آهن. ان خيال سان قبرستان تي پهتس ۽ قبر کوٽڻ لڳس. قبر اندر لٿس تہ هڪ عجيب ۽ غريب صورتحال هئي. اتي نہ ميت هو نہ پيسن واري ٿيلهي. هڪڙي پاسي دروازو نظر آيو. همت ڪري دروازي جي اندر قدم رکيو هڪ نئين دنيا سامهون آئي. چؤطرف باغن جو سلسلو هو. خوبصورت ميويدار وڻ هئا. باغ ۾ هڪڙي پاسي عاليشان عمارت ٺهيل هئي. عمارت اندر قدم رکيو تہ هڪ حسين ۽ جميل عورت تي نظر پئي جيڪا شاهانہ پوشاڪ ۾ هار سينگار ڪري ويٺل هئي. چؤطرف خدمتگار هٿ ٻڌي ادب سان بيٺل هئا. عورت مون کي مخاطب ٿي چيو.

”تون مون کي سڃاتو...!؟ آئون اها ئي آهيان جنهن توکي ڏهہ روپيا ڏنا هئا. الله کي منهنجو اهو عمل پسند آيو. ان عمل جي نتيجي ۾ مون کي هي مرتبو ۽ عروج عنايت فرمايو آهي. هي تنهنجي ڳنڍڙي آهي. جيڪا قبر ۾ توکان ڪِري پئي هئي. هي وٺ ۽ ۽ جلدي هليو وڃ.“

مون هن کي چيو تہ آئون هتي ڪجهہ وقت ترسي سير ڪرڻ چاهيان ٿو. عورت جواب ڏنو. تون قيامت تائين هتي سير نٿو ڪري سگهين. جلدي واپس وڃ، هن عرصي ۾ دنيا ڪٿان کان ڪٿي پهچي چڪي هوندي. عورت جي هدايت تي عمل ڪندي ٻاهر آيس تہ عجيب عالم هو. نہ اتي سراءِ هئي ۽ نہ ئي اهي ماڻهو هئا. جيڪي ان جي قبر ۾ اندر وڃڻ مهل اتي هئا. پر چؤطرف شهري آبادي پکڙيل هئي. ڪجهہ ماڻهن کان سراءِ جي باري ۾ پڇيم پر سيني پنهنجي لاعلمي جو اظهار ڪيو. ڪجهہ ماڻهن سان هي روئيداد بيان ڪئي پر سيني مون کي چريو قرار ڏنو. آخرڪار مون کي هڪڙي ماڻهو پڇيو تہ آئون تو کي هڪ بزرگ وٽ وٺي هلان ٿو، اهو جهونو بہ آهي، شايد اهو ڪجهہ ٻڌائي سگهي. ان بزرگ پورو احوال ٻڌو. هن ڪجهہ دير سوچڻ کان پوءِ چيو مون کي ڪجهہ ڪجهہ ياد آهي تہ منهنجو پڙڏاڏو ٻڌائيندو هو تہ ڪنهن زماني ۾ هتي هڪ سراءِ موجود هئي. سراءِ ۾ هڪ امير اچي ترسيو ۽ هڪ رات پراسرار طريقي سان غائب ٿي ويو. پوءِ ان جي باري ۾ ڪو بہ پتو نہ پيو.

مون چيو تہ آئون اهو ئي امير آهيان. جيڪو سراءِ مان گم ٿي ويو هئس. اهو ٻڌي اهو بزرگ ۽ حاضرين محفل حيران ٿي ويا.

اهو ٻڌائي هو خاموش ٿي ويو. پوءِ شاهہ عبدالعزيز کي ڇوڻ لڳو هاڻي ٻڌايو مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي. ڪيڏانهن وڃان...؟ نہ گهر آهي نہ نڪاڻو. ٻيو اهو تہ هن حيرت انگيز ۽ ناقابل يقين واقعي منهنجي ذهن کي

مفلوج ڪري ڇڏيو آهي. شاهہ صاحب وراڻيو، تو جيڪي ڪجهہ ٻڌايو آهي اهو صحيح آهي. هن عالم ۾ ۽ هُن عالم جي وقت جا پيمانا الڳ آهن.

شاهہ صاحب ان شخص کي هدايت ڪئي تہ هاڻ تون بيت الله ڏانهن هليو وڃ ۽ باقي زندگي ياد الاهي ۾ گذار. پاڻ ان کي زادِ راهہ ڏئي روانو فرمايو.

## آڪسيجن ۽ جسماني نظام:

علمي ۽ سائنسي دور هيءَ ڳالهہ ڄاڻي ورتي آهي تہ انسان کي جيڪڏهن ڪجهہ وقفي لاءِ آڪسيجن نہ ملي، ان جي دماغ ۾ ڪم ڪندڙ ڪربين خُليا پنهنجو ڪم ڇڏي ڏيندا. سڄو جسم آڪسيجن تي قائم آهي. ساهہ جي اچ وڃ يا عمل تنفس هوا مان آڪسيجن حاصل ڪرڻ ۾ هر وقت مصروف رهندو آهي.

هوا نڪ يا وات جي ذريعي جسم ۾ ڇڪي ويندي آهي ۽ آواز جي خاني (LARYNX) مان گذرندي هوا جي خاص نالي (TRACHEA) ۾ وڃي ٿي. پوءِ اتان ڪان نالين جي هڪ نازڪ نظام ۾ داخل ٿي وڃي ٿي. جيئن جيئن هوا اڳيان وڌندي آهي، هوا جو دٻاءُ وڌندو آهي. انهن نالين جي ويڪر ننڍڙي هوندي آهي. جيئن تہ هوا ڦڦڙن جي انتهائي گهرائي تائين پهچي وڃي ٿي. جتي تقريباً ٽي سو ملين هوا جي ٿيلهين مان گذري آڪسيجن خون ۾ داخل ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن هوا جو دٻاءُ صحيح هجي ۽ آڪسيجن جو مقدار بہ صحيح هجي تہ پوءِ آساني سان هوا جون ٿيلهيون ۽ باريڪ باريڪ ڄارين مان گذري اندر پڪڙجي وڃن ٿيون. جڏهن اسين اندر ساهہ ڇڪيون ٿا تڏهن سيني جي خالي جڳهہ وڌي ٿي ويندي آهي. هوا تيزي سان اندر هلي ويندي آهي. پوءِ جڏهن اسان ساهہ ٻاهر ڪيون ٿا تڏهن ڦڦڙن جو لچڪدار نظام هوا کي ٻاهر ڪڍي ڇڏي ٿو.

ساهہ کڻڻ جو مقصد بہ اهو آهي تہ جسم ۾ مناسب مقدار ۾ آڪسيجن پهچندي رهي. جيئن خلين ۾ ٿورو ٿورو ٻارڻ هلندو رهي ۽ ڪاربان ڊائي آڪسائيڊ ($CO_2$) خارج ٿيندو رهي. انسان جڏهن ننڊ ۾ هوندو آهي ان وقت هو هڪ منٽ ۾ ڏهہ ڪان سورنهن دفعا ساهہ کڻي ٿو ۽ تقريباً هڪ پوائنٽ هوا اندروني جسماني نظام ۾ داخل ٿيندي رهندي آهي. جڏهن آڪسيجن جي گهٽي ضرورت پيش ايندي آهي تڏهن ساهہ کڻڻ جي رفتار ۾ اضافو ٿي ويندو آهي. عام طور تي ساهہ جي رفتار ۽ گهرائي خود بخود دماغ ڪنٽرول ڪندو رهندو آهي.

قدرت اسان جي اندر اها صلاحيت پيدا ڪئي آهي تہ هو ضرورت مطابق اسان جي تيزي گهٽتائي پيدا ڪري ٿو. انسان جيڪڏهن ذهني طور تي صحت مند هوندو آهي تڏهن گهٽين حالتن ۾ ان کي پنهنجي ساهہ تي اختيار حاصل هوندو آهي. ان جو هڪڙو مثال هي آهي. پاڻي جي اندر جڏهن ماڻهو غوطو هڻي هليو ويندو آهي اتي ساهہ کي روڪڻ جي ضرورت پيش ايندي آهي. اهو ڪم هو آساني سان ڪري ويندو آهي. جڏهن اوٻاسي اچي ٿي يا گهَرو ساهہ کڄجي ٿو ان وقت سُڪون ايندو آهي. جڏهن ساهہ جي نالي ۾ خرابي اچي ويندي آهي تہ ماڻهو ساڻو ٿي ويندو آهي ۽ دم گهٽجڻ لڳندو آهي. مختصر اهو تہ زندگي جو قيام ساهہ جي مٿان آهي. ساهہ جاري آهي تہ زندگي برقرار آهي. جڏهن ساهہ جو سلسلو ختم ٿئي ٿو تڏهن زندگي بہ ختم ٿي وڃي ٿي.

ساهہ جو تعلق آڪسيجن سان آهي. آڪسيجن جو هڪ وڏو ذخيرو دماغ جي هڪ خاص حصي ۾ جمع هوندو آهي. دماغ جو اهو ئي حصو آهي جيڪو دل جي دَڪ دَڪ ۽ عمل تنفس کي برقرار رکندو آهي. في الواقع انسان جو موت ان وقت واقع ٿي ويندو آهي جڏهن دماغ جي اندران آڪسيجن جو ذخيرو ختم ٿي وڃي. دل جي حرڪت بند ٿي وڃڻ سان جيڪڏهن موت واقع ٿي وڃي ۽ دماغ جي اندر آڪسيجن جو ذخيرو موجود رهي تہ هن موت جي عمل کي مرڻ ناهي چيو ويندو. طبي اصطلاح ۾ ان کي ”سَڪتو“ چيو ويندو آهي. اها

روزمره جي مشاهدي جي ڳالهه آهي ته بيمار کي نازڪ حالت ۾ آڪسيجن ڏنو ويندو آهي. اهڙي نموني وڏي کان وڏي بيماري ۾ عارضي طور ئي سهي پر غلبو حاصل ڪيو ويندو آهي. احسن الخالقين الله تعالىٰ اسان جي ڦڦڙن جي تخليق اهڙي طرح ڪئي آهي جيڪو سڄي جسم جو خون ٽن منٽن اندر ڦڦڙن جي ذريعي آڪسيجن حاصل ڪري واپس جسم ۾ ڊوڙي وڃي ٿو. مطلب اهو ٿيو هر ٽن منٽن ڪانپوءِ جسم ۾ ڊوڙندڙ خون آڪسيجن حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيهر ڦڦڙن ۾ اچي ويندو آهي.

اسين جڏهن ساهه کڻون ٿا ان ۾ ايڪيهه سيڪڙو آڪسيجن اسان جي اندر هلي ويندي آهي. جڏهن ساهه ٻاهر ڪڍون ٿا ته آڪسيجن خرچ ٿيڻ کان پوءِ تقريباً ٻارنهن سيڪڙو رهجي ويندي آهي. مشقن جي ذريعي جيڪڏهن دماغ ۾ آڪسيجن جو ذخيرو ڪيو وڃي ۽ روحاني طرزن ۾ ان ذخيري کي استعمال ڪرڻ جو طريقو به سکيو وڃي ته پنهنجي ارادي ۽ اختيار سان دل جي ڌڪ ڌڪ ۽ عمل تنفس کي بند ڪري ماڻهو مهينن تائين زنده رهي سگهي ٿو. پوءِ پنهنجي ارادي ۽ اختيار سان ڏينهن، هفتن ۽ مهينن جي عارضي موت کان نجات حاصل ڪري وٺي ٿو.

## ٻه سَوَ سالن جي ننڊ

هڪڙو ٻَهه رُوپيو هو. سدائين نئون روپ گهڙي بادشاهه جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو جيئن بادشاهه کي انڌيري ۾ رکي انعام ۾ گهوڙو ۽ جوڙو حاصل ڪري سگهي. پر بادشاهه ٻهه رُوپي کان متاثر نه ٿيو، ته ٻهه روپو هڪ يوگا جي ماهر وٽ ويو ۽ ان کان حبس دم (ساهه تي ڪنٽرول ڪرڻ جي مشق) جي سکيا ورتي. پوءِ يوگي ٻڌجي شهر جي ڪنهن حصي ۾ رهڻ لڳو. هڪ ننڍڙو گنبذ تيار ڪيو ۽ ڪجهه چيلا به گڏ ڪري هي حبس دم ڪري ويهي رهيو. گنبذ جو دروازي ان خيال کان بند ڪرايو ته جڏهن بادشاهه کي خبر پوندي هڪ يوگي ايتري مدت کان گنبذ ۾ بند موجود آهي. بادشاهه هتي اچي گنبذ کولائيندو. چيلا مون کي حبس دم واري فارمولي مطابق زنده ڪري ڇڏيندا ۽ آئون گهوڙو انعام ۾ حاصل ڪري وٺندس. خدا جي قدرت جو ڪجهه ڏينهن ۾ انقلاب اچي ويو نه بادشاهه رهيو ۽ نه سلطنت رهي. شهر به برباد ٿي ويو. چيلا امري ڪپي ويا ۽ گنبذ بند جو بند رهيو. ٻن سَوَ سالن کان پوءِ شهر ٻيهر آباد ٿيو. ڪنهن شخص اهو ڏسڻ لاءِ آيو ته گنبذ جي اندر ڇا آهي. گنبد کي کولرايو. ڏٺو ته گنبد جي اندر هڪ صحيح سالم پوري جسماني خدوخال سان هڪ ماڻهو مراقبي ۾ ويٺل آهي. ماڻهن جو هجوم گڏ ٿي ويو. ان هجوم ۾ هڪ يوگي به هو. هن مراقبي ۾ ويٺل شخص کي سڃاڻي ورتو ۽ حبس دم جي قائدن مطابق عمل ڪيو ۽ هن جي دل جي ڌڙڪڻ شروع ٿي وئي. هوش ۽ حواس بحال ٿي ويا. جيئن ئي هو ماڻهو هوش ۾ آيو چوڻ لڳو منهنجو گهوڙو منهنجو جوڙو. ماڻهو حيرت مان هڪ ٻئي کي تڪڻ لڳا. يا الاهي هي ڪهڙي ماجرا آهي......؟ هي شخص ڪو چريو آهي، مجنون آهي يا هن کي خفقان ٿي ويو آهي. ان شخص ٻڌايو ته مون حبس دم وارو عمل فلان بادشاهه جي زماني ۾ فقط گهوڙو ۽ جوڙو وٺڻ لاءِ ڪيو هو.

## ساهه جا ٻه رُخ:

تخليقي فارمولن جو علم رکندڙ ماڻهو اهو ڄاڻن ٿا ته ڪائنات ۽ ڪائنات جي اندر سمورن مظهرن جي تخليق ٻن رُخن تي ڪئي ويندي آهي. ان حقيقت جي روشني ۾ ساهه جا ٻه رُخ متعين آهن. هڪ رُخ اهو آهي ته ماڻهو ساهه اندر ڇڪي ٿو ۽ ٻيو رُخ اهو آهي ته ساهه ٻاهر ڪڍيو وڃي ٿو. گهرائي ۾ ساهه کڻڻ صعودي حرڪت آهي ۽ ساهه جو ٻاهر اچڻ نزولي حرڪت آهي. صعود ان حرڪت جو نالو آهي جنهن حرڪت ۾ تخليق

جو رابطو سڌو سنئون خالق سان قائم آهي. نزولي حرڪت جو نالو جنهن ۾ ماڻهو غيب کان پري ٿي ويندو آهي. ٽائيم ۽ اسپيس جي گرفت ان مٿان مُسلط ٿي ويندي آهي.

جڏهن ڪجهہ بہ نہ هو، الله هو ـــ الله تعاليٰ چاهيو ۽ سڄي ڪائنات تخليق ٿي وئي. نقطو اهو ظاهر ٿيو تہ تخليق جو بنياد الله تعاليٰ جو چاهڻ آهي. الله تعاليٰ جو چاهڻ، الله جو ذهن آهي، يعني ڪائنات ۽ اسان جو اصل وجود الله جي ذهن ۾ آهي. قانون اهو آهي تہ شئي جي وابستگي اصل سان برقرار نہ رهي تہ اها شئي قائم نٿي رهي. ان وابستگي جو قيام ظاهري خدوخال ۾ صعودي حرڪت سان قائم آهي. صعودي حرڪت اندر ساهہ کڻڻ آهي، ان جي برعڪس اسان جي جسماني سڃاڻپ بہ آهي. ان جسماني ۽ مادي سڃاڻپ جو بنياد نزولي حرڪت آهي.

## توانائي ۽ روح:

ڪائنات ۽ ان جي اندر سيئي مظاهر هر لمحي ۽ هر پل هڪڙي سرڪل ۾ سفر ڪري رهيا آهن. ڪائنات ۾ سيئي مظهر هڪٻئي سان آشنا ۽ متعارف آهن. تعارف جو هي سلسلو خيالن تي مبني آهي. سائنس هن خيالن جي ڏي وٺ ۽ رشتي کي توانائي جو نالو ڏنو آهي. سائنسي لحاظ کان ڪائنات جي هر شئي چاهي اها مَرئي (VISIBLE) هجي يا غير مرئي (INVISIBLE) مڪمل طور فنا ناهي. انهن جو چوڻ آهي مادو مختلف شڪلين ۾ پيچ ڊاهہ ڪري توانائي بنجي وڃي ٿو. توانائي روپ بدلائي بدلائي اڳيان ايندي رهندي آهي. مڪمل موت ۽ فنائيت ڪنهن تي بہ وارد ناهي ٿيندي. روحانيت ۾ هن توانائي کي روح جو نالو ڏنو ويو آهي. اُهي خيال ۽ تصور لهرن ۽ شعائن جي آڌار تي هڪ ئي وقت، هر گهڙي، هر پل سفر ۾ مصروف رهن ٿا. جيڪڏهن اسان جو ذهن انهن لهرن کي پڙهڻ ۽ انهن کي حرڪت ڏيڻ تي قدرت حاصل ڪري وٺي تہ انسان ڪائنات جي تصويري خانن ۾ خيالن جي ردوبدل سان وقوف حاصل ڪري سگهي ٿو. جيستائين ڪائنات کان واقف نٿا ٿيون تيستائين ڪائنات جي دل ۾ داخل ٿي نٿا سگهون، ڪائنات ۽ دنيا جي افق ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسين ساهہ جي ان رخ تي ڪنٽرول حاصل ڪري وٺون، جنهن رخ تي صعودي حرڪت جو قيام آهي.

ساهہ جو گهرائي ۾ وڃڻ لاشعور آهي ۽ ساهہ جو گهرائي مان ظاهري سطح تي اچڻ شعور آهي. شعوري زندگي حرڪت ۾ هوندي آهي تہ لاشعوري زندگي پردي ۾ هلي ويندي آهي. لاشعوري زندگي ۾ شعوري حرڪتون مغلوب ٿي وينديون آهن. هن قانون کان باخبر ٿيڻ لاءِ شعوري ۽ لاشعوري ٻنهي جي تحرڪ جو علم حاصل ڪرڻ ضروري آهي. ذهن جون پراسرار قوتون انهيءَ وقت ڪم ڪنديون آهن، جڏهن ذهن ساهہ جي صعودي حرڪت جو احاطو ڪري وٺي. ائين ٿيڻ سان اسان جي اندر مرڪزيت ۽ توجهہ جون صلاحيتون نمايان ٿي وڃن ٿيون.

ياد رکو...! اسان جي اِنر (INNER) ۾ نصب ٿيل اينٽينا (ANTENNA) ان وقت ڪجهہ نشر ڪرڻ يا قبول ڪرڻ جي لائق هوندي آهي جڏهن ذهن ۾ توجهہ ۽ مرڪزيت جون صلاحيتون گهٽي مقدار ۾ موجود هجن. انهن صلاحيتن جو ذخيرو ان مهل فعال ۽ متحرڪ ٿيندو آهي جڏهن اسين پنهنجي سڄي توجهہ، يڪسوئي ۽ صلاحيتن سان گڏ صعودي حرڪت ۾ هليا وڃون.

# زندگي ۾ ساھ جو عمل دخل

ماورائي علم سکڻ لاءِ مضبوط اعصاب ۽ طاقتور دماغ جي ضرورت هوندي آهي. اعصابن ۾ لچڪ پيدا ڪرڻ لاءِ دماغ کي متحرڪ رکڻ ۽ قوت ڪارڪردگي وڌائڻ لاءِ ساھ جون مشقون بي حد مفيد ۽ فائدي مند آهن. قلندر شعور جو مسافر جڏهن ساھ جي مشقن تي ڪنٽرول حاصل ڪري وٺي ٿو. تڏهن دماغ جي اندر ريشي ۽ خلين جي حرڪت ۽ عمل ۾ اضافو ٿي ويندو آهي. انر (INNER) ۾ ساھ روڪڻ سان دماغ جا خليا چارج ٿي وڃن ٿا. جيڪي انسان جي خُفيا صلاحيتن کي بيدار ٿيڻ، اڀرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ جا بهترين موقعا فراهم ڪن ٿا.

ماهرين روحانيت ساھ جي مشقن جا قانون ۽ طريقا ٺاهيا آهن. جيڪڏهن انهن طريقن تي عمل ڪيو وڃي، تہ تمام گهڻا روحاني ۽ جسماني فائدا حاصل ٿيندا. اها ڳالهہ واضح ٿي آهي تہ زندگي جو دارومدار ساھ تي آهي. انساني زندگي ۾ وهم، خيال، تصور، ادراڪ، احساس سيئي ان وقت موجود آهن جيستائين ساھ جو سلسو جاري آهي. ساھ جي ذريعي ئي ماڻهو جي اندر صحت بخش لهرون منتقل ٿين ٿيون. ساھ جي ذريعي ئي ماڻهو فضا ۾ پکڙيل بدبوءِ، دونهون ۽ آلودگي سان بيمار ٿئي ٿو. صاف ۽ کليل فضا ۾ ويهي ساھ کڻڻ وقت جيڪڏهن اهو تصور ڪيو وڃي تہ فضا مان صحت ۽ توانائي جون لهرون منهنجي اندر وڃي رهيون آهن جسم ۾ جذب ٿي رهيون آهن تہ واقعي ائين ئي ٿي ويندو آهي.

ساھ جون خاص مشقون دراصل خون جي دوري کي تيز ڪنديون آهن. دماغي صلاحيتن کي اجاگر ڪنديون آهن. فرسوده جذبات کي ٿڌو ڪنديون آهن. ڪنهن عُمدي خون صاف ڪندڙ دوا وانگي خون صاف ڪنديون آهن. ساھ جي مشقن سان ماڻهو تقريباً پنهنجي هر بيماري جو علاج ڪري سگهي ٿو. مثال طور، پيٽ جون بيماريون، معدي ۽ آندن ۾ السر، قبض، نزلو زڪام، مٿي جو سور، مرگهي ۽ ٻين قسمن جي دماغي دورن، نظر جي ڪمزوري وغيره. ساھ جي مشقن کي علاج جي قائدن مطابق جيڪڏهن وقت جي پابندي سان انجام ڏنو وڃي تہ سيني، گلي، نڪ وغيره جون بيماريون ازخود ختم ٿي وڃن ٿيون. اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ سٺ ستر سالن جا پوڙها ماڻهو جن ساھ جي ڪنهن منتخب مشق کي معمول بنايو آهي هشاش بشاش ۽ نوجوانن وانگي تازه توانا رهندا آهن. آخري وقت ۾ انهنجي ڪل سرجڻ کان محفوظ رهندي آهي. پُرمردگي ۽ افسردگي انهن جي ويجهو ناهي ايندي. جيڪي ماڻهو استاد جي نگراني ۾ ساھ جي مشق وقت جي پابندي سان ڪن ٿا انهن جي اندر خيالن جي منتقلي (TELEPATHY) جي اهڙي قوت پيدا ٿي ويندي آهي جو هو پري پري تائين پنهنجا احڪامات پهچائي سگهي ٿو. منهنجو پنهنجو هڪ ذاتي واقعو پيش ڪندس. قلندر شعور جي باني قلندر بابا اوليا جي نگراني ۾ ساھ جي مشق جي دوران هڪ ڏينهن مون کي خيال آيو، جڏهن زندگي جو دارومدار ساھ تي آهي ۽ زمين تي موجود هر شئي روشني جي جسم (AURA) ۾ بند آهي. تہ پوءِ ڪهڙي ضرورت آهي جو ماڻهو اتو ڳوهي، ماني پچائي ۽ ڪاڏو ڪائڻ جي تڪليف ڪري. هي خيال هر روز سج اڀرڻ مهل گهرو ٿيندو ويو......

## روشنين مان تيار ڪيل ڪاڏو:

هڪ ڏينهن جڏهن آئون سج ايرڻ کان اڳ ۾ اتر طرف مهاڙ ڪري ساهه جي مشق ڪري رهيو هئس. تڏهن دماغ جو هڪ دروازو کليو ۽ ان دروازي مان اهو خيال وارد ٿيو تہ فضا مان اهي روشنيون ۽ عنصر جن مان ڇٽا تخليق ٿيندا آهن منهنجي اندر ۾ داخل ٿي رهيا آهن. مون جسم مثالي (AURA) جي اک سان اهو ڏٺو تہ منهنجي اڳيان تمام عمدي قسم جا ڇٽا رکيل آهن. ۽ منهنجو جسم مثالي انهن ڇٽن کي کائي رهيو آهي. ٻئي ڏينهن منهنجي اندر صوف کائڻ جي خواهش ٿي. وري دماغ ۾ دروازو کليو ۽ فضا ۾ پکڙيل اهي روشنيون جيڪي صوف تشڪيل ڏين ٿيون هڪ جڳهہ گڏ ٿي صوف ٿي ويون ۽ مون صوف کاڌا. قصو مختصر اهو کائڻ پيئڻ جو سلسلو سترنهن ڏينهن تائين قائم رهيو. انهن سترنهن ڏينهن ۾ کائڻ پيئڻ جي ڪنهن بہ شئي ڏانهن منهنجو ڌيان نہ ويو. جنهن شئي کي کائڻ تي دل چوندي هئي يا جسماني اعتبار کان منهنجي اندر انرجي ذخيرو ڪرڻ جي تقاضا پوري ٿي ويندي هئي. آئون ساهه جي ذريعي ان انرجي کي پنهنجي اندر منتقل ڪري ڇڏيندو هئس. فضا ۾ پکڙيل انهن روشنين جي کاڌي پيتي جي ان عمل سان منهنجي اندر قلندر شعور جي اک ايتري قدر طاقتور ٿي وئي جو پٿر ۽ سرن جون ديوارون سنهڙي ڪاغذ وانگي نظر ايندیون هيون. تمام پري پري جا آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا. جيڪو شخص سامهون ايندو هو ان جا خيال ۽ سوچ منهنجي ذهن جي اسڪرين تي منتقل ٿي ويندا هئا. ان زماني ۾ وڏا عجيب تجربا ٿيا. جيڪو شخص شڪل مان پرهيزگار هو، ان جي خيالن جي گدلاڻ سان دماغ متعفن ٿي ويندو هو. جيڪو شخص شڪل صورت جي اعتبار سان زاهد ۽ متقي نہ هو ان جي خيالن جي لهرون هلڪيون ڦلڪيون ۽ خوشبودار محسوس ٿينديون هيون. عجائبات جي هڪ دنيا روشن ٿي چڪي هئي.

## روشنين جو گودام :

جهڙي نموني ساهه جي مشقن جي ذريعي شعور يا جسماني نظام طاقتور ٿيندو آهي. اهي طرح صعودي ساهه جي ذريعي انسان جي روح ۾ نور جا اهڙا ذخيرا گڏ ٿي ويندا آهن جن ذخيرن سان ماٺهو فڪشن (FICTION) ۽ مفروضي حواس مان نڪري حقيقي دنيا (غيب جي دنيا) ۾ پهچي ويندو آهي. ساهه جي مشق سان انسان جي اندر ذخيرو ڪرڻ وارن موجود ڇهہ اسٽور مختلف جڳهين تي آهن. انهن گودامن ۾ جيڪي روشنيون جمع ٿينديون آهن. انهن جا مختلف رنگ آهن.

پهرين گودام ۾ زرد رنگ، ٻئي ۾ سُرخ، ٽئين ۾ سفيد رنگ، چوٿين ۾ سائو رنگ، پنجين ۾ نيرو رنگ، ڇهين ۾ بنفشي رنگ جون روشنيون جمع آهن. انهن رنگن جي ميلاپ (COMBINATION) سان تمام گهڻا رنگ نهن ٿا. هي رنگ دراصل زندگي ۾ ڪم اچڻ وارن جذبن جو آئينو هوندا آهن.

## رنگين شعائون:

نظر جي حد تائين زمين ڏانهن ايندا سين تہ نيري رنگ جون لاتعداد رنگين شعائون ملنديون. رنگن جو هڪ منظر اسان کي نظر اچي ٿو. انهن ۾ روشني، آڪسيجن گيس، نائٽروجن گيس ۽ ٻيا ڪيترائي گيس شامل آهن. انهن گيسن ڪانسواءِ ڪجهه پاچا (SHADES) بہ هوندا آهن. جيڪي هلڪا هوندا آهن. يا سنها، ڪجهه جزا اهڙي طرح آسماني رنگ ۾ شامل هوندا آهن جنهن سان فضا ۾ اسان کي رنگن جو فرق نظر اچي ٿو. ان فضا ۾ نگاهہ ۽ نظر جي حد جي وچ ۾، باوجود آسمان صاف هوندي بہ ڪافي ڪجهه موجود آهي.

پھرين اسان انهن روشنين جو ذڪر ڪريون ٿا. جيڪي خاص طور تي آسماني رنگ تي اثر انداز ٿين ٿيون. روشنين جو سرچشمو ڇا آهي. ان جو بلڪل صحيح علم انسان کي نہ آهي. قوس و قزح جو جيڪي فاصلو بيان ڪيو وڃي ٿو اهو زمين کان تقريباً نو ڪروڙ ميل آهي. مطلب اهو ٿيو تہ جيڪي رنگ اسان کي ويجها نظر اچن ٿا اهي نو ڪروڙ ميل جي مفاصلي تي واقع آهن. اهو سمجهڻ ڏکيو ڪم آهي تہ سج ۽ زمين جي وچ ۾ ڪرڻن ڪانسواءِ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون موجود آهن جيڪي فضا ۾ تحليل ٿينديون رهن ٿيون.

جيڪي ڪرڻا سج مان اسان تائين منتقل ٿيندا رهن ٿا انهن جو ننڍي کان ننڍي جُز فوٽان (PHOTAN) سڏجي ٿو. ان فوٽان جي وصف اها آهي تہ ان ۾ اسپيس ناهي هوندو. ان ڪري جڏهن هي ڪرڻن جي شڪل ۾ پکڙجن ٿا، نہ هڪٻئي سان ٽڪرجن نہ ئي هڪ ٻئي جي جڳهہ والارين ٿا. ٻين لفظن ۾ جڳهہ نٿا والارين ان وقت تائين جيستائين ٻئي رنگ سان ٽڪرائين.

فضا ۾ جيتري قدر عنصر موجود آهن. انهن مان ڪنهن عنصر سان فوٽان جو ٽڪراءُ ئي ان کي اسپيس ڏئي ٿو. دراصل هي فضا ڇا آهي...؟ رنگن جي ورهاست آهي. رنگن جي ورهاست جهڙي نموني ٿئي ٿي اها اڪيلي فوٽان جي وهڪري سان نٿي ٿئي پر انهن حلقن سان ٿئي ٿي جيڪي خود فوٽان بنجن ٿا. جڏهن فوٽان جو انهن دائرن سان ٽڪراءُ ٿيندو آهي تڏهن اسپيس يا رنگ وغيره ڪيئن شيون بنجي وڃن ٿيون.

## ڪرڻن ۾ دائرا:

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڪرڻن ۾ اهي حلقا ۽ دائرا ڪيئن پيا. اسان کي تہ اها ڄاڻ آهي تہ اسان جي ڪهڪشائي نظام ۾ تمام گهڻا اسٽار يعني سج آهن. اهي ڪتان نہ ڪتان روشني ونن ٿا. انهن جو وچ وارو مفاصلو گهٽ ۾ گهٽ پنج نوري سال ٻڌايو وڃي ٿو. جتي انهن جون روشنيون پاڻ ۾ ٽڪرائجن ٿيون. اهي روشنيون حلقا ناهي ڇڏين ٿيون. جيئن اسان جي زمين يا ٻيا سيارا آهن. ان جو مطلب هي ٿيو تہ سج مان يا ڪنهن ٻئي اسٽار مان جن جو تعداد اسان جي ڪهڪشان نظام ۾ ٻہ ڪرب ٻڌائي وڃي ٿو انهن جون روشنيون سَوَن جي تعداد تي مشتمل آهن. جتي انهن جو ٽڪراءُ ٿئي ٿو اتي هڪ دائرو نهي وڃي ٿو جنهن کي سِتارو چون ٿا.

## برقي رو ڪيميرا:

دماغ ۾ ڪربين خانا هوندا آهن. انهن مان برقي رو گذرندي رهي ٿي. ان برقي رو جي ذريعي خيالن، شعور، لاشعور ۽ تحت الشعور مان گذرندا رهن ٿا. دماغ جو هڪڙو خانو اهو آهي جنهن ۾ برقي رو فوٽو ڪيندي رهي ٿي ۽ ورهاست ڪندي آهي. هي فوٽو تمام تر باريڪ هوندا آهن يا بلڪل ئي چمڪدار.

هڪڙو ٻيو خانو آهي. جنهن ۾ ڪجهہ ڳالهيون هونديون آهن. پر اهي ايتريون اهم ناهن هونديون جيڪي سالن جا سال گذرڻ کان پوءِ بہ ياد اچن. هڪ ٽيون خانو ان ۾ تمام اهم ڳالهين کي جذب ڪندو آهي ان شرط سان ڪڏهن ڪڏهن ياد اچي وڃن ٿيون. چوٿون خانو معمول مطابق آهي جنهن جي ذريعي ماڻهو عمل ڪري ٿو پر ان ۾ ارادو شامل نہ هوندو آهي. پنجون خانو اهو آهي جنهن ۾ گذري ويل ڳالهيون اوچتو ياد اچي وينديون آهن جنهن جو زندگي جي ڪار گذاري سان تعلق نہ هوندو آهي. هڪڙو ڇهون خانو اهڙو هوندو آهي جنهن ۾ يا تہ ڪا ڳالهہ ياد ناهي ايندي جيڪڏهن ياد اچي ٿي تہ جلدي ان سان گڏ عمل ٿيندو آهي. هن جو مثال اهو آهي تہ ڪنهن پڪي جو خيال آيو. خيال ايندي ئي عملي طور تي اهو پڪي اڳيان آهي. ستون خانو جنهن کي عام طور تي اصطلاح ۾ "حافظو" (MEMORY) چون ٿا.

دماغ ۾ گڏ وچڙ آسماني رنگ اچڻ سان ۽ سمائجڻ سان خيال، ڪيفيتون، محسوسات وغيره برابر بدلجندا رهن ٿا. آهستي آهستي انسان انهن خيالن ڪي ملائڻ سڪي وني ٿو. انهن مان جن خيالن ڪي بلڪل ڪٽي ڇڏي ٿو. اهي حذف ٿي ويندا آهن. جيڪي حذف ٿي وڃن ٿا، اهي عمل بنجي وڃن ٿا. انهن رنگن جا پاڇا، هلڪا، وزني طرح طرح سان پنهنجو اثر گهٽ وڌ پيدا ڪندا آهن. فورن پنهنجي جڳهه ڇڏي ڏين ٿا، ته جيئن ٻيا پاڇا انهن جي جڳهه وني سگهن. ڪيترائي پاڇا جيئن جڳهه ڇڏين ٿا محسوسات بنجن ٿا، ان ڪري جو اهي گهرا هوندا آهن.

## اعصابي نظام:

اسان جي سڄي اندرين ۽ ٻاهرين چرپر ڪي اعصابي نظام ڪنٽرول ڪري ٿو. انهن ۾ آهستگي پيدا ڪري ٿو. اعصابي نظام ۾ دماغ ۽ حرام مغز ڪان سواءِ اسان جي بدن ۾ اعصاب جو هڪ ڄار وڇايل آهي. اعصاب جو ڪردار وڏي اهميت وارو آهي. ڇو ته ان ذريعي جسم جا مختلف پيغام دماغ ۽ حرام مغز تائين پهچن ٿا. اسان اهو ڄاڻي وٺون ٿا ته اسين ڇا ڏسي رهيا آهيون. ڇا ٻڌي رهيا آهيون ۽ ڇا محسوس ڪري رهيا آهيون.

اعصابي نظام ۾ مرڪزي ڪردار دماغ جو آهي. جيڪو کوپڙي ۾ بند آهي. ان جا ٽي حصا آهن. دماغ جو وڏو حصو اٽڪل پنج سينٽي ميٽر ڊگهائي مرڪزي شگاف ڪان ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. انهن حصن ڪي اسان ساڄو دماغ ۽ کاٻو دماغ چئون ٿا. ساڄو دماغ جسم جي کاٻي حصي ڪي ڪنٽرول ڪري ٿو. ۽ کاٻو دماغ جسم جي ساڄي حصي ڪي ڪنٽرول ڪري ٿو.

دماغ جي مٿين سطح تي هڪ هلڪي سُرمئي رنگ جو مادي ته هوندو آهي. ان جي هيٺان سفيد رنگ جو هلڪو ته هوندو آهي. سفيد دماغ سوچ ويچار، تفڪر، غور ۽ فڪر ڪي ڪنٽرول ڪري ٿو. هلڪي سُرمئي رنگ جو دماغ اها جڳهه آهي جتي سڄي جسم مان پيغام اچن ٿا ۽ اتان ڪان مختلف پيغام جسم ڪي واپس موڪليا وڃن ٿا. هي جسم جي عضلات ڪي ڪنٽرول ڪن ٿا. ان ڪانسواءِ اک، ڪن، نڪ جي حسن جو مرڪز به هن دماغ ۾ هوندو آهي.

دماغ جو پهريون حصو (MEDULA OBLONGATA) دل جي ڌڪ ڌڪ ڪي ڪنٽرول ڪري ٿو. يوگا وارا ساهه جي مشقن جي ذريعي ان ڳالهه تي ڪنٽرول ڪري ونن ٿا. ميڊولا آڪسيجن جو وڏيک مقدار ۾ ذخيرو ڪري ڊگهي عرصي تائين ساهه کڻڻ ڪانسواءِ زنده رهي سگهن. اهي ڪيترن ئي سالن تائين مرده رهندي ٻيهر جيئرا ٿي وڃن ٿا، حرام مغز اعصابي نسيحن جو مجموعو آهي. جيڪو ڊگهي ڏوري جي شڪل ۾ ريڙهه جي هڏي جي سوراخ ۾ واقع آهي. هي دماغ ۽ جسم جي وچ ۾ رابطو قائم رکي ٿو. جسم ڪي سموري پيغامن جي ورهاست حرام مغز ذريعي ٿيندي آهي.

دل جي ڌڙڪڻ، وڌڻ ۽ سُڪڙڻ جو عمل برقي رو تي قائم آهي. بجلي جون لهرون دل ڪي ڦهلائڻ ۽ سڪڙڻ جو ڪم ڪن ٿيون. بلڪل اهڙي نموني جيئن ڪنهن مشين ڪي هلائڻ لاءِ برقي رو ڪم ڪندي آهي.

اهڙي طرح اسانجو سڄو جسماني نظام اعصاب جي عملن جو مرڪز آهي. جنهن ۾ برقي رو يا اليڪٽرسٽي ڊوڙندي رهي ٿي. ٻين لفظن ۾ اسان اهو چوڻ تي مجبور آهيون ته اسان جو جسماني نظام برقي رو يا روشني تي قائم آهي ۽ هي سمورو نظام روشني مان فيد ٿيندو رهي ٿو.

## مراقبو:

مراقبي جي تشريح ڪندي قلندر بابا اولياءؒ فرمائين ٿا، مراقبو هڪ اهڙو عمل آهي جنهن ۾ انسان دنيائي حالتن ۽ واقعن، دنيائي دلچسپين ۽ زمان مڪان جي بندشن کان آزاد ٿي وڃي ٿو. غيب جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ ان وقت تائين ممڪن نہ آهي جيستائين انسان زمان ۽ مڪان کان آزاد نہ هجي. يعني جسماني گوشت پوست ۽ جسماني تقاضن کان جيستائين ڪو ماڻهو ذهني طور تي يڪسو نٿو ٿئي غيب جي دنيا ۾ داخل ٿي نٿو سگهي. جسماني تقاضائن کان آزاد ٿيڻ جو مطلب اهو ناهي تہ انسان جي مٿان موت وارد ٿي وڃي، مطلب اهو تہ انسان جسماني تقاضائن کي ثانوي حيثيت ڏئي ۽ جتان کان جسماني تقاضا کي روشني جي شڪل ۾ نزول ڪري رهي آهي ان طرف متوجہ ٿي وڃي.

مراقبي جو آسان طريقو هي آهي تہ ماڻهو ڪنهن تاريڪ گوشي ۾ سردي معمول کان مٿي نہ هجي، آرام واري جڳهہ تي ويهي رهي. هٿ، پير ۽ جسم جا سمورا اعصاب ڍلا ڪري ڇڏي. پنهنجي مٿان اهڙي ڪيفيت طاري ڪري جنهن ڪيفيت ۾ جسم جي موجودگي ڏانهن ذهن هٽي وڃي، ساهہ گهرائي سان ڪنيو وڃي، گهرائي ۾ ساهہ ڪڍڻ سان ساهہ جي رفتار ۾ بيهڪ پيدا ٿي وڃي ٿي. اکيون بند ڪيون وڃن ۽ بند اکين سان پنهنجي اندر ڏسڻ، جاچڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. خيال ۽ عمل پاڪيزه هجن، خيال ۽ عمل جي پاڪيزگي ائين ڪئي وڃي تہ ڪنهن کي برو نہ سمجهي، ڪنهن ڏانهن بغض نہ رکي، جيڪڏهن ڪنهن مان تڪليف پهچي تہ انتقام نہ وٺي ۽ معاف ڪري ڇڏي. زندگي جون ضرورتون ۽ روزگار جي حصول ۾ عضون جو وظيفو پورو ڪري جهدوجهد ۾ ڪوتاهي نہ ڪري ... ڪنهن عمل مان اهو محسوس ٿئي تہ مون کان ڪنهن جي دل آزاري ٿي وئي آهي يا ڪنهن سان زيادتي ٿي وئي آهي، بنا فرق جي هو ڪمزور هجي، غريب هجي، ننڍو هجي يا وڏو ان کان معافي وٺي ورتي وڃي. ماڻهو جيڪو ڪجهہ پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو اهو ٻين جي لاءِ پسند ڪري. ذهن ۾ مال دولت جي اهميت نہ هجي، الله تعالىٰ جي طرفان عطا ڪيل وسيلا استعمال ڪري. پر دنيائي وسيلن کي زندگي جو مقصد نہ بنائي. جيتري قدر ممڪن هجي....... الله تعالي جي مخلوق جي خدمت ڪئي وڃي.

جنهن شخص جي اندر پاڪيزه خيال، پاڪيزه صفتون موجود آهن. مراقبي جي عمل سان ان ۾ لطيفو نفسي (لطيفي جي باري ۾ اڳ ۾ تفصيل اچي چڪو آهي) جلد رنگين ٿي ويندو آهي. لطيفي نفسي جي رنگين ٿي وڃڻ سان شعور جي اندر جيڪا جلا پيدا ٿي ويندي آهي شعور جو آئينو شفاف ٿي ويندو آهي.

مراقبو هڪ اهڙو عمل آهي جنهن ۾ روحاني استاد يا مرشد جي حڪم جي تعميل ضروري آهي. سالڪ يا روحاني شاگرد جي اندر جيڪڏهن غير ضروري چو چا ۽ تعميل نٿو ڪري تہ مراقبي جو عمل پورو ٿي نہ سگهندو، مراقبي ۾ ڪاميابي جي لاءِ ۽ مراقبي جو صحيح نتيجو حاصل ڪرڻ لاءِ خود سپردگي ضروري آهي.

مراقبي جي ذريعي انسان ظاهري دنيا وانگي باطني دنيا کان واقفيت حاصل ڪري سگهي ٿو. جڏهن سالڪ غيب جي دنيا ۾ داخل ٿي ويندو آهي، تڏهن جهڙي طرح هو عالم ناسوت يا هن دنيا ۾ زندگي گذاريندو آهي. زندگي جون تقاضائون پوريون ڪندو آهي. اهڙي طرح هو غيب جي دنيا ۾ نظام شمسي ۽ ٻين آسمانن جو سير ڪري ٿو. فرشتن سان متعارف ٿئي ٿو. انهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري ٿو. ان جي اڳيان سموريون حقيقتون اچي وڃن ٿيون. جن حقيقتن تحت ڪائنات تخليق ٿي آهي. هو اهو بہ ڏسي ٿو تہ ڪائنات جي ساخت ۾ ڪهڙي قسم جون روشنيون وسي رهيون آهن. انهن روشنين جو دامدار (SOURCE) ڪهڙو آهي. هي روشنيون ڪهڙي نموني تخليق ٿي رهيون آهن. ڪائنات جا فرد ڪهڙي طرح تقسيم ٿي رهيا آهن. روشنين جي مقدار جي مٿاسٽي سان ڪائنات جا نقش ڪهڙي نموني ڪئين نهي رهيا آهن. سالڪ جي اک اهو بہ ڏسي

تہ روشني جو بنياد نور آهي. پوءِ ان تي اها تجلي بہ منڪشف ٿي ويندي آهي جيڪو روشنين کي سنڀالڻ واري ئي جو اصل آهي.

قلندر شعور جي باني قلندر بابا اولياءؒ جن مراقبي جو هڪ مربوط نظام قائم ڪيو آهي. هن نموني ڪنهن بہ علم کي سکڻ لاءِ شاگرد استاد جي سرپرستي ۾ الف-بي-پ-ت پڙهندو آهي. پوءِ جملا ناهڻ سکندو آهي. ان کان پوءِ وڏا وڏا ڪتاب پڙهڻ ان جو معمول بنجي ويندو آهي. اهڙي طرح ماورائي علم سکڻ جي لاءِ روحاني استاد جي سرپرستي ضروري هوندي آهي.

بين الاقوامي تنظيم ”قلندر شعور“ درس ۽ تدريس جي لاءِ اوپن يونيورسٽيءَ جي بنياد تي اسباق ۽ مراقبن جو هڪ نصاب تيار ڪيو آهي. دنيا ۾ ڪنهن بہ جڳهہ تي موجود فرد ماورائي علم سکڻ جي خواهش رکندڙ شخص هيٺين ايڊريس تي رابطو قائم ڪري سگهن ٿا.

مرڪزي مراقبہ هال،
سرجاني ٽائون، نزد ڪي - ڊي - اي آفيس،
ڪراچي، سنڌ.